
جديد سنڌ جو قومي سرواڻ
الله بخش سومرو
تحقيق ۽ ترتيب:
محبوب علي سومرو
Publication

جديد سنڌ جو قومي سرواڻ

# شهيد الله بخش سومرو

تحقيق ۽ ترتيب

محبوب علي سومرو

M4 PUBLICATION

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ



كتاب جو نالو: جديد سنڌ جو قومي سرواڻ شهيد الله بخش سومرو
ليکڪ: محبوب علي سومرو
صنف: شخصيات
ڇاپو: پهريون
ڇاپي جو سال: 2014ع
ڪمپوزنگ: عارف ڪريم مغل
ٽائيٽل: سهيل احمد شيخ
ڇپائيندڙ: ماءِ پبليڪشن
قيمت: 200 رپيا
ڪتاب نمبر: ويهون
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.


### ڪتاب ملڻ جا هنڌ

ڪانياواڙ ڪتاب گهر، اردو بازار ڪراچي- ٿامس ائنڊ ٿامس، ريگل چوڪ ڪراچي - ڪنگ پن ڪتاب ميلو پريس ڪلب حيدرآباد - اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور - ڪامريڊ ڪتاب گهر، ڄامشورو- تهذيب نيوز ايجنسي ۽ بڪ شاپ، پنج گلو خيرپور- الفتاح نيوز ايجنسي ۽ ڪتاب گهر، مهراڻ مرڪز سکر- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ سکر- ناولٽي بڪ اسٽور، ميرپور ماٿيلو- المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ- ڪنگري بڪ هائوس، ميرپور خاص


لکپڙهه لاءِ:

**ماءِ پبليڪيشن، سکر**

03213985031

**ارپنا**

منهنجي والد علي بخش سومري

۽ منهنجي امڙ صدوريءَ

جي نالي

# فهرست

1.پبلشر نوٽ/6
2.ليکڪ پاران : محبوب علي سومرو/7
3.سياسي ڏاهو : محمد ابراهيم جويو/15
4.پيش لفظ: ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي/21
5.جيئڻ ۽ جاڳڻ جي وچ ۾ فاصلا گهٽايون: عطا محمد ڀنڀرو/23
6.محسن ڪش قوم جو مظلوم هيرو: عزيز الله بوهيو/28
7.سنڌ جو بي مثال وزيراعظم!: عبدالواحد آريسر/33
8.عظيم ليڊر ۽ عمل: محمد علي قاضي/36
9.سومرا خاندان جو پس منظر/38
10. الله بخش سومري جو گهراڻو/40
11.الله بخش سومري جي نجي زندگي/43
12.سياست جي شروعات ۽ سرگرميون/51
13.عملي سياست/53
14.مسلم ليگ سان اختلاف/58
15.الله بخش سومرو ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي/64
16.سنڌ جي آزادي کانپوءِ پهرين چونڊ/66
17.سنڌ اسمبليءَ جي پهرين اليڪشن ۾ سيٽن جي لسٽ/68
18.سنڌ اسمبليءَ جي پهرين ڪابينا/72
19.مسجد منزل گاهه وارو معامرو/74
20.منزل گاهه مسجد جو تاريخي پسمنظر ۾ الله بخش جو ڪردار/82
21.دين لاءِ ڪيل ڪم/85
22.سنڌ ۾ پهرين مارشلا/87
23.وزارت اعظميٰ کان برطرفي ۾ ڪاٽن ايسوسيئيشن جو ٺهراءُ/90
24.خطابات (لقب) ڇڏڻ جو پسمنظر ۽ سبب/93

25.مقتل گاهہ ڏانهن سفر/96
26.الله بخش جي شهادت نج سياسي /100
27.شهيد الله بخش ڪيس ۾ ڪورٽ جي جج جو اعتراف/104
28.شهيد الله بخش جي سنڌ سان محبت /107
29.شهيد الله بخش جا چونڊ جملا /111
30.شهيد الله بخش بابت جديد عالمن ۽ محققن جا رايا ۽ تاثر/115
31.مختلف ماڻهن جا تاثر/119
32.جيجي رضيہ بيگم سومرو جي انٽرويو جا چونڊ ٽُڪرا/132
33.شهيد الله بخش جي لاءِ سندس پائيتي الاهي بخش سومرو جون ڳالهيون/136
34.هڪ ليڊر جي جهلڪ/140
35.هڪ مدبر سياستدان/142
36.ڪريم بخش خالد جي مقالي تان ڪنيل چونڊ ٽُڪرا /144
37.سنڌ جو سورهيہ سپوت/147

# پبلشرنوٽ

سنڌ جي ورهاڱي کان اڳ واري تاريخ ۾ ويهين صديءَ جا پهريان چار ڏهاڪا ڏاڍا اهم رهيا آهن جن ۾ سنڌ پنهنجي وجود لاءِ جهيڙو ڪندي نظر اچي ٿي. انهي ساڳي دور ۾ سنڌ اندر تاريخ ساز شخصيتن پنهنجو سياسي ڪردار به ادا ڪيو آهي. انهن شخصيتن ۾ الله بخش سومرو نمايان نظر اچي ٿو. سنڌ جو پهريون وزير اعظم بڻجڻ کان پوءِ هن ڌرتي ماءُ جو حق ادا ڪرڻ خاطر پنهنجي ڳلي ۾ شهادت جو هار پاتو. محبوب علي سومري هن ڪتاب ۾ الله بخش سومري جي سياسي زندگيءَ کان سواءِ ان جي خانداني ۽ گهريلو زندگيءَ جا ڪيترائي اهڙا پاسا سامهون آندا آهن جيڪي اڳ ۾ اوجهل هئا. ان کان سواءِ انٽرويوز، ڪتابن ۽ اخبارن جي حوالن سان ڪتاب ۾ ڏنل معلومات کي مستند ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي.

شهيد الله بخش سومري جي شخصيت بابت ڪتاب ۾ ڪجهه اهم مضمون به شامل ڪيا ويا آهن جن وسيلي الله بخش سموري جي سياسي هلچل بابت مختلف شخصيتن جا رايا به سامهون اچن ٿا. هن ڪتاب جو مواد ايندڙ وقت ۾ تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪيترو ڪارآمد رهندو اهو ته تاريخ فيصلو ڪندي پر ليکڪ پاران پوري پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي ته وڌ ۾ وڌ معلومات فراهم ڪئي وڃي ۽ پڙهندڙن کي سنڌ جي تاريخ جا اهم واقعا پڙهڻ لاءِ ملن. بنا ڪنهن مونجهاري واري ٻوليءَ جي سولي ٻولي ڪتب آندي وئي آهي. ان سان گڏ ناياب تصويرون به ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن جنهن ڪتاب جي اهميت تهائين وڌي وئي آهي.

ماءِ پبليڪشن پاران هن قسم جا ڪتاب ڇپرائڻ جو مقصد اهو آهي ته سنڌ جي تاريخ جا حصا محفوظ ٿيندا وڃن. ڪتاب جو ليکڪ سياسي ۽ سماجي موضوعن تي لکندو رهيو آهي جن ۾ هو سياسي تاريخ جا حوالا به ڏيندو رهيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته سنڌن وطن دوستي واري سياست سان ويجهڙائي رهي آهي. هاڻ پڙهندڙن کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هنن موضوع سان ڪيترو انصاف ڪيو آهي. ان کان سواءِ ناميارن دانشورن جا الله بخش سومري تي رايا ڪتاب جي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪن ٿا.

سنڌ جي تاريخ ۽ سياست تي ٿيندڙ ڪمن ۾ هن ڪتاب سان بهترين واڌارو ٿيو آهي. ڇو ته عوام جي لاءِ هن قسم جو مواد تمام گهڻو بامقصد هوندو آهي. جنهن سان سماج ۾ بهتري جو عمل تيز ٿيندو آهي.

پبلشر

# ليڪڪ پاران

**سنڌ** جي حقيقي تاريخ نہ اڳ ۾ لکي ويئي آهي نہ ئي ان کان بعد ۾ ويجهي ماضي ۾ لکي ويئي آهي. سنڌ کي انگريزن غلام بڻايو. پر ان سان گڏ سنڌ جي حيثيت کي بہ ختم ڪري بمبئي سان ملايو ويو. اسان بمبئي جو حصو ٿي ويا سون. سنڌي ماڻهو هميشہ وانگر پنهنجي ڌرتي جي آزادي لاءِ ان حيثيت کي بحال ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهندا آهن. اهڙي طرح سنڌي ماڻهن 1908ع کان تحريڪ شروع ڪئي تہ سنڌ کي بمبئي کان عليحده ڪري ساڳي حيثيت ۾ بحال ڪيو وڃي. آخر ڪار 1935ع ۾ اهڙو قانون پاس ڪيو ويو جنهن سان 1936ع ۾ سنڌ جدا صوبو قائم ڪيو ويو. سنڌ جو نالو وري زنده ڪيو ويو. انهي ۾ سنڌي ماڻهن ڀرپور حصو ورتو خاص ليڊرن ۾ سر شاهنواز ڀٽو سائين جي ايم سيد، الله بخش سومرو ۽ سر عبدالله هارون اڳواٽيءَ جو ڪردار ادا ڪيو. 1937ع ۾ سنڌ صوبي جي اليڪشن ۾ سر شاهنواز ڀٽو ۽ سر عبدالله هارون هارائي ويا. انهي گروپ مان شهيد الله بخش ڪامياب ٿيو. انهي جي اڪثريت بہ هئي. انگريز سرڪار جو خاص پيارو سر غلام حسين هدايت الله هو جنهن کي اليڪشن کٽرائڻ لاءِ هڪ الڳ طريقو رکيو ويو جيڪو ماڻهو 500 روپيا ڏل ڀريندو اهو ماڻهو ووٽ ڪندو ۽ اهي ماڻهو اڪثر ڪري ڊپٽي ڪمشنرن جي اثر هيٺ هوندا هئا. انهن کي چيو ويو تہ سر غلام حسين هدايت الله کي ووٽ ڪيو اهڙي طرح اهو ميمبر ٿي ويو. انهي اليڪشن ۾ اڪثريت الله بخش سومري جي هئي. حڪومت ٺاهڻ جو حق انهي کي ملڻ گهربو هو پر سرڪار الله بخش کي ايترو ويجهو نہ هئي تنهنڪري ڀهريون ڀيرو غير جمهوري قدم کنيو ويو ۽ سر غلام حسين هدايت الله کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. اهي انگريز جيڪي جمهوريت جا دعويدار آهن، انهن ئي اهڙو غلط قدم کنيو. انهي دور ۾ سنڌ جي تاريخ جو پهريون اپوزيشن ليڊر الله بخش سومرو ٿيو جنهن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. بجيٽ جي موقعي تي سر غلام حسين هدايت الله جي حڪومت ڪري

پئي. جنهن ڪانپوءِ الله بخش سنڌ جو وزير اعظم ٿيو. هن پنهنجي وزارت جو خاص مقصد عوامي سياست تي رکيو. هن پنهنجي وزير پير الاهي بخش کي هدايت ڪئي ته ساري سنڌ ۾ ڪليل ڪچهريون ڪري، ماڻهن جي مسئلن کي ٻڌو وڃي ۽ انهن کي حل ڪيو وڃي. حڪومت جي پاليسي ماڻهن تائين پهچائي وڃي. انهي کان علاوه الله بخش ڪميونسٽ ليڊر برڪت آزاد. جنهن جو جيڪب آباد سان تعلق هو. تنهن کي گهرائي چيائين ته سنڌ ۾ هاري ڏتڙيل آهي، اهو محنت ڪري ٿو ان اپائي ٿو بين جي لاءِ سک پيدا ڪري ٿو پر ان جا ٻچا ٻار نه ته تعليم تا پرائي سگهن نه ئي انهن کي سٺي کاڌ خوراڪ ملي ٿي، انهن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي وڃي. انهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو وڃي. جنهن لاءِ سنڌ ۾ هاري ڪانفرنسون گهرايون وڃن انهن کي پنهنجي حقن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ گهرجي. اهڙي طرح چاچا برڪت آزاد پهرين ڪانفرنس نواب شاه ٻئي روهڙي (سکر) ۽ بعد ۾ چڪ ۾ گهرائي جنهن ۾ پوري هندستان جا مک ليڊر آيا. الله بخش پاڻ انهن ڪانفرنس ۾ آيو ۽ انهن هارين سان گڏجي هيٺ ويهي رهيو. جيئن انهن ۾ احساس پيدا ٿئي ته اسان جي به حيثيت آهي. الله بخش زميندار کي چوندو هو ته جي هاري ۽ هارين جا ٻار خوش نه آهن ته اوهان به خوش نه رهي سگهندا. الله بخش سنڌ ۾ لائبريريون کولرايون ته جيئن ماڻهن ۾ شعور وڌي. اسڪولن ۾ پنهنجي ذاتي خرچ تي سليٽون ۽ ڪتاب ڏنا. ٻهراڙين ۾ مِٺي پاڻي لاءِ نلڪا لڳرائي ڏنا. آخر ۾ هن هڪ تنظيم قائم ڪرائي جنهن اهي ڪم ڪيا. انهي تنظيم Self Defance لاءِ ماڻهن ۾ سجاڳي آندي ۽ ڳوٺن ۾ انهن ماڻهن کي ان تنظيم ۾ شامل ڪيو ۽ انهن جي ٽريننگ پڻ ڪرائي وئي. ڊريس فوجي قسم جي هئي ۽ ٽوپي پاتي ويندي هئي، وڏي جوش ۽ جنون ۾ هاري ڪانفرنسون ڪرايون ويون. الله بخش چاهي پيو ته سنڌي ماڻهن ۾ تعليم ۽ شعور هجي، هارين ۾ سجاڳي اچي، ماڻهو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهن ۽ هڪ منظم تنظيم پوري سنڌ ۾ جڙي وڃي. سنڌي ماڻهن مان جاگيردارن ۽ سردارن وارو اثر گهٽجي وڃي، انهن عام ماڻهن جي شعور سان سنڌ جا بنيادي مسئلا حل ٿيندا ۽ ماڻهو پنهنجا حق وٺي سگهندو. اهڙي سوچ جي ڪري وڏيرڪي ذهنيت جا ماڻهو هن جي مخالفت ۾ ڪنا ٿيندا ويا. هي ديني ماڻهو به هو. نماز جو پابند ۽ روزي رکڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو هو پنهنجي ٻارن جهڙوڪ پٽن ۽ ڌيئرن کي نماز جي پابندي جي تلقين ڪندو هو ۽ سياري ۾ ته ننڍڙين نياڻين لاءِ پاڻي به پاڻ گرم ڪري انهن کي چوندو هو ته پاڻي گرم آهي اُٿو وضو ڪيو ۽ نماز پڙهو. هو مذهبي

انتها پسندي جي خلاف هيو. هندن توڙي ٻين مذهبن جي ماڻهن سان هڪجهڙائي سان ملندو هو. هن جي سوچ ۾ مذهبي تعصب حرام هو. هن کي شڪارپور سان ڏاڍو پيار هو. پر سموري سنڌ سان ماءُ جيان محبت ڪندو هو. هن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان انتهائي محبت هئي. هو چوندو هو تہ سنڌ جون شيون واپرايو ۽ جي نہ مڙو تہ گجرات جون استعمال ڪيو. الله بخش چاهي پيو تہ سنڌ ۾ سجاڳي اچي. سنڌي ماڻهن ۾ پنهنجي پرائي جي ڄاڻ هجي. پنهنجي حقن لاءِ هو اڳتي اچن. تعليم عام ٿئي، ڪتاب ۽ لائبريريون سنڌ جي هر شهر ۾ هجن. اهڙي جدوجهد جي ڪري انگريز سرڪار الله بخش حڪومت کان راضي نہ هوندي هئي. الله بخش حڪومت اچڻ شرط انگريز سرڪار جا وڏيرن کي ڏنل پروانا ختم ڪيا. تاقيل سيٽون ۽ برٽش حڪومت طرفان مقرر ڪيل مئجسٽريٽ جا اختيار ختم ڪيا. هن پنهنجي سرڪار جا مئجسٽريٽ مقرر ڪيا. اهڙي نموني سان انگريز سرڪار طرفان ڪيل ڪيترائي حڪم ناما هن ختم ڪيا جيڪي خصوصي طور سردارن ۽ جاگيردارن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا هئا. الله بخش هڪ مڊل ڪلاس جو انقلابي انسان هو. سنڌ ۾ اهڙو سياسي انقلاب آڻڻ چاهي پيو جيڪو هيٺين ڪلاس جي ماڻهن ۾ خوشي آڻي ۽ اهي سُکيا رهن. هاري ناري ۾ سجاڳي جي ڪوشش ڪري پيو.

الله بخش پنهنجي خاندان جو پهريون ماڻهو هو جنهن سياست ۾ دلچسپي ورتي، هن جا ڏاڏا ۽ پڙ ڏاڏا ٺيڪيدار يا واپاري هيا. الله بخش پنهنجي سياست جي شروعات جيڪب آباد کان ڪئي. هتان ئي ميمبر لوڪل بورڊ چونڊيو ويو اڳتي هلي هن کي ضلع سکر جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو ۽ بعد ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ پهرين اليڪشن ۾ ئي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. هي ڪٽنب مان پهريون ماڻهو هو جيڪو سياست ۾ آيو ۽ بعد ۾ حاجي مولا بخش، سندس پٽ رحيم بخش بہ سياست ۾ آيا ۽ اسمبلي جا ميمبر ٿيا ۽ وزير ٿيا. پر الله بخش جي سياست جي سوچ ئي نرالي هئي. الله بخش جنهن وقت ۾ سنڌ جو وزير اعظم هو ان وقت هندستان ۾ بہ وڏيون پارٽيون هيون ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پر الله بخش نہ ڪانگريس ۾ ويو ۽ نہ ئي مسلم ليگ سان گڏ رهيو. بقول سائين جي ايم سيد جي تہ الله بخش چيو تہ اسان کي ڪنهن بہ اهڙي پارٽي ۾ شامل نہ ٿيڻ کپي جيڪا هندستان ليول جي هجي، اسان کي سنڌ تي ئي ڪم ڪرڻ گهرجي. مولانا عزيزالله ٻوهي لکيو آهي تہ مولانا عبيدالله سنڌي الله بخش کي قائل ڪيو تہ هو انگريزن کي اهو واضع ڪري تہ اوهان جڏهن هن علائقي مان هليا ويو تہ پوءِ سنڌ کي انهي نموني آزاد

ڪيو جيئن اوهان سنڌ ڪسي هئي. انگريز سرڪار کي جڏهن اها ڪڙڪ پئجي ويئي ته پوءِ هو الله بخش جي وڏيڪ خلاف ٿي ويا. انهي زماني ۾ سر شاهنواز ڀُٽي کي گورنر چيو ته الله بخش مسلم ليگ ۾ شامل نه ٿيو ته پوءِ شايد ماريو وڃي. انهي وقت ۾ ئي محمد علي جناح جسٽس طيب معرفت الله بخش سان ملڻ لاءِ رابطو ڪيو. الله بخش ساڻس ملاقات ڪئي اها پهرين ملاقات اڍائي ڪلاڪ کن هلي جنهن ۾ الله بخش کي قائد اعظم سنڌ ۾ مسلم ليگ پارليامينٽ جو صدر بڻائڻ سوڌو بيون آفرس ڪيون. پر الله بخش ٻه قومي نظريي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. الله بخش جو خيال هو ته قومون مذهب جي بنياد تي نه ٺهنديون آهن. تنهن ڪري اهو قبول نه آهي. ٻيو دفعو ٻه جسٽس طيب جي معرفت ساڳي نموني ملاقات ٿي ته الله بخش ساڳي ٻه قومي نظريي کي نه مڃيو. تنهن تي الله بخش کي چيائين ته جيڪو ٻه قومي نظريي کي نه ٿو مڃي اهو مسلمان نه آهي. الله بخش چيس ته اهو منهنجو ۽ منهنجي الله جي وچ تي مسئلو آهي. مان مسلمان آهيان پر توهان جي ڳالهه جي حمايت نه ٿو ڪيان. ان کان پوءِ محمد علي جناح پنهنجي مسلم ليگ جي پارليامينٽرين جي گڏجاڻي گهرائي ۽ ان ۾ فيصلو ڪيو ويو ته الله بخش کي هٽائڻو آهي. جو ته الله بخش وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي، جنهن بعد هنن بي اعتمادي رٺ آندي جيڪا ناڪام ٿي. انهي دوران مسجد منزل گاهه جو مسئلو هلي رهيو هو مسلم ليگ وارن باهه کي پڙڪايو ۽ وڏي رتو چاڻ ڪرائي.

منزل گاهه جو مسئلو 1922ع کان هلي رهيو هو تنهن ۾ ڪيترائي ڪيس هليا جو ذڪر ڪتاب ۾ اچي چڪو آهي. وزير اعظم الله بخش سومرو ئي هو جنهن فائيل تي لکيو ته "منزل گاهه مسجد آهي." انهي لکڻ کانپوءِ هندو ٻه مخالف ٿي پيا، جو ته هنن کي خطرو هو ته ساڌ ٻيلو سامهون آهي جي اتي مسجد ٺهي ته پوءِ مسئلا پيدا ٿيندا. هندن کي الله بخش چيو: "جهڙي نموني ڪراچي ۾ هنومان مندر لاءِ جڳهه اوهان کي ڏني ويئي، اهڙي نموني هي مسجد لاءِ ڏجي ته اوهان کي ان تي اعتراض نه هئڻ گهرجي." هتي الله بخش جي خلاف سياسي هلچل هئي پر نالو هو مسجد جو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته 1922ع وارو مسئلو ڪنهن به حل نه ڪيو اهو حق به الله بخش جي لکيل آرڊر کان پوءِ ٿيو. الله بخش اهو فيصلو وزارت ڪاميٽي کان وٺڻ چاهيو پئي جنهن ۾ ٻه ميمبر مسلمان هئا ۽ هڪ هندو انهي وقت پهريون ڀيرو "اسلام خطري ۾" جو نعرو لڳو ۽ اهو ملتان جي پير جلوس ۾ هٽايو. انهيءَ کانپوءِ الله بخش وزير اعظم تان استعفيٰ ڏني، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس هندو ۽ مسلمان ٻنهي انتها پسندن جي خواهش پوري ٿي. الله بخش انتها پسندي جي خلاف هو الله بخش سيڪيولر قومپرست ۽ سوشلسٽ هو هو هر مذهب واري کي آزاد ۽ مذهب تي عمل ڪرڻ لاءِ حق ڏيڻ چاهي پيو.

ان کان بعد ۾ الله بخش جڏهن ٻيهر وزير اعظم ٿيو تہ هن جي سياسي سوچ وڌيڪ پختي ۽ مضبوط ٿيندي وئي. الله بخش پنهنجو وزن قومپرست ڌرين جي طرف رکيو. انهي دوران الله بخش هندستان ۾ آزاد مسلم ڪانفرنس ۾ صدارت ڪئي. جنهن ۾ هن انتهائي اهم خطاب ڪيو جنهن کي تاريخي حيثيت ڏيئي سگهجي ٿي. الله بخش خلاف انگريز سرڪار جي انهيءَ ڪري مخالفت وڌندي وئي تہ هن مولانا عبيدالله سنڌي کي جلاوطني ختم ڪرائي واپس گهرايو ۽ ان جو ڀاڻ استقبال ڪيو. انگريز سرڪار مولانا عبيدالله سنڌي کي جلاوطن ڪيو هو، انهن جي مخالفت ڪندي هن مولانا سنڌي کي پنهنجي ئي وزارت عظميٰ ۾ وڏي مان ۽ شان سان مهمان ڪري رهايو. مولانا عبيدالله سنڌي جون هن سان نويڪلائي ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ مولانا سنڌي هن کي ان ڳالهہ تي قائل ڪري ويئو تہ الله بخش انگريزن کي ڪليل ٻڌائي تہ سنڌين کي غلام بڻايو ويو آهي، انگريز سنڌ مان وڃن ۽ سنڌ کي پراڻي حِثيت ۾ بحال ڪن. اها ڳالهہ هن انگريز سرڪار تائين پهچائي.

الله بخش جي سوچ سائين جي ايم سيد جي لکيل ڪتاب "سنڌ ڳالهائي ٿي" ۾ واضع بيان ٿيل آهي تہ جنهن جو تفصيل بہ هن ڪتاب ۾ اچي ويو آهي. الله بخش جي دور ۾ انگريز سرڪار سنڌ اندر ڀهريون پيرو مارشلا هنئي. سنڌ جي حڪومت مارشلا وارن ضلعن ۾ حق سلب ڪيا ويا ۽ حر هلچل، جيڪا سنڌ جي آزادي لاءِ ويڙهہ ڪري پئي، تنهن کي ڪچلڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي ۽ مارشلا ڪورٽ ۾ پير صاحب پاڳاري تي ڪيس هلائي ڦاسي جي سزا ڏني وئي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ ۽ هند جي قوپرستن تحريڪون هلايون ۽ انگريزن خلاف جدوجهد پئي هلائي. الله بخش مناسب سمجهيو تہ انگريزن طرفان مليل لقب القاب واپس ڪري ۽ هن اهڙو خط وائسراءِ هند کي لکيو: "مان پنهنجا اوهان طرفان مليل خطاب پاڻ وٽ وڌيڪ نہ ٿو رکي سگهان، ڇو تہ توهان سنڌ جي ماڻهن تي سختيون پيا ڪيو ۽ اسان کي سنڌ پراڻي حيثيت ۾ بحال ڪيو." تنهن تي سنڌ جي گورنر کيس گهرائي ڇيو تہ اوهان پنهجي وزارت عظميٰ تان استعفيٰ ڏيو. جنهن تي الله بخش ورندي ڏني: " جمهوري طور وزير اعظم ۽ عوام جو چونڊيل عيوضي آهيان، توهان جي چوڻ تي استعفيٰ نہ ڏيندس." گورنر ۽ الله بخش جي اها ملاقات 10 منٽ هلي، جنهن کانپوءِ گورنر هن کي اهو ٻڌايو تہ اوهان جي حڪومت ڊس مس ڪيان ٿو. هن بعد ۾ اچي پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ حقيقت بيان ڪئي، جنهن بعد سنڌ ۽ هند ۾ وڏا احتجاج ٿيا ۽ انگريزن جي

جمهوريت جي پٽ وائڪي ٿي تہ هڪ چونڊيل نمائندي کي بغير ڪنهن ڏوهہ جي ان جي حڪومت کي ڊِس مس ڪيو ويو. ان دوران پير صاحب صبغت الله شاهہ کي ڦاسي جي سزا تي عمل ڪيو ويو ۽ مسلم ليگ جي مک ماڻهن پير علي محمد راشدي ۽ ايوب کهڙي واويلا ڪئي تہ الله بخش جي حڪومت ۾ پير صاحب کي ڦاسي ڏني وئي آهي. تاريخ شاهد آهي تہ الله بخش جي حڪومت ۾ مارشلا هئي. ان جا اختيار ختم ڪيا ويا هئا. ان وقت سنڌ جي حاڪميت لاءِ نعرو هڻندڙ پير پاڳاري ۽ بعد ۾ الله بخش کي شهيد ڪرايو ويو. انگريزن جي مسلم ليگي چاڙتن جو ان ۾ وڏو ڪردار هيو.

سنڌ جي تاريخ سان ستم ظريفي آهي جو انهن تاريخدانن ڪڏهن بہ پنهنجو قلم ڪٽي سنڌ جي اهڙي هستي تي نہ لکيو آهي ۽ حقيقتن تان پردو نہ کنيو آهي. منزل گاهہ مسجد جو پهرين دفعو حق شهيد الله بخش بحال ڪيو. رڪارڊ ٻڌائي ٿو تہ ڪيترائي سال ڪيس هلندو رهيو. مسلم ليگ جي سر هدايت الله اهڙو فيصلو نہ ڪري سگهيو. پر الله بخش پنهنجي حڪومت ۾ اهڙو فيصلو ڪيو ۽ ان سڄي صورتحال ۾ الله بخش جي سياسي تاريخ ۽ جدوجهد واضح نموني سان ڪليئر آهي، هو جديد سنڌ جو قومي اڳواڻ هو. هن سنڌ جي ماڻهن ۾ سياسي شعور، هارين ۾ سجاڳي ۽ سنڌ اندر سيلف ڊفينس نالي تنظيم ٺاهي جنهن جو مقصد سنڌ جي ٻارن کي تعليم ۽ ڀهراڙين ۾ شعور ڏيڻ هو جيئن اهي ماڻهو تنظيم ۾ شامل ٿي پنهنجي حقن جي ويڙهہ وڙهي سگهن.

اها بہ وڏي ستم ظريفي آهي تہ شهيد جا وارث بہ شهيد جي سياسي فلسفي تي عمل نہ ڪري سگهيا آهن. هالانڪ ڪيترائي دفعا الاهي بخش سومري پنهنجي ڪچهرين ۾ وضاحت ڪئي آهي تہ حاجي مولابخش پنهنجي پٽن کي گهرائي چيو تہ سنڌ سان غداري نہ ڪيو سنڌ جي حقن جي لاءِ ڪڏهن بہ پنهنجو موقف ڪمزور نہ رکجو.

اڄ سنڌ جنهن حالت ۾ آهي تہ ضروري آهي تہ سنڌي ماڻهو هن ملڪ ۾ رهندي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ منظم ٿين ۽ سنڌي ماڻهو پنهنجي تهذيب ۽ ڪلچر کي وري چٽو ڪن. اڄ سنڌ جاگيرداري سسٽم ، وڏيرڪي نظام، ڌاڙيل ڪلچر ۽ دهشتگردن جي ور چڙهيل آهي. اهڙو نيٽ ورڪ جوڙجي جيئن سنڌي ماڻهو منظم ٿيڻ لاءِ مجبور ٿين ۽ گڏجي سڏجي پنهنجي حقن جي حاصلات ۽ پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن.

مونکي شاگردي جي زماني کان ئي الله بخش سومري، مخدوم بلاول

سميت تاريخ ساز شخصيتن بابت معلومات ۽ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. مون مخدوم بلاول تي آرٽيڪل بہ لکيا ۽ اسڪول جي مئگزين ۾ ڇپيا. الله بخش تي مون ڪيترائي پيرا لکيو ۽ مون کي اهو پنهنجي والد صاحب حاجي علي بخش خان کان ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ الله بخش هڪ اعليٰ درجي جو انسان هو ۽ وڏو سياستدان هو. هن جو عام ماڻهن سان ملڻ جلڻ تمام سٺو ۽ پيار ڀريو هو. مون الله بخش جي شخصيت تي ڪافي معلومات ڪٺي ڪئي ۽ ڪتاب بہ پڙهيا. جڳت ايس برائيٽ جو انگريزي ۾ ڇپيل ڪتاب Gift of God. Nationalist No: 1 پڙهيو ۽ پوءِ مون کي وڏيڪ تجسس ٿيو تہ ان شخصيت جي باري ۾ ڪجهہ حقيقتون ڪتابي صورت ۾ آڻجن. اُن لاءِ مون پندرهن ويهہ ڪتاب ۽ ڪجهہ مقالا پڙهيا ۽ دوستن سان بہ ويچار ونديا. مون لکڻ شروع ڪيو ۽ ڪتاب جي لکڻ ۾ جيڪا مدد مونکي دوستن کان ملي ان ۾ خاص ڪري منهنجو تمام ويجهو رهندڙ اي ڪي مغل صاحب سر فهرست هئا. جنهن منهنجي مواد جيڪو لکيو ويندو هو تنهن کي ڪمپيوٽر تي پنهنجي پٽ عارف ڪريم مغل کان لکرائي ونندو هو. اهڙي طرح اهو مواد ڪٺو ٿيندو ويو. انهي ۾ خاص ڪري پروف ريڊنگ ۾ اسانجي ٺل جي سٺي لکاري نياز عودائي صاحب وڏي مدد ڪئي. ان کان علاوه هن ڪتاب ڏيڻ ۾ بہ ڪنجوسائي نہ ڪئي. اي ڪي مغل تہ مون سان هميشہ گڏ رهيو ۽ منهنجو ٻانهن ٻيلي آهي. جيڪڏهن اي ڪي صاحب جون نيڪ صلاحون ۽ ڪاوشون نہ هجن ها تہ اج مان شايد هي ڪتاب لکڻ جي لائق نہ ٿيان ها. انهي سلسلي ۾ وقت بوقت موجوده ٺهي جي سٺي ليکاري دوست ممتاز بخاري جو ٿورائتو آهيان جنهن مونکي سٺيون صلاحون ڏنيون. مون جيڪي ڪتاب ان سلسلي ۾ پڙهيا انهي جي تفصيل مددي ڪتابن جي فهرست ۾ موجود آهي. حقيقت ۾ مون کي الله بخش جي انهي ڳالهہ منجهايو تہ هي ننڍ عمر ۾ ايتري وڏي سوچ جو مالڪ هو. پنهنجي سادگي ۽ محنت سان جيڪو مانَ ماڻيو شايد ئي ڪو ماڻي سگهي ٿو. هي پڪو مسلمان هو پر هن جي سياست آزاد ۽ مذهبي ڪٽرپڻي کان آزاد هئي. مون کي هن ڪتاب لکڻ ۾ ڪافي وقت لڳو ڇو تہ مصروفيتون ٻيون بہ گهڻيون هيون، آءُ سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان جن مون کي همٿايو مون کي عرض بنگلاڻي بہ همٿائيندو هو تہ لکو ان ڪري مون ڪافي ڪالم ڪاوش، ڪوشش، عوامي آواز سوڀ، سڪار، خادم ۽ ٻين اخبارن ۾ لکيا. ڪالم لکڻ ۽ ڪتاب لکڻ ۾ وڏو فرق آهي ڪتاب لکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ هئي پر لکجي ويو.

منهنجي دوستن خاص ڪري عرض بنگلاڻي، نياز عودائي، اصغر سجاڳ، اي ڪي مغل پنهنجي راءِ ڏني تہ انهي ڪتاب تي سنڌ جي انهن سڄاڻ ماڻهن کان رايو وٺجي ۽ ان کي وڏيڪ سگهارو ڪري پيش ڪجي ان ۾ عبدالواحد آريسر، ڊاڪٽر عطامحمد ڀنڀرو مولانا عزيز الله ڀوهيو ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، محمد ابراهيم جويو محمد علي قاضي صاحب جا نالا ڏنا. انهن تمام سنڌ جي وڏين شخصيتن جو ٿورائتو آهيان جن مون ناچيز جو ڪتاب پڙهيو ۽ ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ۽ خاص طور تي محمد علي پٺاڻ جو جنهن ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي کي ڪتاب پڙهي ٻڌايو ۽ ڪجهہ لکرايو ۽ خاص ڪري محسن جويو جنهن محمد ابراهيم جويو کي هي ڪتاب پڙهي ٻڌايو ۽ محمد براهيم جويو صاحب پنهنجي طرفان جيڪو لکيو آهي اهو منهنجي لاءِ اعزاز آهي. جيڪي شيون مون کان رهجي ويون انهن پنهنجي لکت ۾ الله بخش جي ڳالهين کي شامل ڪيو. مان سمجهان ٿو سنڌ جون اهي 4 وڏيون شخصيتون جديد تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون ۽ اهي سڀ ان تي متفق آهن تہ جديد سنڌ جو قومي سرواڻ الله بخش ئي هو. ٻيو عرض تہ مو ڳوڙهي ٻولي استعمال ڪرڻ بجاءِ سڌا سادا لفظ ڪتب آندا آهن. ڪوٽ واڌ يقينن هوندي پر اصل مقصد اهو آهي تہ سنڌ جي هن عظيم شخصيت بابت جيڪي معلومات گڏ ڪئي اٿم اها پڙهندڙ تائين پهچايان.

محبوب علي سومرو

20 اپريل 2014
ٺل

# سياسي ڏاهو

سنڌ جي سياسي تاريخ جو اهو املهه ماڻڪ شهيد الله بخش سومرو آهي جنهن سدائين پنهنجي حياتي ۾ سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪئي. ننڍي کنڊ جي سياست ۾ شهيد الله بخش سومري جو ڳاٽيڻو انهن سياستدانن ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجي وطن سان سچائي جا اعليٰ مثال قائم ڪيا آهن. هو هڪ سيڪيولر ۽ لبرل ذهن رکندڙ سياستدان هو. سندس سياست مذهبي لاڙن کان تمام گهڻي پاسيري هئي. اهو ئي سبب هو جو هن پاڻ ئي ڪانگريس جي سياست سان سلهاڙيو. ننڍي کنڊ ۾ جڏهن "هندستان ڇڏيو تحريڪ" شروع ٿي ته هو به انهي ۾ پيش پيش هو. جيتوڻيڪ هن وٽ خودمختيار سنڌ جو تصور نه هو پر تنهن هوندي به جڏهن هو سنڌ جو وزيراعظم هو ته انهي وقت هو سنڌ جي حقن لاءِ ئي جدوجهد ڪندو رهيو. مسلم ليگ جون سازشون انهي وقت به جاري هيون پر هو انهن سمورين سازشن کي منهن ڏيندو رهيو. منهنجون ساڻس ملاقاتون سنڌ هاري تحريڪ جي ڪانفرسن ۾ ٿينديون هيون. ان کانسواءِ جڏهن آئون سنڌ مدرسي جو شاگرد هئس تڏهن به شاگرد جي مسئلن جي حوالي سان ساڻس ملڻ ٿيندو هو. الله بخش سومرو سياسي طور هڪ ڏوررس ماڻهو هو پاڪستان ٺوڙي جناح جي باري ۾ سندس ڪيل جيڪي به ڳالهيون هيون اهي اڳيان هلي بلڪل صحيح ثابت ٿيون جن کي سائين جي ايم سيد پڻ قبول ڪيو. مون کي ياد آهي ته هڪ ڀيري آئون ۽ سائين جي ايم سيد شهيد الله بخش سومرو جي مزار تي وياسين ته انهي وقت سائين جي ايم سيد انهي ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته شهيد الله بخش صحيح چيو هو جيترين ڪوششون آئون پاڪستان ناهڻ لاءِ لڳائي رهيو آهيان ايندڙ وقت ۾ انهي جي خلاف ئي ويڙهه ڪندو رهندس..

ورهاڱي وقت هندن جي چڱي خاصي آبادي سنڌ ۾ رهيل هئي, جڏهن انگريزن سنڌ ڇڏي ته انهي وقت ڪو به اهڙو فيصلو نه ٿيو هو ته

ماڻهو لڏپلاڻ ڪندا پر مذهب جي نالي تي قائم ملڪ ۾ هتان جي سنڌ واسي هندن کي زوري لڏايو ويو ۽ هندستان مان بہ لياقت علي خان جهڙن سنڌ دشمن ماڻهن ڏارين جون لوڏون آنديون. انگريزن سنڌ کي هڪ ملڪ طور فتح ڪيو هو پر ورهاڱي کانپوءِ سنڌ سياسي ۽ معاشي عدم توازن جو شڪار اهو اجا تائين برقرار آهي.

اهي سنڌ کي چڏي پئي ويا تہ اها آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۾ نہ هئي. جنهن ڪري اڄ ڏينهن تائين سنڌ پنهنجو اهو ساڳيو مقام حاصل نہ ڪري سگهي آهي. شهيد الله بخش سومرو آخري وقت تائين انهي ڪوشش ۾ لڳو رهيو تہ سنڌ جي حقن جي حاصلات لا هر ممڪن ڪوشش ڪجي. سندس سياسي بصيرت جي ڪري انهي وقت جي سنڌ لا هو هڪ بهترين منتظم طور سامهون آيو ۽ ان ڪانسوا هو مسلم ليگ جي هر سازش کي بہ جاچيندو رهيو. چاڪاڻ تہ مسلم ليگ جي قيادت سندس سياسي مزاج مان خوش نہ هئي چو تہ مسلم ليگ تي هڪ تہ واپاري لڏو ۽ بيو وڏيرا قابض هئا. جن کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي. سنڌ سياسي طور وڏيڪ سگهاري هجي. هن جنهن پاڪستان جو مستقبل اسان کي ڏيکاريو هو اهو اسان جي اکين آڏو آهي. اڄ شهيد الله بخش سومرو اسان جي وچ ۾ نہ آهي، پر سندس ڪيل سياسي پورهيو اسان کي سدائين اهو احساس ڏياريندو رهندو آهي تہ هن سنڌ لاءِ سچي دل سان ڪم ڪيو ۽ جيڪو ڪجهہ بہ سندس وس ۾ هو اهو ڪرڻ لا هو سدائين عملي ميدان ۾ رهيو. سندس اوچتي موت سنڌ کان هڪ سياسي ڏاهو کسي ورتو ۽ اڄ بہ سنڌ اهڙن ئي سياسي ڪردارن لاءِ واجهائي رهي آهي.

**محمد ابراهيم جويو**
حيدرآباد

# پيش لفظ

**شهيد** الله بخش سومرو هڪ تمام صابرين ۽ انتهائي شريف نفس انسان هو. هو پنهنجي ذاتي سياءِ ۾ ڏاڍو پيارو ڪلمڪ ۽ نيازمند شخصيت جو مالڪ هو. شهيد الله بخش چا تہ ماڻهو هو. جيڏو منجهس پيار هو ايڏوئي نياز ۽ نوڙت وارو جذبو رکندڙ هو! وڏائي هن جي شخصيت ۾ بنهہ ڪانہ هئي.

1940ع ۾ رام ڳڙهہ ۾ ٿيل آل انڊيا ڪانگريس ۾ شرڪت لاءِ جڏهن ٽرين ذريعي وڃي رهيا هئاسين تہ انهيءَ سفر ۾ شهيد الله بخش سومرو بہ شريڪ هو. ان وقت مون هن کي تمام گهڻو پريشان ۽ سنڌ بابت گهري سوچ ويچار ۾ ڏٺو. انهي ڪانگريس ۾ مشهور انقلابي سڀاش چندر بوس سميت ٻيون شخصيتون شريڪ هيون.

جڏهن بہ مون کي شاگردن ۾ ڪنهن ناهہ لاءِ پاڻ وٽ گهرايائين تہ مون سان پنهنجائپ ۽ وڏي پاٻوهہ سان مليو ۽ هڪدم چيائين تہ هي منهنجو پيارو آيو آهي. هن کي ناشتو ڪرايو پوءِ شاگردن کي چنڊ پٽيندي چيائين توهان عام شاگرد آهيو. سوپو تمام وڏي سوچ جو مالڪ آهي. هو تمام وڏو مهمان نواز هو ۽ سندس دسترخوان سدائين ڪشادو رهندو هو. ياد پوي ٿو تہ مون کي هن جي گهر ۾ ٽي چار ڀيرا وڃڻ جو شرف نصيب ٿيو ۽ سدائين ماني کارائي پوءِ ڇڏيائين. مولانا ابوالڪلام آزاد، سردار ولڀ ڀائي پٽيل ۽ جواهر لال نهرو سميت ٻين شخصيتن جي هن وٽ اچ وڃ هوندي هئي ۽ هو هنن جي مهمان نوازي ڪندو رهندو هو.

شهيد الله بخش سومرو سنڌ جو هڪ سورمو ۽ سچو سپوت هو ان سنڌ جي ماڻهن کي يعني سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ انتهائي ڪوششون ڪيون، جن کي تاريخ جي ورقن ۾ سنهري لفظن سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ اسيمبلي اندر ان دور ۾ هر ٽئين چوٿين مهيني ڪرائيسز ٿيندا هئا، مولانا ابوالڪلام آزاد، سردار ولڀ ڀائي پٽيل ۽ جواهر لال نهرو دهلي مان سيڙهجي اچي سنڌ جي ڪانگريسين ۽ شهيد الله بخش سومرو وچ ۾ ناهہ قائم رکڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندا هئا.

شهيد الله بخش سومرو جي گهر ۾ مون چيني سپاهي ملاٽي کي ڏٺو جيڪا ڪانگريس جي چوٽي جي ليڊرن مان هئي، تڏهن مون کي يقين ٿيو ته شهيد الله بخش هڪ فرشته صفت انسان آهي. هن فسادن وقت سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي يڪمشت ڪرڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. پر اها پڙڪيل باهه وسامي نه سگهي ۽ مسجد منزل گاهه جي فسادن جي شروعات ٿي. ان وايو منڊل کي تبديل ڪرڻ لاءِ شهيد الله بخش سومري ذهن ٿي آگرين جو زور ڏنو ۽ آل آنڊيا بنياد تي ڪانگريس ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هڪ ناهه جي ڪوشش ڪندو رهيو.

شهيد الله بخش مون کي ، ڊاڪٽر اشرف علي (جيڪو ان وقت ڪميونسٽ پارٽي جي وڏي ليڊر شپ ۾ شمار ٿيندو هو) ۽ ٻين ڪميونسٽ ڪامريڊن کي پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ ڳجهي ميٽنگ ڪرڻ لاءِ گڏ ويهاري پاڻ ٻاهر نڪري ويندو هو. مون کي ياد ناهي ته هو پاڻ ڪڏهن ڪنهن به اهڙي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيو هجي. هو هڪ هماگير شخصيت جو مالڪ هو.

شهيد الله بخش سومرو کي ڪنهن قتل ڪرايو؟!... ممڪن آ انهي سازش ۾ عالمي سامراجي ذهنيت ملوث هجي! پر اهو ڳجهه اجان تائين ظاهر نه ٿي سگهيو آهي ۽ ظاهري طرح اهو ڪيس محمد ايوب کهڙي تي هلايو ويو. جنهن ۾ ڪجهه حرن کي به شامل ڪيو ويو. ججن پنهنجي ججمينٽ ڏيندي تڏهن ايوب کهڙي کي ان ڪيس کان بري ڪيو هو. بهرحال تاريخ ۾ اهو سوال اڄ به ڪر کنيو بيٺو آهي ته ، شهيد الله بخش جو قتل نيٺ ڪنهن ڪرايو؟!.

جيڪڏهن شهيد الله بخش سومرو کي شهيد نه ڪيو وڃي ها ته هي جيڪا اڄوڪي سنڌ معاشي، سياسي ۽ سماجي بحرانن جي ور چڙهيل آهي ان جو منظر نامون ڪجهه ٻيو هجي ها!.

زير نظر ڪتاب جيڪو محبوب علي سومري لکيو ۽ سهيڙيو آهي، اهو شهيد الله بخش سومرو جي شخصيت جي مڪمل تصوير پيش ڪري ٿو. شهيد تي ان کان علاوه ٻيا به ڪيترا ليک لکيا ويا آهن ۽ ڪجهه ڪتاب پڻ هن کان اڳ ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن پر هي ڪتاب هڪ نرالي انداز ۾ لکيو ويو آهي. جنهن جي اهميت هن جي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪري سگهجي ٿي. هن ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ گهڻو ڪجهه جيڪو مون کي معلوم نه هو سو هن ڪتاب ذريعي مليو.

**ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي**
**لاڙڪاڻو**

23 جون 2014

# جيئڻ ۽ جاڳڻ جي وچ ۾ فاصلا گهٽايون

**جيڪي** ماڻهون پنهنجي ڌرتي ۾ رت جو ٻج پوکي ويندا آهن، سي پنهنجي لوءِ مان لڏڻ ۽ ڇڏڻ ڪانپوءِ ڪير ڏارا جا تارا بڻجي اڪيـن جا تـارا وري پنهنجون ڳوٺ ڳليون ۽ وطن وليون تڪيندا رهندا آهن. 1943 جـو زمانـو هـو اتحادي سياست ۽ توبن اچي مصر ۾ خيما کوڙيا هئا. جرمن جنرل روميل بہ مصـر ۾ لڏا لاهيون اتي موجود هو سندس ذات ۽ ڏانءُ ڪين تڪي تار سـان تـڪي رهي هئي. پنجاب ريجمينٽ بہ اتي هئي ۽ ممتاز دولتانہ بہ پڇ ڪي لـوڏڻ لاءِ نـئون پـچ نهرائي ۽ اتحادي بوٽ چٽڻ لاءِ زبان ڪي پالش ڪرائي ۽ تيل مالش ڪرائي لاهور مان هلي اتحادين جي اڱڻ ۾ اچي اجها اڏيا هئا. هي اهو ئي سمون هو جو سنڌ جي ٻن للهنگ پٽن شهيد سورهيہ بادشاهہ ۽ شهيد الله بخش سومري پنهنجي ريتي رت جي گلابن جي پوتر پرهہ ڪي پنهنجي ڌرتي ماتا جي پيرن ڪي اربيو هو. هوڏانـهن بي مهاياري لڙائي جي ٺاهو ٺهڪو ڏنو هيڏانهن مسجد منزل گـاهہ جي منـبر ۽ صحن ۾ محبتن جا لاش سٿها ٿي ويا، هوڏانهن ڪوئل ڪوڪون، مـور ٺـهوڪـو شهيد ڀڳت ڪنور رام جي روپ ۾ ڪسجي ويون، ڏونگر ڏري ۽ ٻيلا ٻري ويا، سنڌ ماتا پنيلا وار ڪولي ماتم جي مٽي اوتي آزادي جـي واٽ وري وڇـوڙي جـي واٽ جيان ڏکهي ٿي وئي، لطيف سائين تنبوري ڪي پنهنجي مـٿي ساڻ هـٽي پـچي پروڙي تندون ڇني ڇيهون ڪري ڇڏيون، هي اهو ئي ٽاٽو هو جو بيرل هربل پٽـون ٽيو هيرو شيما ۽ ناگا ساڪي نگوهہ تي، پيار جو ڪبوتر شاهين جي پيرن ۾ پرزا ٿي ويو جڻ ”من موسڙي“ مٿان وچ ڪري، ٻاٻيهي جي ٻولي ڪوري جو ٻارڻ بڻجي، ”هينيبال“ ۽ ”چنگيز“ گوتم ٻڌ جي لاش تي موت جو رقص ڪيـو فـاشزم جـي ڦرهي وري هٽلر جي لاش جي ڳچي ٻڌي روس اسرائيل جي راضپي واري ڪـاڳـر تي پنهنجي اڱوٺي جو نشان ڪونہ گهٽيو هو ڇا؟ جيڪو ”بالفور“ جي عهد نـامي جو ڪڙتيل هو ان وقت تہ روس يهودين جي ڏهن ڪمانڊ مينٽس ڪي نرڙ سـان لاتـو

۽ چشمين چاهيو هو ۽ اتحادين سان ڪتن جي ڊونڊين ڊوڙڻ ۾ شريڪ هو پر پوءِ بہ اهي سندس فارورڊ پاليسي جي ڊڄ ڪري گهڏڻ (ڪتي جو مرض) جي مرض ۾ پپر جي پن جيان ٿڙڪي رهيا هئا. تنهن ڪري هنن سوچيو هو تہ روس جي سياسي پيش قدمي پاڪستان جهڙي ملڪ جي تخليق ڪري روڪي سگهجي ٿي ۽ ان ملڪ ۾ سنڌ جو موجود هجڻ نهايت ئي ضروري هو ائين جيئن هاٿي نيتو جي سپلاءِ لاءِ سنڌ جو پاڪستان ۾ هجڻ ضروري آهي. 1843 ۾ ساڳيو واقعو ٿيو هو جڏهن انگريز فوج افغانستان ۾ هئي تہ ٻي امدادي فوج بمبئي کان نڪري ڪراچي بندر کان سنڌ وسيلي افغانستان وڃڻ پئي چاهيو تہ ميرن بہ انگريز فوج کي مٿي افغانستان وڃڻ کان روڪيو هو. ان زماني ۾ سنڌ بمبئي پرزيڊنسي جو حصو هو 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئي کان الڳ تہ ڪيو ويو پر آزاد ڪونہ ڪيو ويو سنڌ کي بمبئي واري ون يونٽ کان جدا ڪرڻ پاڪستان جي بنياد رکڻ جي پهرين سر هئي، انگريزن کي 1839ع جي ائنگلو افغان جنگ جا ڏهلا ڏنگ ياد هئا، سنڌ جي ميرن بمبئي کان اينڊڙ انگريزن جي فوج کي رنڊڪون وجهي 1843ع واري ويڙهہ جو واسينگ پنهنجي ڳچي سان ٻڌي ڇڏيو هو ان زماني ۾ روس پنهنجي

سياست ۾ تجارت جو نيلونانگ اچي دوست محمد دراني جي در تي نچايو هو سندس مرضي هئي تہ هو "ڊيورنڊ" لائين ٽپي سنڌوءَ وسيلي اچي سنڌي سمنڊ ۾ پهچي يورپ ۽ آمريڪا جي سياسي ڪوراڙ کي اوير ڏانهن وڃڻ واري واٽ کي بند ڪري. اهو تہ 43 1939ع وارو دور هو جو جنرل گياپ سامراج سان گوريلا ويڙهہ ۾ جٽيل هو روس ان وقت وڏي ويڙهہ ۾ اتحادين سان گڏ پر ويتنام ۾ وري گياپ سان گڏ هو هي اهو ساڳيو سمو هو جو جي ايم سيد سنڌ اسيمبلي ۾ پاڪستان جي قرارداد پيش ڪئي هئي، اهڙي وهاتيل وايو منڊل لاءِ الله بخش سومري ۽ سورهيہ بادشاهہ جو سياسي فلم جو پريميئر شو ٿي چڪو هو اهو سياسي گريٽ گيم جي انگريزي ڪردار جو "ڊراپ سين" هو.

اها سياسي گريٽ گيم روس انگريز سنگم جي حرامي ٻارڙي هئي جيڪا 18. 19 جي صدي جي تبت جي سنڌو ڪنارن سان جائي هئي، روس کي يقين ٿي چڪو هو تہ برطانيہ جي يورپ ۾ سياسي بالادستي ڪيس هندستان کان ملندڙ پئسي تي آهي، تنهن ڪري اهو انگريزن کي هندستان مان تڙڻ لاءِ گوڏن کي تيل هٽي پنهنجن جاسوسن کي تبت ۽ لداخ ۾ آٽي بيهاريو هو ۽ انهن کي هندستان پهچڻ جا حڪم صادر ڪري چڪو هو انگريز بہ ميرڻ

شاهہ جي مڪان ۾ بوبڪن جي پنگ جي نشي ۾ نهوڙيل ڪونہ هئا. هنن تبت جي بيمارن جي مدد لاءِ ڊاڪٽر روانا ڪيا هئا. عيسائي مشينريون بہ موڪليون هيون. اتان ماڻهن کي عيسائي بڻائي بهشت جي بشارت ڏيئي، ٻئي طرف وري سُرگ جي اپسرائن جي شوق ڏيارڻ ۾ هندو بڻائڻ لاءِ برهمڻ بہ موڪليا هئا. پر اهي سڀ ماڻهون انگريزن جا جاسوس هئا. جڏهن روس جا جاسوس هندستان ڏانهن اڳي وڌندڙ جاسوس ظاهر ٿيندا هئا تہ انگريزن جا جاسوس لڪي ويندا هئا وري جڏهن انگريزن جا جاسوس ظاهر ٿيندا هئا تہ روس جا جاسوس لڪي ويندا هئا ان ڪري چوندا هئا گريٽ گيم ۽ اها گريٽ گيم اڄ بہ جاري آهي پر ڪردار مختلف آهن. تبت ۾ انگريز جاسوس وچي روس جي اصل مرضي کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سياست ۽ تجارت ٻيڙين ۾ چاڙهي سنڌ واري گرم سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ ۽ انگريزن کي اوپر ڏانهن وڌڻ کان روڪڻ هو جڏهن هو ائين ڪرڻ ۾ سوپارو نہ ويو تہ دوست محمد دراني جي ڪلهي تي هٿ رکيو هو.

انگريزن ان ڳالهہ کي محسوس ڪري هڪ طرف پنهنجي فوج ستلج کان اولهہ طرف افغانستان موڪلي جنهن سان سک فوج بہ هئي، ۽ نابين شاهہ شجاع انهن سان گڏ هو جيڪو دوست محمد کان اڳ ۾ افغانستان جو حڪمران هو. پنجاب جا حڪمران سک بہ ساڻنس گڏ هئا جيڪو افغانستان جي تخت ۾ اکيون گهسائي ويٺو هو سکن ۽ انگريزن جي سياسي حڪمت عملي لاءِ اعليٰ حيثيت وارو مهرو هو. 1834ع ۾ ڪرڙي واري جنگ بہ افغان انگريز ۽ سک جو سنگم هو جنهن ۾ ميرن جا مخالف ڪردار ساڳيا هئا. هن سياسي گريٽ گيم ۾ فرانس روس ساڻ شامل هئي، پر نيپولين واٽر لو تي حملو ڪري روس سان ڪيل عهد نامي تي ليڪو ڦيري ڇڏيو هو ان هوندي نيپولين کي پڪ هئي تہ برطانيہ کي يورپ مٿان سياسي برتري هندستان مان ملندڙ پئسي تي آهي. ان ڪري هن اعلان ڪيو هو تہ هو مصر جي فتح کانپوءِ هندستان تي حملو ڪندو. اهو ٻڌي انگريزن ڊوڙي اچي سنڌ جي ميرن سان دوستي جو 1808ع وارو عهد نامو ڪيو هو جيئن نيپولين کي هندستان تائين پهچڻ کان اڳ سنڌ جي سرحدن وٽ روڪي ڇڏجي پر مصر جي فتح ٿيڻ کانپوءِ نيپولين کي انگريز امير البحر جنرل نيلسن پونچ سمنڊ ۾ شڪست ڏيئي ڪائنس هندستان فتح ڪرڻ جا سندر سپنا کسي ورتا هئا. روس ٻيو رستو نہ ڏسي اوپر ايران وسيلي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جان جيڪب بہ سنڌ هارس سميت وچي اوپر ايران پهتو ٻئي پاسي کان بمبئي واري انگريزي فوج ۾ بندرعباس پورٽ کان لهي اتر طرف وڌي تہ روس جي

رفتار گهٽجي وئي، اها بہ سياسي گريٽ گيم جو حصو هو. ڪميونسٽ روس جڏهن ظاهر شاهہ جي زماني ۾ ترهہ ڪي جي ڪلهن تي چڙهي افغانستان پهتو تہ ظاهر شاهہ ٽپڙ ٻڌا، ٻئي پاسي ايران جي شهنشاهہ بہ بسترا گول ڪيا اهو ئي زمانو هو جو آمريڪا ۽ پنجابين جا ڪاري هيٺان واڙيل لاڙڪاڻي جي ميڪاولي فارمي ڪڪڙ (ذوالفقار ڀٽو) جو ڪوس پڻ گريٽ گيم جو حصو هو.

1843ع ۾ جنرل هوش محمد جي شهادت بہ گريٽ گيم واري قرباني هئي، روس ۽ چين لاءِ مسئلو اهو آهي تہ سنڌن سمنڊ سال جو گهڻو حصو برف هوندا آهن ۽ سنڌن تجارتي سرگرميون ٺپ ٿي وينديون آهن.

تنهن ڪري روس جي قومي ايجنڊا ڏکڻ جي گرم سمنڊ ڏانهن وڌڻ آهي، چين جي قومي ايجنڊا بہ ڏکڻ جي گرم سمنڊ ۾ هاڪاري آهي، انهن جو واحد گهٽ سنڌ ۾ سنڌي سمنڊ آهي، تنهن ڪري سمجهيو وڃي تہ پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ بہ سياسي گريٽ گيم جو نتيجو آهي. هاڻي ڏسڻ اهو ڪپي تہ چين پنهنجا تجارتي جهاز ڦيريان اوير پوءِ ڏکڻ ۽ بعد ۾ اولهہ هاڪاريندو آهي، ائين ڪرڻ ۾ ڪيس وڏو عرصو لڳي ويندو آهي. جيڪڏهن ان ڪي شاهراهہ ريشم (ڪراڪرم) واري رستي ۽ سنڌ وسيلي سنڌي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ملي وئي تہ سياڻي جي وڏي طاقت آمريڪا نہ پر چين هوندي جيڪا هڪدم ائين ٿيڻ سان يورپ يا آمريڪا لاءِ صليبي جنگين وارو ڏچو پيدا ٿي سگهي ٿو پر ان زماني ۾ اولهہ يورپ جو تجارتي سامان اوير يورپ پهچندو اتان اڳتي وڏي روس جي مشهور درياءَ وولگا ڪنڌيون ڪنارا ڪئسپين سمنڊ جا وٽيون پاسا اُڪري خيبر لڪ ڪان اوير ويندو هو مٿا سٿا ڪانپوءِ مشرق جو سامان ساڳيا رند رستا ڏيئي يورپ وڃي نڪرندو هو پر اهي سڀ پنڌ پيچرا هينئر تہ روس جي هٿ وس آهن، چين جي سنڪيانگ واري صوبي ۾ طالبانن ڏچو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، پر قومي مفاد خاطر سنڌ ۽ بلوچستان جا گهيرڻ ۽ گهٽن ڪي گهاڙي تاڙي رهيو آهي، موجوده صورتحال ۾ چين، شام ۽ يوڪرائين ۾ روس سان گڏ آهي، آمريڪا کي پنهي تانڊا ڏيئي ڇڏيا آهن. پر آمريڪا اڳي ئي روس ۽ چين جا افغانستان، جيڪب آباد ۽ چين لاءِ هنزا ۽ ڊينگوگارشيات وٽ رستا روڪيون ويٺو آهي، سنڌين ۽ بلوچن جي هر چئوڏگيءَ وٽ رکيل قوم جي ڪات اڏيءَ تي ڪوس جاري آهي، اهو بہ گريٽ گيم جو حصو آهي، هن سياسي گريٽ گيم ۾ سنڌ جي اهميت اها ساڳي ڪلهہ واري آهي، نوروز خان جي حيدرآباد ۾ ڦاهي کي، بشير قريشي، مقصود قريشي جي رت کي ۽ ٻين شهيدن جي لاشن کي

لوٽ واري ڳوٺ ۾ سبي سوتلي جي سڳن سان سبي ڪنهن قتل ڪوهه ۾ تہ نتو اچلائي سگهجي، سياڻڪو صبح سنڌ ۾ ضرور ڪو محشر ۽ مانڊاڻ ڪٽي اچڻو آهي، پر سنڌ کي پنهنجي هڪ خاص جيوگرافيڪل پوزيشن آهي، ان جو سڌو اثر دهلي، چين، رشيا ، بيلو رشيا ۽ ايران تي پوندو آهي ۽ ان جي جيڪا جاگرافيڪل بيهڪ آهي اها ڪنهن خاص حڪمت عملي جي متقاضي هوندي آهي.

مان هن ڪتاب جي ٻين ڳالهين کي ڇڏي شهيد الله بخش سومري جي شهادت ۽ ڪجهہ ايندڙ وقت تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

وقت مها ڪلاڪار جيان هوندو آهي، جيڪو ڪنير ٻڻجي چڪ تي مقتل جا ماڊل ۽ ڪپڙ لاءِ ڪنڊ ۽ ڪات گهڙيندو آهي، ۽ الله بخش سومري کي نپٽي سان نپي ٺاهي عشق جي آويءَ ۾ پچائي مقتلن جي نقشن تي بيهاري ڇڏيندو آهي.

شهيد الله بخش سومرو جا رت ڦڙا جيڪي زمين تي ڪريا هئا اهي رت ڦڙا ڪڏهن نہ ڪڏهن تاريخ اندر دودا ۽ درياءَ خان زمين مان سوڀن جا گولا ٿي ڦٽندا ۽ سنڌ ضرور پنهنجو سوراج ماڻي وٺندي، ڪتاب جو ليکڪ محترم محبوب علي سومري صاحب شهيد الله بخش ۽ سنڌ سان ننگ جو ناتو نڀايو آهي، هن هي ڪتاب لکي سنڌ وارن تي احسان ڪندي پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي، ڪيس نيبهہ هجي.

مان مهاڳ جا هي چار لفظ پنهنجي نِل جي دوست عرض محمد بنگلاٽي جي حڪم تي لکيا آهن آءٌ سندس ٿورائتو آهيان.

**عطا محمد ڀنڀرو**
حيدرآباد

16_05_2014

محسن ڪش قوم جو مظلوم هيرو

# شهيد الله بخش سومرو

**سنڌي** قوم جو هڪڙو دور هئو جڏهن اها ڌارين سان ڌرتيءَ جي وک وک لاءِ وڙهي آهي، هڪ هڪ وڻ ۽ ٻوٽي لاءِ وڙهي آهي، ٻنا پڳهارن جي راڄن جا رضاڪار لشڪر پنهنجي قبيلن جي سرپنچن جي سرڪردگي ۾ جت تت وڙهيا آهن جن جي تاريخ کي هلنڌڙ ڌارين جي اقتدار وارن ايامن ۾ منظم طريقي سان مليا ميٽ ڪيو ويو آهي. سنڌي قوم جو قومي جذبو ۽ غيرت ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي مقابلي ۾ وڏي حد تائين سوڀارو رهيو آهي. قرآن جي تعليم رياستن ۽ ملڪن جو بنياد نيشنلزم، سوشلزم ۽ سيڪيولرزم تي رکيو آهي پر سامراجيت جي تخليقڪارن علم وحي جي تيار ڪيل سماجواديت ۽ عمرانيات کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ جاگيرداريت سرمائيداريت ۽ استحصالي طبقاتي معاشرن کي پڳهارن تي پلجندڙ مذهبي اڳواٽن ذريعي امير غريب جي ڪلاسيفڪيشن کي لٽيرن جي عمل بدران الله جي جوڙ ۽ قدرت کي ان جو سبب قرار ڏنو. سنڌ جي عظيم هيري شهيد الله بخش سومري اقتداري وسيلن جي واڳ ڏٽي ٻنجڻ باوجود پنهنجي لاءِ جاگيرداريت واري راهه کي پسند نه ڪيو. الله بخش طبقاتي معاشرت جي فلسفي کي ڄاڻي ٻيو ته اڳتي هلي ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته قوم ۽ وطن مٿان جڏهن ڪا ڦورو طاقت اچي ڪو راتاهو هڻندي ته ڌرتيءَ جي اپر ڪلاس وارا پنهنجي لتيل ڌن کي بچائڻ لاءِ ڌارين جا دلال ٻڻبا ۽ ديسي پورهيت اهو سوچيندا ته جيڪڏهن اسانجو مقدر مذهبي ترجمانن جي چوڻ مطابق ڏلها ڍوئڻ ۽ اميرن جي دولت وڌائڻ لاءِ انهن جا پيليا ڪرڻ آهي ته پوءِ ٻيلي ۽ غلام تي رهڻ جهڙو ديسي ڌاڙيل لاءِ تهڙو سامراجي استحصالي ڦورن لاءِ ڳالهه ته مڙئي هڪڙي تي پوءِ پورهيت عوام منجهان نيشنلزم جو طبقي ۽ فطري جذبو ميسارجي ويندو آهي. شهيد وطن الله بخش

سومرو چاٽي پيو تہ دنيا جون سڀ جنگيون لوئر ڪلاس سان تعلق رکندڙ سپاهہ ذريعي لڙيون ويون آهن سو جيستري تائين معاشي برابري قائم نہ ڪئي ويندي ايتري تائين وطن جي بقا لاءِ وڙهندڙ سپاهہ ۾ حب الوطنيءَ جو جذبو نہ رهندو سو چيئن تہ شهيداعظم پاڻ سنڌي قوم جو سر موڙ ۽ مٿي جي تاج وانگر هئو تہ ان جاٽي ٻجهي پاڻ کي غريب عوام جي برادري ۾ سماجي ۽ معاشي طور رکيائين پنهنجي لاءِ ماني کائڻ جو اتو بہ گهر ۾ جنڊ ذريعي پيئل کائيندو هئو ۽ جنڊ پيهڻ لاءِ بہ گهر ۾ ڪا نوڪرياڻي جنڊ ڪانہ پيهندي هئي اهو اٽاو ۽ ڏکيو ڪم بہ سندس گهرواري پنهنجي هٿن سان پاڻ پيهندي هئي سندس اهڙي سادگي ڪا شروع حياتي واري ڪانهي جو چئجي تہ هو پڇاڙي ۾ ڪو اميراڻي ناٽ ۾ هيو سندس شهادت واري ڏينهن جي ڳالهہ ارشاد ڪاغذي صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي آهي جيڪو آزاد قاضي طرفان شهيد جي شخصيت چپرايل ڪتاب ۾ آهي تہ الله بخش صاحب ان ڏينهن صبح جو شڪارپور شهر ۾ پنهنجي گهران ياڃي ونڻ لاءِ پيادل نڪتو آهي، هر ڪنهن ياڃي ونڻ واري کي تہ هٿ ۾ پيش جي ڇبي هئي، پر هن جي هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ هئو ۽ ريڙهي واري کان پتاتا خريد ڪري قميص جي جهوليءَ ۾ وجهي ٻارن وانگر گهر پهچي ٿو. سادگي جي حوالي سان مهاتما گانڌي هڪ مجيل شخصيت قرار ڏنل آهي جو پختون علائقي جي آزاديءَ جي اڳواڻ باچا خان کي انجي سادگي سبب سرحدي گانڌي سڏيو ويو ۽ بلوچستان جي آزاديءَ جي اڳواڻ عبدالصمد خان اڇڪزئي کي انجي سادگي سبب بہ گانڌي سڏيو ويو تہ بغير ڪنهن شڪ شبهي جي سنڌ جو گانڌي شهيد الله بخش سومرو هئو. شهيد الله بخش سنڌ جي سياست ۾ قوم ۽ وطن لاءِ آزادي لاءِ هلچل ۽ تحريڪ ۾ پنهنجي دور ۾ ٻئي درجي جو اڳواڻ هئو. پهرئين درجي جو آزادي ڏيارڻ جو مهندار ۽ علمبردار شهيد سنڌ سورهيہ بادشاهہ پاڳارو هئو جنهن جي ويڙهہ جو ميدان اقتداري ايوانن بدران ٻيلا واهڻ وستيون جيل ۽ ڦاڻا هئا. سورهيہ بادشاهہ جي سرواڻي ۾ هلايل وطن جي آزاديءَ جي جنگ ۾ سندس دشمن سنڌ جا وڏيرا هئا ۽ اهي ساڳيا وڏيرا شهيد الله بخش سومري جا بہ دشمن هئا. سورهيہ بادشاهہ جو بورچي شهر شڪارپور جو رهواسي جنهن کان اسانجي دوست نثار هڪڙي صاحب ڪيئي انٽرويو ورتا هئا تہ انهن ۾ ان ٻڌايو تہ سورهيہ بادشاهہ کي ڦاسي ڏيڻ واري ڪيس ۾ انگريزن ڪيترن ئي شاهدن کان بيان ونڻ مهل مون کي ڪورٽ ۾ ويهاريندا هوا، سو هڪڙي شاهد کي بجاءِ ڪليل نموني ٻين شاهدن وانگر ويهارڻ جي بيان ونڻ مهل ڪپڙي جي پردي پويان ويهاري پوءِ

بيان ورتو ويو پر مون ان جي آواز منجهان ان کي سڃاتو تہ اهو پير علي محمد راشدي هئو سو هوندئن تہ الله بخش سومري کي قتل ڪرائڻ جي ذميدار سنڌ جي سموري مسلم ليگي ٽيم تي آهي. سڀ مسلم ليگي ليڊر شهيد جا قاتل آهن جنهن ليگي ليڊر شيخ عبدالمجيد سنڌي کي درويش سڏيو ويندو هئو ان بابت مونکي عبدالواحد آريسر ٻڌايو تہ ان سنڌ اسيمبلي ڪارروائي دوران قائد ايوان وزيراعظم سنڌ الله بخش سومري کي ڪناين واري ٻوليءَ ۾ قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي سو آريسر صاحب اسيمبلي جي ڪارروائي بڪ تان تہ اها ڳالهہ ڪانہ پڙهي هوندي اهڙين ڳالهين جو ذريعو آريسر صاحب جهڙي ماڻهوءَ لاءِ صرف سائين جي ايم سيد ٿي ٿي سگهي ٿو. هوندئن تہ ڪيس "لا" جي ڪتابن ۾ کهڙي صاحب جي ڊرائيور جي زال جو بيان ڪورٽ ۾ ڏنل موجود آهي تہ منهنجي روبرو کهڙي صاحب منهنجي مڙس کي ريوالور ۽ پئسا ڏنا تہ الله بخش کي مارڻ لاءِ ڪم آڻيو توڻي ڪٽي شهيد جي قتل جي ڏوهہ ۾ اڪيلي کهڙي کي گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ هو ڪورٽ منجهان آزاد ٿي تہ ويو پر شهيد جي قتل جا ڏوهاري پلاننگ جي حساب سان کهڙو، پير علي محمد راشدي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي يعنيٰ سڀ مسلم ليگي هوا 1970ع جي مئي مهيني جي منڍ ۾ جمعيت علماءِ اسلام جو وفد شاهہ مرادن شاهہ پير صاحب پاڳاري سان سندس ڪراچي واري بنگلي تي مليو جنهن ۾ مولانا عبدالڪريم پير وارا، محمد شاهہ امروٽي،مولانا نور محمد سجاولي ۽ آئون عزيز الله هئاسون ان ملاقات ۾ پير صاحب جن ٻڌايو تہ حالتن جي ستم ظريفي ڪيتري تہ خطرناڪ آهي جو آئون هن اليڪشن ۾ پنهنجي پيءُ جي قاتل پير علي محمد راشدي جي مدد پيو ٿو ڪيان پير سائين شاهہ مردان رح عجيب ذره نواز طبعيت جو ماڻهو هئو انهن پنهنجي خاص خادم عبدالرزاق خلجي جي پٽ جي شادي جو ڪاڄ پنهنجي خرچ سان پنهنجي ڪوٺ واري بنگلي تي ڪيو ۽ بنگلي جي اندرين دروازي تي عبدالرزاق سان گڏجي بيهي مهمانن جي آجيان ڪندا رهيا. ان دعوت ۾ مون کي بہ سڏ هئو پير سائين جن مون کي هن جملي سان آجيان ڪئي تہ"اچو خطرناڪ مولوي" پوءِ جنهن وقت آئون مهمانن سان گڏ ماني کائي رهيو هئس تہ پويان ڪنهن شخص مون کي ڪن ۾ چيو تہ ماني کائڻ کانپوءِ پير سائين جن اوهان کي سڏيو آهي ڪچهري لاءِ. پوءِ مون ان ڪچهري ۾ شهيد الله بخش جي ڪا ڳالهہ ڪرڻ گهري پر پير صاحب جن بين ماڻهن جي مسئلن تي ڳالهين ۾ پئجي ويا. ڪچهريءَ بعد اجازت وٺي گهر واپس پهتس تہ پيغام مليو تہ توکي سڀاڻي صبح جو سوير پير سائين جن پير

ڳوٺ اچي ملڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي آئون ڪوشش ونئي پير ڳوٺ پهتس تہ سهي پر سوارين جي سبب دير ٿي وئي هئي اتي خبر ملي تہ سائين جن ماڻهن سان ملاقات ڪري اندر گهر هليا ويا آهن هاڻي ملاقات جو وقت ختم آهي مون چيو تہ پلا سائين کي اطلاع ڏيو تہ مون کي دير تہ ٿي وئي آهي،پلا ڪوئي بيو وقت ڏنو وڃي ان تي سائين اطلاع ملڻ تي حڪم ڏنو تہ اندرين حويلي وٽ وٺي اچوس اتي ڪرسيون رکرائي پير سائين جن مون کي چيو تہ تو ڪالهہ شهيد الله بخش جي ڳالهہ ڪئي هئي مون بين ماڻهن جي ڪري ڪن لاتار ڪئي هئي ۽ اڄ مون خاص ان مسئلي لاءِ توکي گهرايو تہ توکي ٻڌايان تہ سومري جي قتل ۾ اسانجي جماعت جو ڪوبہ حصو ناهي، مون جواب ۾ عرض ڪيو تہ اها خبر تہ مونکي ڪامريڊ برڪت علي آزاد ۽ مولوي صالح عاجز ذريعي مليل آهي تہ شهيد سومري جا قاتل ايوب کهڙو ۽ سنڌ جي مسلم ليگ آهي. ڪالهہ منهنجي شهيد سومري بابت ڳالهہ ڪولڻ جو مقصد هي هئو تہ مولانا عبيدالله سنڌي جي سوچ سان الله بخش سومرو تيار ٿيو هئو تہ هو وائسراءِ ۽ چرچل کي چوي تہ انگريزن سنڌ اسان سنڌين کان وڙهي ورتي هئي هاڻ جڏهن برصغير کي آزادي ڏئي واپس وڃن پيا تہ سنڌ اڳي وانگر اسان سنڌين کي ڏيئي وڃن ۽ پاڪستان ڪنهن بہ ٽي ماڳ تي وڃي ٺاهين پوءِ الله بخش انگريزن اڳيان اها ڳالهہ ڪيڏي بہ هئي ۽ انگريزن کي کُکي ويو تہ جيڪڏهن الله بخش سومري ۽ سورهيہ بادشاهہ جو عمل ۽ عبيدالله سنڌي جي فڪري لائين ملي پيا تہ اسانجي پاڪستان ٺاهڻ منجهان پوءِ واريون سڀ اسڪيمون ڌهي پٽ پئجي وينديون سو پهريائين انهن سورهيہ بادشاهہ کي ڦاسي تي چاڙهيو پوءِ الله بخش سومري کي پنهنجي ليگي دلالن هٿان قتل ڪرايو ۽ ان قتل جو جوابدار پير علي محمد شاهہ راشدي معرفت پاڳاري جي حر جماعت کي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي انهن ٻنهي سرواڻن جي شهيد ڪرڻ ڪانپوءِ انهن مولانا عبيدالله سنڌي کي بہ زهر ڏياري ڇڏيو جيڪو سندس وفات جو سبب بڻيو جواب ۾ مون کي پير سائين شاهہ مردان چيو تہ مونکي تہ عبيدالله سنڌي بہ انگريزن جو ايجنٽ نظر ٿو اچي مون موٽ ۾ عرض ڪيو تہ اوهانجي معلومات ديوبند جي مسلم ليگي حامي عالمن اشرف علي ٿانوي، شبير احمد عثماني ۽ قاري محمد طيب جي حوالي سان بلڪل درست آهي پر شيخ الهند ۽ ان جي ٻي ساٿين عبيدالله سنڌي سميت وارو گروهہ انگريزن جو دوست ناهي تہ پير صاحب جن مون کي چيو تہ منهنجي مطالعي جي حوالي سان تہ مدرسي ديوبند جي باني مولانا محمد قاسم نانوتوي بہ مدرسہ دارالعلوم ديوبند

انگريزن جي حمايت سان فاتح ڪيو هئو مون پير سائين جن کي عرض ڪيو تہ اها ڳالهہ تہ آئون بہ پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ لکي چڪو آهيان اوهان معلومات منهنجي ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿي”مون پير سائين جنکي چيو تہ اوهان کي مولانا سنڌيءَ بابت انگريزن جي حامي هجڻ جو شبهو سنڌس آزادي وٺڻ وارن ڏينهن ۾ انگريزن جي ماتحت هندوستان کي ڊومينن اسٽيٽ طور هلائڻ جي حمايت سبب ٿيو آهي. پر مولانا سنڌي اها سوچ هندوستان جي ورهاڱي خلاف ۽ پاڪستان جي فارمولي کان جند ڇڏائڻ لاءِ اختيار ڪئي هئي. آئون ٿل شهر جي دوستن طرفان شهيد اعظم شهيد سومري جي حياتيءَ تي ڪتاب لکي مارڪيٽ ۾ آڻڻ تي کيس جس ڏيان ٿو مبارڪون ڏيان ٿو. جو سچو ديشي پڪو ديشي تہ”شهيد الله بخش سومرو“آهي سنڌ جي تاريخ جو وڏو الميو آهي جو پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ جي غدارن کي غلام سنڌ جو هيرو سڏيو وڃي ٿيو جن انگريزن جي بوٽ پالش ڪرڻ سان قوم فروختند چہ ارزان فروختند. مونکي شهر ٿل کان دوستن شهيد جي نالي ڪتاب لاءِ بہ اکر لکڻ لاءِ حڪم ڏنو جلدي آئون شهر حيدرآباد جي ڪتابن وڪرو ڪرڻ وارن دڪانن تي ويس اتي هر ڳِري گُنجي، يارو ٿاڪو ڪِرڙ ڪنڊيءِ ٽِلو ٽوپڻ تي لکيل ڪتاب تہ هوا پر ڪنهن بہ دڪان تي شهيد جي زندگي تي لکيل نالي لاءِ بہ ڪو هڪڙو ڪتاب بہ نہ مليو. سو آئون اهڙي احسان فراموش قوم لاءِ ڇا لکان مون کي تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي البت اهو ياد پوي ٿو تہ ڪنهن هالا شهر جي هڪ صاحب ذوق مطالعہ واري ڪاڪا صاحب مون کي ٻڌايو تہ آئون شهيد مير مرتضيٰ ڀٽي ذوالفقار علي ڀٽي جي پٽ جي دعا ۽ تعزيت لاءِ پٽر تي ويس اتي تعزيتي تاثرات لکڻ وارو ڪتاب بہ پيل هئو سوچيم تہ ماڻهن جا تاثرات ان ڪتاب تان پڙهي ڏسان سو پڙهندي پڙهندي ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو تاثر پڙهيم جنهن ۾سنڌس ساٿين لاءِ لکيو هئو تہ”لک لعنت هُجيوَ هٿ وٺي مُڙس مارايو اَٿوَ“ سو مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ سنڌين کي سنڌس عظيم هيري جي قتل تي کهڙي ميار ڏيان.

عزيز الله ٻوهيو

08_04_2014

# سنڌ جو بي مثال وزيراعظم!

**سنڌ** تي ميرن جي بادشاهي ختم ٿيڻ کانپوءِ سنڌ تي حڪمراني جو شرف شهيد الله بخش سومرو کي مليو آءُ سمجهان ٿو تہ سنڌ جي بمبئي جي آزادي کانپوءِ آزاد سنڌ جو درويش صفت عوام دوست ۽ سادگي جو پيڪر شهيد الله بخش سومري جهڙو سنڌ کي اڄ ڏينهن تائين حمڪران ناهي مليو. هو غير فرقي پرست بهادر جنهن کي سائين جي ايم سيد سنڌ جو "دودو ثاني" سڏيو آهي، اهوان ڪري جو سنڌ اسيمبلي جي رڪارڊ مطابق هڪ دفعو ڪنهن مسلم ليگي چڙ ۾ اچي ويو تہ الله بخش! جيڪڏهن تو اها پنهنجي رَوش نہ بدلائي تہ مجبور ٿي مسلم ليگ کي تو مان جند ڇڏائڻي پوندي. جنهن تي الله بخش ڪيس جواب ڏنو تہ مسٽر آءُ گولي کائڻ لاءِ تيار آهيان پر مسلم ليگ جي خود ساخته قائد اعظم کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان، پوءِ مسلم ليگ واقعي هن کي پنهنجي راهہ تان هٽائي ڇڏيو. آءُ اڄ بہ الله بخش جي شهادت جو ذميوار مسلم ليگ کي سمجهان ٿو ۽ نہ ڪي حرن کي. ڇوتہ شهيد الله بخش سومرو جي قتل جي الزام ۾ مسلم ليگ اڳواڻ محمد ايوب کهڙو جيل بہ ويو هو.

جيتوڻيڪ ڪن هٿرادو شاهدين تي هو آزاد ٿي ويو ۽ الله بخش جو خون حرن جي ڳچي ۾ پئجي ويو حالانڪ حرن کي سائس وير نہ هو اهوانڪري آءُ چوان ٿو تہ جيڪا ريل گاڏي ٽنڊو آدم وٽ ڪري هئي ان ۾ شهيد بہ سوار هو. حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي ڪنهن پٽ پٽل حر شهيد الله بخش کي ڪن ۾ ڪجهہ چيو ۽ هن کي حيدرآباد اسٽيشن تي لهڻ تي مجبور ڪيو. غلام رسول سهتي اهو غلط لکيو آهي تہ هن لڪي وڃي ڪنهن هندو جي گهر ۾ پناهہ ورتي.

الله بخش سنڌ جو دودو هو ۽ دودا لڪندا ناهن. انهي سلسلي ۾ هڪ واقعو سائين جي ايم سيد لکيو آهي تہ هڪ دفعي جيئي سپاهي ملاڻي مون سان گڏجي خانبهادر کهڙي جي گهر هلي، کهڙي صاحب چانهہ گهرائي تہ جيئي کهڙي جي چانهہ پيئڻ کان انڪار ڪيو ۽ کهڙي کي چيو تہ تنهنجي چانهہ ۾ مون کي الله

بخش جي رت جي بوءِ اچي ٿي، تہ کهڙي چيو تہ مائي الله بخش جو پاءُ تہ مون وٽان مائي ڪائي ويندو آهي ۽ تون چانهہ بہ نہ ٿي پيئين، جنهن تي جيئي جواب ڏنو تہ کهڙو صاحب! پائر هميشہ پيئرن جي تحفظ لاءِ پيدا ٿيندا آهن.

ان مان اهو تاثر غلط ٿو ٿي تہ جيئي الله بخش جي دوست هئي.

الله بخش سنڌ جو اهو سادو وزيراعظم هو جو شهادت وقت بہ ٽانگي تي سوار هو مون کي سنڌ جي قومي شاعر نياز همايوني ٻڌايو تہ صبح جو سوير ڪنهن اهڙي هوٽل تي چانهہ پيئندو هو جنهن تي عام ماڻهون ويهڻ بہ پسند نہ ڪندا هئا. جنهن جو سبب پڇيو ويو تہ هن جو ڏنڊو ڪونہ ٿو هلي، سنڌ جو وزير اعظم اهڙي هوٽل تي ويهندو هو تہ غريب جو ڏنڊو ٿيندو. ٽانگي بہ اهڙي تي سواري ڪندو هو جنهن تي عام ماڻهو بہ ويهڻ پسند نہ ڪندا هئا ۽ سندس جواب اهو ساڳيو هوٽل وارو هوندو هو.

نياز همايوني اهو بہ ٻڌايو تہ هو جيئن تہ ڪانگريس ڏانهن لاڙو رکندو هو ۽ مسلم ليگي ڇوڪرا هن کي ڪافر، ڪافر سڏيندا هئا ۽ انهن ۾ آءُ بہ شريڪ هوندو هيس. هڪ دفعي هن جو نوڪر ڊوڙندو آيو ۽ مون کي وارن ۾ هٿ وڌائين. شهيد چيو تہ ڇڏي ڏينس، جڏهن وڏو ٿيندو تہ مون کان بہ وڏو ڪافر ٿيندو. جنهن جو ثبوت نياز جو هڪڙو شعر آءُ ٻڌايان ٿو.

دين ڌرم جي دوکي لتجي نيٺ اسان اک کولي اچي،

سنڌ سواءِ ڳالهہ نہ ٿيندي پل تہ سامهون گولي اچي.

سادگي جو اهو مثال آهي تہ سندس غريب دوست جڏهن وٽس ايندا هئا تہ انهن کي گهر جي پيتل اٽي جي ماني ڪارائيندا هئا ۽ وڏن ماڻهن کي مشين جي اٽي جي ماني ڪارائيندو هو ۽ چوندو هو تہ اوهين منهنجا دوست آهيو. هو مفاد پرست نہ هو. توهين اندازو تہ لڳايو تہ گانڌي جي هندوستان ۾ اهڙو بہ هڪ سنڌي وزير اعظم هو جنهن جي گهر واري جنڊ پيهندي هئي. روايتون ۽ واقعا تہ ڪافي آهن، سڀ کان اهم واقعو مولانا عبيدالله سنڌي جي جلاوطني کان وطن واپسي، جنهن جي ڪراچي بندرگاهہ تي سنڌ جي وزيراعظم آجيان ڪئي، اهو واقعو اخبارن ۾ مون ان وقت لکيو جڏهن شهيد مرتضيٰ ڀٽو کي ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ڪيو ويو. ان وقت ۾ مون لکيو هو تہ مرتضيٰ! ڪاش تون الله بخش جي وزارت ۾ واپس اچين ها!.

مولانا عبيدالله سنڌي جي وطن واپسي ۽ ان جي استقبال جون تصويرون اڄ ڏينهن تائين ڇپجن ٿيون. الله بخش جي خدمت اها هئي جو هڪ دفعو سنڌ واهہ اٿلي شڪارپور شهر کي ٻوڙڻ لڳو تہ الله بخش واهہ کي ڪٽ هڻائي پنهنجيون ۽ عزيزن جون ٻنيون ٻوڙائي شڪارپور کي بچايو. ٻوڏ جي ٽائيم

تہ شڪارپور وارا چوندا آهن تہ ڪاش! اج بہ جيڪر الله بخش هجي ها!

دنيا بڙي غور سي سن رهي ثي
همين سو گئي فسانا ڪهتي ڪهتي.

عبدالواحد آريسر

انڙ آباد, عمر ڪوٽ
17 جون 2014

# عظيم ليڊر ۽ عمل

**ڪنهن** ڏاهي چواڻي ته هڪ ليڊر ۽ سياستدان وچ ۾ بنيادي فرق اهو هجي ٿو ته سياستدان جي نظر ايندڙ عام چونڊن تي هجي ٿي جڏهن ته ليڊر جي ايندڙ نسلن تي هجي ٿي، چيو ويجي ٿو ته هڪ غير معمولي ليڊر جي جنم لاءِ ٽن ڳالهين جو هجڻ ضروري آهي، هڪ غير معمولي حالات، ٻيو غير معمولي قوم ۽ ٽيون غير معمولي شخصيت، واقعي به اڄ پاڻ جائزو وٺون ته جيڪڏهن ٻي عالمي جنگ نه ٿئي ها ته ونسٽن چرچل جي ليڊر شپ وارين صلاحيتن جي دنيا کي ڪيئن خبر پئي ها يا ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جو راڄ نه هجي ها ته گانڌي ۽ جناح جي قائداڻين صلاحيتن جي پروڙ ڪنهن کي ٿئي ها، سو جڏهن غير معمولي حالتن ۾ ڪو سياستدان مستقبل تي نظر رکندي پنهنجي قوم جي قيادت ڪري ٿو ته اهو ئي ليڊر سڏبو آهي، پر تاريخ اهڙين شخصيتن سان به ڀريل نظر اچي ٿي جن کي انهن جي قومن پنهنجو ليڊر قرار ڏنو پر اهي ليڊر پنهنجي ناعاقبت انديشي ۽ ڏور فهمي نه هجڻ ڪري پنهنجي قوم کي تباهي ڏي وٺي ويا مثال طور ايڊولف هٽلر کي جرمن قوم پنهنجو ليڊر بڻايو پر هٽلر جي عملن جرمن قوم کي ڊگهي عرصي تائين غلام بڻائي ڇڏيو اتي اهو نقطو به اهم آهي ته جڏهن تاريخي شخصيتن پاران پنجاهه يا سئو يا ٻه سئو سال اڳ ڪيل فيصلن ۽ عملن بابت پاڻ اڄ تبصرو يا تجزيو يا تنقيد ڪيون ٿا ته اهو ذهن ڪيئن هيون ۽ ان فيصلي يا عمل کي ان مهل جي حالتن جي تناظر ۾ رکي تبصرو ڪرڻ وڌيڪ مناسب هوندو بلڪل ائين جيئن ڪرڪيٽ راند جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ تبصرا ۽ تجزيا ڪرڻ سولي ڳالهه هجي ٿي پر راند دوران ميدان ۾ رانديگرن ان مهل ۾ مناسبت سان ڪيڏي رهيو هجي ٿو.

عظيم ليڊر هجي يا عظيم سائنسدان، فلسفي يا شاعري يا ڳائڻو يا عظيم آرٽسٽ غرض ته جنهن به شخصيت جي ويزن يا ڏانءَ يا ڏاهپ جي ڪري ڪيس عظيم سڏي سگهجي ٿو يا جيڪو ڪيس ٻين هم عصرن کان جدا ڪري

بيهاري ٿو سو اهو آهي تہ سندس ڪيل عمل يا سوچ ڪيتري عرصي تائين Relevant رهي ٿي، مثال طور شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري سوين سالن کان پوءِ اسان کي اڄ بہ پنهنجي زندگي ۽ سماج سان جڙيل محسوس ٿئي ٿي يا پڪا سويا مائيڪل اينجلو جي فن جا اڄ بہ لکين ڪروڙين مداح آهن يا لتا منگيشڪر جو آواز اڌ صدي گذرڻ باوجود ڪروڙين ماڻهن جي روح جي غذا آهي، ساڳي طرح نيلسن منڊيلا جهڙن عظيم ليڊرن جو ويزن يا سوچ يا پاليسيون سوين سالن تائين سندس قوم لاءِ مشعل راهہ هجن ٿيون. انهي ڪري ڀاڻ منڊيلا جهڙي شخصيت کي صرف ليڊر نہ پر عظيم ليڊر طور ياد ڪيون ٿا.

ڪتاب جي ليکڪ ٿل واسي محبوب سومري سان منهنجي واقفيت تبديلي جي سفر دوران ٿي ۽ ساٿس ٿيندڙ ملاقاتن دوران سدائين ائين محسوس ٿئي ٿو تہ مخصوص ڀوتارڪي ماحول ۽ سماجي گردشن ۾ زندگي گهاريندڙان شخص کي يقين آهي تہ هي سڀ ڪجهہ بدلجڻو آهي ۽ تبديلي اٽل آهي، محبوب سومرو منهنجو دوست آهي ۽ گڏوگڏ تبديلي جي سفر ۾ منهنجو همسفر بہ آهي.

شهيد الله بخش سومري بابت سندس لکيل اهو ڪتاب الله بخش جي شخصيت جي مختلف رخن بابت ڪافي معلومات ڏيندڙ آهي ۽ سنڌ جي ويجهي ماضي جي تاريخ ۽ اهم شخصيتن بابت سمجهڻ ڏانهن هڪ سٺي ڪاوش آهي ۽ شايد ئي ڪو ان راءِ سان اختلاف ڪري تہ شهيد الله بخش پنهنجي وقت جو هڪ تبديلي پسند هيو.

**محمد علي قاضي**

ڪراچي

# سومرا خاندان جو پس منظر

**سنڌ** جي تاريخ ۾ سومرن(1051ع-1351ع) جي دور تي ڪو مستند مواد نہ ٿو ملي، جنهن مان ڪا حقيقت معلوم ٿئي. تاريخ سنڌ (اردو سيد سلمان ندوي) سومرا دور تي جيڪا مختصر نظر وڌي آهي، اُن ۾ هن لکيو آهي تہ: "سنڌ جو پهريون حاڪم سومرو هو جنهن جي حڪومت جو گهٽ ذڪر آهي." سلمان ندوي قياس ظاهر ڪيو آهي تہ فتح ملتان کانپوءِ 401 هجري ٿئي سگهي ٿو. اُن وقت خطي (علائقي) ۾ محمود غزنوي جي طاقت وڌيل هئي تنهنڪري هو خاموشي سان پنهنجي علائقي ۾ رهيا. اُن کانپوءِ سومره جو پٽ راج پال تخت تي ويٺو).(1)

سومرا قبيلي سنڌ تي تقريبا 430 سال حڪومت ڪئي ۽ انهي ۾ ڪيئي دور آهن ۽ آخر دودي سومري شهادت ماٺي. اُهو سنڌ جي تاريخ جو تمام وڏو المناڪ حادثو يا واقعو سمجهيو وڃي ٿو(جنهن کي شايد شاهہ لطيف رح وڏاندري ويڙهہ يعني جّنگ عظيم ڪري پنهنجي ڪلام ۾ سڏيو آهي) مگر افسوس ان دور جي مڪمل تاريخ نہ لکي ويئي ڇاڪاڻ تہ سنڌ تي وڌ کان وڌ سومرن حڪومت ڪئي پر مورخن الائي ڪهڙي مصلحت خاطر ان دور تي صحيح ۽ باوثوق روشني نہ وڌي آهي. لڳي ٿو تہ ٻين بادشاهن وانگر هنن پنهنجي تاريخ پاڻ نہ لکرائي ۽ نہ ئي وري ٻين هنن جي حڪومتي دور کي رقم ڪيو. بهرحال سنڌ تي سومرن جي دور جي پڇاڙي(1351ع) ۾ ٿي.

تنهن کانپوءِ سومرا مختلف علائقن ۾ آباد ٿيندا رهيا ۽ پنهنجي هنر ۽ محنت سان لڳي ويا. سومرن جي دور ۾ ماڻهون هنرمند هئا. انهن کي مختلف هنر ايندا هئا، مثلن لوهارڪو ڏڪاڻڪو اوستگري ۽ ڪورڪوتہ اُهي هنر هنن جي ڪم آيا ۽ انهن پنهنجي پيٽ گذر لاءِ انهن هنر کي استعمال ڪيو ۽ اڄ تائين انهيءَ ڪري انهن جا پاڙا بہ مشهور ٿيا. ڏڪڻ، ڪتي، اوستا، لوهر وغيره انهي سنڌ جي حاڪمن ڪڏهن وري شڪست کانپوءِ حڪومت لاءِ جاکوڙ نہ ڪئي ۽ نہ ئي

وري منظم ٿيا. شاھ صاحب جي شعر مطابق تہ:

ڪٿا منجھ قرار ھئا ھيڪاندا سنگ ۾،
ڳاھي ڳاھ فراق جي ڪيا ڌارون ڌار،
نہ چاڻ پيھار ڪير ملندو ڪنھن سان

سومرا روپا ماڙي ڪان بدين، عمر ڪوٽ، حيدرآباد، سنڌ جي ھر شھر ۾ جھڙوڪ جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو سکر مطلب تہ ڪو بہ اھڙو ضلعو نہ ھوندو جتي سومرا وڏي انگ ۾ نہ ھوندا ۽ اُتي اڪثر ڪري پنھنجي ڪرت ۽ محنت سان لڳل ھوندا. سنڌ ڪانسواءِ پنجاب جي رحيم يار خان، ملتان مطلب تہ پنجاب ۾ بہ گھڻن علائقن ۾ آباد آھن ۽ اُتي پنھنجي ھنر سان گذر سفر ڪن پيا. سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪڏھن سومرن جي دور کي ھنرمندن جو دور چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. جيڪڏھن سومرن کي بلوچستان ۾ ڏسبو تہ اتي بہ وڏي آبادي ۾ وڏا ڳوٺ نظر ايندا. ھندستان ۾ بہ سومرا موجود آھن. سومرن جي دور جي پڄاڻي کان پوءِ ۽ ھڪ دفعو وري سنڌ جي تاريخ ۾ ھڪ اھڙي ماڻھو جنم ورتو جنھن جو الله بخش نالو ھو جنھن گھڻي عرصي بعد سنڌ مٿان حڪومت ڪئي.

سنڌ جو پھريون قائد حزب اختلاف ۽ بعد ۾ وزير اعظم سن 1938ع ۾ چونڊيو ويو. ٻيو دفعو وري 1941ع ۾ سنڌ جو وزير اعظم چونڊجي ويو. الله بخش سنڌ جو اھو قومپرست اڳواڻ ھو جنھن کي اسان بغير ڪنھن ھٻڪ جي دودي ثاني جو لقب ڏئي سگھون ٿا. ڇاڪاڻ ھن دودي جيان سنڌ سان نينھن نڀايو ۽ سنڌ کي ٻگھڙن جي وات مان ڪڍي آزاد حيثيت ۾ رکڻ پئي چاھيو.

---

(1) سيد سلمان ندوي، تاريخ سنڌ ص 286 ڇاپو اول 1947ع

# الله بخش سومري جو گهراڻو

شهيد الله بخش سومري جا وڏا شڪارپور شهر جا رهواسي هئا. شڪارپور ۾ سندن پاڙو مستري نالي سان مشهور آهي. سندس پڙ ڏاڏي جو نالو به الله بخش هو جو ٺيڪيداري جو ڪم ڪندو هو. سندن ڏاڏو مشهور مستري خاندان هو جيڪو پنج پير جي پرسان آباد هو. هو وڏو محنتي انسان هو ۽ دين داري سان وڏيڪ لڳاءُ هئس. هن کي هڪ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو رحيم بخش رکيائين. جيڪو وڏي ٿيڻ ڪانپوءِ واپار جو ڪم ڪرڻ لڳو. ان زماني ۾ ٻاهرين ملڪن جا واپاري سامان کڻي اچي شڪارپور ۾ قلعه قافله ۾ ترسندا هئا. ڇاڪاڻ ته انهي دور ۾ وڏو شهر صرف شڪارپور ئي هو ۽ ان شهر جو پاٽي به مٺو هو جنهن جي ڪري واپاري به شڪارپور ۾ ايندا هئا. هنن جو هر قسم جو سامان پڻ وڪرو ٿيندو هو ۽ ان کان پوءِ پنجاب وغيره ويندا هئا. رحيم بخش انهن کان سامان خريد ڪري انهيءَ سامان جو واپار بلوچستان جي علائقن مان ٿيندو ايران ۽ افغانستان ڪندو هو ۽ اهو ڪيترائي سال هليو. انهي سلسلي ۾ اڳتي هلي رحيم بخش سومرو جڏهن سامان کڻائي بلوچستان هليو ويو ته واپس نه آيو. اهو پتو پئجي نه سگهيو ته اُهو ڦريو ويو، ماريو ويو يا بيماري سبب فوت ٿي ويو. جنهن جي خبر هن وقت تائين سندن وارثن کي نه ملي ۽ نه ئي ان جي ڪابه جاچ ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته سندس پاءُ نه هو نه ئي پٽ وڏو هو. سندس پٽ جي عمر اُن وقت تمام ننڍي هئي، جيڪو يتيم ٿي پنهنجي ماڻٽن وٽ پليو ۽ پڙهيو. يتيم محمد عمر وڏو محنتي نڪتو.هن پنهنجي ڏاڏي واري ٺيڪيداري به ڪئي ۽ ان سان گڏ زمينن جا ٺيڪا کڻڻ پڻ شروع ڪيا ۽ محنت ڪري ڏينهن رات انهي جستجو ۾ هو ته پاڻ کي مالي لحاظ کان سگهارو ڪري، هي وڏو نيڪ ۽ ايماندار ماڻهو هو. تنهنڪري اُن وقت جي انگريز آفيسرن به هن تي وڏو هٿ رکيو. ماڻهو ايمانداري جي ڪري ڪيس زمينن جا ٺيڪا ڏيندا هئا. اُنهي مان هن کي ڪافي

پئسو گڏ ڪرڻ جو موقعو مليو. اها زمين جيڪا هِن وقت جي سومرا خاندان وٽ آهي سا محمد عمر خان ورتي. انهي وقت پاڻي جي کوٽ هوندي هئي. آبادي لاءِ ڪوشش ڪيائين تہ جر جو پاڻي مٺو نہ پئي نڪتو. چون ٿا تہ پنهنجي مرشد سائين (حضرت عبدالحي جان رح) چشمي واري وٽ ڪوئٽا ويو ۽ ان کي حقيقت عرض رکيائين جنهن چيو تہ الله ڪندو چڱائي ٿيندي، مان جڏهن ان طرف اچان تہ مونکي وٺي هلجو تہ پوءِ اتي دعا گهربي. سائين سياري جي مند ۾ آيا. محمد عمر عرض رکيو تہ سائين سندن زمين تي قدم گهمايو. پاڻ سائين جن کي وٺي پنهنجي زمين تي آيا. سائينجن گهمي ڪري فرمايو تہ هتي کوهہ کوٽيو تہ الله ڪندو مٺو پاڻي نڪرندو. کوهہ کوٽيو ويو ائين ٿي ٿيو تہ پاڻي مٺو نڪتو ۽ حاجي محمد عمر ماٺهون ويهاري آبادي شروع ڪرائي، جنهن مان هن کي ڪافي فائدو حاصل ٿيو. حاجي محمد عمر جا وڏيري الاهي بخش خان پُٽي سان بہ سٺا تعلقات هئا. اُن جي زمين جا ٺيڪا بہ ڪٽندو هو. جڏهن وڏيرو الاهي بخش خان پٽو فوت ٿيو تہ پويان سندن زمين ڪورٽ آف وارڊ جي حوالي ٿي، جا حاجي محمد عمر ساڳي زمين سرڪار کان ٺيڪي تي ڪنئي ۽ ان ۾ آبادي شروع ڪرايائين جتان هن کي ڪافي مالي فائدو رسيو. ان ڪانپوءِ هن جيڪب آباد شهر ۾ هڪ جڳہ ورتي جيڪا اُن وقت هڪ اسٽيشن ماسٽر جي هئي. هي ساڳي جاءِ آهي جتي هن وقت سومرا هائوس موجود آهي. اُن وقت انهيءَ پلاٽ ۾ جاءِ جي مختصر ۽ ڪچي اڏوات ٺيل هئي، جنهن ۾ قيام پذير ٿيندو هو. هن سخي ۽ مومن ماڻهو کي خدا وند تعاليٰ بہ پٽ عنايت ڪيا، هڪ الله بخش سومرو ۽ ٻيو مولا بخش سومرو. ان وقت ڏاري جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر مسٽر سمائيٽ هو. جيڪو حاجي محمد عمر جي قابليت، محنت ۽ ايمانداري ڪري ڪائنس متاثر هو. مسٽر سمائيٽ حاجي محمد عمر کي گهرائي چيو تہ اسان کي جيڪب آباد ويجهو بيلو ڊڪسن ۽ بيلو علي پور مان وڻ ڪٽائي ڪرائڻا آهن، سو مان اوهان جي شهرت ٻڌي آهي تہ توهان ايماندار ۽ محنتي آهيو سو اوهان کي ٺيڪو ڏيان ٿو تہ اهي وڻ ڪٽائي صاف ڪري زمين کي زرعي آبادي لائق بڻايو. حاجي محمد عمر بيلي جي ڪٽائي جو ڪم شروع ڪرايو ۽ اها زمين بلڪل ٺيڪ ڪري آبادي لائق بڻائي. اهو ڪم هن وقت کان اڳ پورو ڪيو اُن تي ڊپٽي ڪمشنر سمائيٽ ڏاڍو متاثر ٿيو. حاجي محمد عمر ان مان ڪافي پئسو ڪمايو. جنهن ڪانپوءِ هو پنهنجي زمين خريد ڪري آباد ڪرائڻ لڳو ۽ وڏيڪ سکيو ستابو ٿيو. جيڪو ڪم محمد عمر پنهنجي محنت سان وقت اندر سٺي نموني

ڪيو هو تنهن تي ڊپٽي ڪمشنر اُن جي ساراهه ڪئي ۽ هن کي چيو تہ توهان محنتي آهيو سو سرڪاري زمين ڪٽ تي کڻو ۽ اُن جي رقم آسان قسطن ذريعي جمع ڪرايو. انهي ڪانپوءِ محمد عمر زمين ڪٽ تي کنئي جيڪا هن وقت جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ موجود آهي. اها تقريبن ست هزار جريب ٿيندي. هن محنت ڪئي ۽ زمين کي آباد ڪيو. هن محنت ۽ ايمانداري سان ڪم ڪري ٿوري وقت ۾ وڏي ترقي ڪئي. مرحوم نيڪ بخت صوم وصلوات جو پابند، محنتي يار ويس ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي.

حاجي محمد عمر 1928ع ڌاري سخت بيمار ٿي پيو. تنهن جي علاج لاءِ کيس بمبئي وٺي ويا. هن پنهنجي پٽن کي اها وصيت ڪئي تہ جيڪڏهن مان اتي فوت ٿي وڃان تہ منهنجو مڙهہ بمبئي ۾ ئي دفن ڪجو ۽ پوين کي اتي (شڪارپور) پهچڻ کان اڳ ۾ اطلاع نہ ڪجو. وصيت مطابق حاجي محمد عمر کي فوت ٿيڻ بعد اتي (بمبئي) ۾ دفن ڪيو ويو. جنهن جي قبر هن وقت بہ اتي موجود آهي.

# الله بخش سومري جي نجي زندگي

سنڌ جو پهريون قومپرست وزير اعظم ۽ سنڌ جي نالي واري سياسي شخصيت الله بخش ولد حاجي محمد عمر سومرو 19 صفر 1318هجري بمطابق 31 آگسٽ 1900ع تي ڄائو.(1)

"الله بخش سومري ٿل کان پرائمري تعليم حاصل ڪري 1911ع ۾ هوپ فل اڪيڊمي هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي"(2).

الله بخش سومري 1919ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. هن جو ننڍي هوندي کان رانديڻ سان چاهه هو. ڪيس خاص ڪري ڪرڪيٽ سان وڏيڪ دلچسپي هوندي هئي. اڪثر ڪري اسڪول جي ٽيمن سان گڏجي جيڪب آباد ۽ سکر ۾ ڪرڪيٽ کيڏڻ ويندو هو. پڙهائي دوران پنهنجي والد حاجي محمد عمر سان گڏجي ٺيڪيداري ۽ زمينداري جي ڪمن تي ويندو هو ۽ پنهنجي والد صاحب سان گڏ ڪجهه ڪم ڪار ۾ پڻ هٿ ونڊرائيندو هو. جڏهن الله بخش 25 سالن جو هو تہ سندس والد حاجي محمد عمر وفات ڪري ويو. جنهنڪري هن تعليم ڇڏي پنهنجي والد صاحب جو ڪاروبار سنڀاليو. هن ٺيڪيداري ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ ان ۾ محنت ڪري تمام سٺو نالو ڪمايو. هي انگريزي سٺي ڳالهائي سگهندو هو تنهنڪري سندس انگريز انجنيئرن ۽ آفيسرن سان سٺا لڳ لاڳاپا پيدا ٿيا.

الله بخش هٿ جو ڪشادو هو سندس مهمان نوازي مشهور هئي. انگريز انجنيئرن سان سٺن لاڳاپن جي ڪري ٺيڪداري جا ڪم بہ سٺا ملندا هئس ۽ وقت سر سٺو ڪم ڪرڻ تي نالو ۽ ناڻو خوب ڪمايائين. ڀاڳ بخت وارو ماڻهو هو. سندس شخصيت ۾ يقينن خاص قسم جي جاذبيت هئي. جنهن سان هڪ دفعو ملاقات ٿي تہ اهو ماڻهو پوري زندگي ساڻس گڏ هوندو ۽ دوستي قائم رکندو هو ڇاڪاڻ تہ هو دوستن سان تمام سٺو ناتو نڀائيندو هو. هن جي جنهن بہ ماڻهو

سان دوستي ٿي اها آخري دم تائين قائم رهي.

1. الله بخش ننڍي هوندي پڙهڻ ۾ خاص دلچسپي نہ وٺندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسڪول ڪان بہ گسائي ويندو هو پر ساڳي وقت وڏو تيز فهم ۽ محنتي هو. الله بخش ننڍي عمر ۾ ئي قرآن شريف پڙهي مڪمل ڪيو.

2. الله بخش ڪنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهندو هو تہ پورو ضرور ڪندو هو. چاهي ان ۾ سندس پئسو لڳي يا وقت لڳي. ڪم پورو ڪري پوءِ خاموش ٿي ويندو هو.

3. الله بخش جي فراخدلي ۽ سخاوت جا ڪيترائي مثال آهن. الله بخش وٽ جيڪڏهن ڪو گهرجائو اچي گذارش ڪندو هو تہ ان جي هو گهرج پوري ڪندو هو ۽ هن ڪي هٿين خالي نہ ڇڏيندو هو. هو عام فقير کي بہ چار آنن کان گهٽ نہ ڏيندو هو. مطلب تہ الله بخش جي سخاوت ائين هوندي هئي، جو ڪو بہ سائل سندس در تي صدا هڻئي تہ خالي هٿين نہ ويندو هو.

4. الله بخش دستر خوان جو هميشهہ ڪليل رهندو هو ۽ جيڪو بہ تڏي تي دوست سنگت ايندو هو تہ هن سخي مرد جي ننگر کائڻ کانسواءِ موڪل مشڪل سان ملندي هئي. هن ڪڏهن بہ اڪيلي سر ماني نہ کاڌي هئي. هن وٽ جيڪڏهن مهمان نہ آيا تہ پوءِ زور ڪري دوستن کي وٺي اچي پاڻ سان گڏ ويهاري ماني کارائيندو هو يا نوڪرن کي گڏ ويهاري انهن سان گڏجي ماني کائيندو هو. هو پاڻ سادي ماني کائيندو هو. پر مهمانن لاءِ سٺي کاڌي جو بندوبست ڪندو هو.

5. اڪثر ڪري جنڊ جي پيٺل اٽي جي ماني کائيندو هو. اهو جنڊ سندس گهر واري هلائي اٽو پيهندي هئي، جيڪڏهن اها ڪنهن ٻئي ڪم ۾ مشغول هوندي هئي تہ پاڻ بہ جنڊ جو اٽو پيهي وٺندو هو.

6. الله بخش پنهنجي زندگي ۾ اڪثر ڪري چوندو هو تہ جيترو ڪمائجي ٿو تہ پوءِ خرچ بہ ڪرڻ گهرجي. انهي جو مطلب اهو نہ آهي تہ فضول خرچ ڪجي پر پاڻ تي ۽ پنهنجي گهر ٻار تي ۽ خير خيرات ۾ استعمال ڪجي.

7. سندس والد طرفان ورثي ۾ ست هزار جريب زمين ملي.

8. زمين مان اٽڪل بہ لک ٽيهہ هزار اُپت ٿيندي هئس ۽ ٺيڪن مان اٽڪل 50 هزار ڪن بچندا هئس. ٽوٽل بہ لک اسي هزار آمدني هئس.

9. هو هميشہ سوڙ آڏار پير ڊگهيڙيندو هو جنهن ڪري ڪڏهن بہ پئسي جي تڪليف نہ ٿيس.

10. شخصي طرح غير واجبي ناڻو ڪمائڻ جي خلاف هو. هڪ دفعي

برماشيل ڪمپني وارن اپر سنڌ لاءِ پيٽرول وڪڻڻ جو ٺيڪو ڏنس پئي، ڪمپني جي مرضي هئي تہ الله بخش وزيراعظم جي حيثيت جو فائدو وٺي، پي ڪنهن بہ ڪمپني جي تيل تي بندش وجهي ۽ سٺا پئسا ڪمائي. الله بخش هڪ هٿي جي خلاف هو سوائين نہ ڪيائين ۽ برما شيل وارن کي جواب ڏنائين اوهان جو ٺيڪو ڪٽي عوام کي آزار ۾ وجهڻ نہ ٿو چاهيان.

11. هڪ دفعي سندس وڏي پٽ رحيم بخش ڪنهن پاڙيسري کان زمين خريد ڪئي تہ پاڻ ڪيس منع ڪيائين تہ اهو پاڙيسري ڏتڙجي ويندو. هو ان ڏانهن لنگهي بہ ويو ۽ زمين واپس ڪيائين. پر اُن وري پئي ماڻهو کي ڏيئي ڇڏي.

12. الله بخش جو ڏنڏي ۾ جيڪڏهن ڪنهن سان ڪو مسئلو ٿيندو هو تہ اڳيان چوندا ها تہ توهان پاڻ امانت ڪريو. پاڻ کي نقصان ۾ وجهي بي ڏر کي خوش ڪري وٺندو هو.

13. الله بخش سڪيو ستابو ماڻهو هو پر شاهوڪاري جو حامي نہ هو. چوندو هو تہ زميندار ۽ شاهوڪار ظالم آهن. مولوي خوشامندڙيا . پير مفت خور آهن.

14. پڇاڙي واري زماني ۾ چوندو هو تہ دوستو! دولت اوهان کي تڪليف ڏيندي، توهين مسڪين جي ڊِل جو ناجائز فائدو ٿا وٺو ۽ پنهنجا گهر ٿا ڀريو. اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ دولت مند ماڻهو جو ڇوٽڪارو ڏاڍو ڏکيو آهي.

15. اڪثر ڪري الله بخش دوستن کي چوندو هو تہ بهتر آهي تہ اسڪول ۽ اسپتالون کولي خلق جي خدمت ڪجي. علم جي روشني سان ماڻهن جي دل ۽ دماغ جا طاق کلي وڃن ٿا ۽ هو زندگي جي مقصد کان واقف ٿئي ٿو ۽ هنن ۾ بهتر زندگي جو احساس پيدا ٿئي ٿو.

16. الله بخش چوندو هو تہ مسلمان ميمبر آزاد نموني سان پنهنجي راءِ ڏيڻ ۽ دليري سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪرڻ جي جرئت نہ رکندا آهن.

17. الله بخش چوندو هو تہ آزادي انهيءَ قوم جو حق آهي، جنهن جو دماغ روشن، دل بي باڪ، خيال بلند، فڪر عميق، ضمير شمشير وانگر تيز ۽ روح آزاد هجي.

18. الله بخش جو خيال هو تہ تقرير ۽ تحرير جي آزادي قومي عمارت جو بنيادي پٿر آهن. انهي ۾ رڪاوٽ وجهڻ سان قومون تنزل جو شڪار ٿي وينديون.

19. هن پنهنجي زماني ۾ ويهہ هزار خرچ ڪري "آزاد" نالي اخبار شايع

ڪرائي جنهن ڪي اهو حق ڏنائين ته اها عوام جي مسئلن کي کُلي نموني شايع ڪري ۽ ان ۾ ڪابه مداخلت نه ڪيائين. انهي اخبار جو ماهوار خرچ هڪ هزار پاڻ پريندو هو.

20. 1939ع کان بعد ۾ کاڏي پائڻ شروع ڪيائين. الله بخش کاڏي جا سادا ڪپڙا پائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو سوٽ به پائيندو هو. پيرن ۾ سيلپر يا پشاوري چپل هوندي هيس. هو اڪثر سنڌ جون ٺهيل شيون خريد ڪندو هو پنهنجي دوستن، هندو توڙي مسلمانن، کي چوندو هو ته شڪارپور جون شيون خريد ڪريو. جي نه ته سنڌ جي ٻين علائقن جون ٺهيل شيون وٺو ۽ استعمال ڪيو. ٻاهرين ملڪن جون شيون استعمال نه ڪريو ته بهتر آهي.

21. الله بخش جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي پنهنجي ڪم لاءِ منتخب ڪندو هو ته ان کان اڳ ۾ ان جي مڪمل ڇاڻ وٺندو هو ۽ پوءِ هن جي ڪم ۾ دست اندازي نه ڪندو هو. الله بخش چوندو هو ته جنهن به ماڻهو تي ويساهه ڪيو ته پوءِ ان تي بي اعتمادي نه ڪيو. ويساهه ڪرڻ کانسواءِ ڪوبه ڪم هلي نه سگهندو.

22. زندگي جي پوين ڏينهن ۾ الله بخش لاءِ چيو ويندو هو ته هن پنهنجي سموري زمين وقف ڪري پاڻ هڪ لانڍي ۾ رهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. ماڻهن جي ڀلائي جي ڪري ائين ته نه ڪري سگهيو پر هارين تي رهيل 32 هزار روپيه قرض معاف ڪري ڇڏيائين.

23. آخري ڏينهن ۾ انگريز سرڪار جي عملدارن سان ملڻ پسند نه ڪندو هو. هڪ دفعي اُن وقت جو ڪمشنر ڪالنس سندس بنگلي تي آيو ۽ ويهي رهيو. پر الله بخش هن سان نه مليو ۽ هو واپس هليو ويو.

24. ڪن واپارين سان چٽا گڏ خريد ڪيا هئائين، جيڪي ڪراچي ۾ وڏي اگهه تي پئي ويا. پائيوارن گڏجي چيس ته اسان کي گاڏا وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪريو هن ڪوشش ڪئي پر گاڏا نه مليا. واپاري دوستن چيس تو اوهان ڪليڪٽر "هولٽ" کي چئو ته گاڏا ڏي، سٺو نفعو ملندو. الله بخش صاف جواب ڏنو ته ڪنهن انگريز سان نه ملندس، پل ڪجهه به نقصان ٿئي يا فائدو ٿئي.

25. الله بخش پنهنجي گهر واري سان بيحد پيار ڪندو هو اولاد لاءِ شفيق، ڀاءُ لاءِ قُربدار ۽ دوستن جو سٺو دوست هو. شڪارپور شهر جو هي عاشق هو. مسلمان توڙي هندو خسيس معاملن لاءِ به ڊوڙي الله بخش وٽ ايندا هئا. هي ٻيا ڪم ڪار ڇڏي ڪري اول انهن جو ڪم پورو ڪندو هو.

26. ڏنڊي ۽ واپار ۾ پڙ ۽ حساب ڪتاب جو (چاٽو) ماهر هو. ڪنهن کي بہ ڪس (ڪوٺ) نہ لڳائيندو هو. جنهن جي ڪري سندس پائيوار رازي هوندا هئا. زير دستن سان گِهرو نہ پوندو هو. نڪي وڏن ماڻهن جي پرواهہ ڪندو هو.

27. عملدار سندس قابليت ۽ هشمت ۽ اصول پرستي ڏسي هميشہ هن کان اک رکندا هئا. پر ساڳي وقت سندس اعليٰ اخلاق ۽ انسان دوست طبعيت سبب پائيندا هئا.

28. الله بخش سومري ۾ اجايو اڊمبر ۽ خواه مخواهہ جي معتبري ۽ ڏيل ڏيک نہ هوندو هو. هن جهڙي نياز ۽ نوڙت ڪنهن بہ سياسي ليڊر ۾ اڄ تائين ناهي آئي. هي اڪثر پنهنجي زندگي ۾ خواه مخواهہ جي ڏيک کي پسند نہ ڪندو هو. هي اڪثر ڪري ڪنهن ماڻهو تي پنهنجي رعب ڇمائڻ جي ڪوشش نہ ڪندو هو. هي ماڻهن سان ملي جلي رهڻ جو عادي هو. گهڻو ڪري گهٽ ڳالهائڻ ۽ ٻئي جي وڏيڪ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن ڪڏهن بہ وزيراعظم جي رعب تاب جي نمائش نہ ڪئي. وزير اعظم هوندي بہ الله بخش عام ماڻهو واري ات ويهہ ڪندو هو بغير ڪنهن هيڪ جي شهر گهمندو هو.

29. ڪيترائي اخبار نويس هن وٽان چندا وٺي ويندا هئا پوءِ بہ مٿس اجائي تنقيد جو نشانو بڻائيندا هئا. پر الله بخش سومرو پنهنجي زبان سان ٻڙڪ نہ ٻاڦيندو هو. ۽ نہ ڪي سخاوت کان هن کي محروم رکندو هو.

30. هن ڪڏهن بہ وزير اعظم جي حيثيت ۾ ڪابہ اعزازي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ نہ ئي وري ڪنهن خوشامدي پروگرام ۾ شرڪت ڪندو هو.

31. جيئن سنڌي زميندار اڪثر ڪري فضول خرچ ۽ غير واجبي شيون خريد ڪرڻ جا هميشہ ڪوڏيا رهيا آهن. الله بخش ان سڀني فضول خرچين ۽ غير واجبي شين خريد ڪرڻ کان پري رهيو. جيئن جيئن هن تي بار وڌندا ويا تہ هن جي سوچ ۽ فڪر ۾ بہ نمايان تبديلي ايندي وئي. الله بخش پنهنجي دور ۾ سياست ۽ سماجيات ۾ ان مٿانهين منزل تي پهتو جو هن کي سوَن سالن جو مستقبل نظر اچي پيو. الله بخش درويشاڻي صفت جو مالڪ هو. الله بخش جي باري ۾ سر سڪندر حيات چوندو هو تہ " الله بخش جا خيال درويشن جهڙا آهن. "

32. حيدر بخش سندس پيو نمبر پٽ هو گهڻو ڪري ٻاهريان ڪپڙا گهرائي پائيندو هو. الله بخش هميشہ ان کي ٽوڪيندو هو تہ سنڌ جو ڪپڙو پهريو.

33. اڪثر ڪري پاڻ پنج ئي وقت نماز پابندي سان پڙهندو هو ۽ پنهنجي پٽن ۽ ڌيئرن کي به نماز جي هدايت ڪندو هو ۽ سياري ۾ ته پارن لاءِ صبح جو پاڻ پاڻي گرم ڪري ڏيندو هو ۽ پارن کي چوندو هو ته نماز پڙهو پاڻي گرم آهي.

34. انهيءَ زماني ۾ الله بخش هڪ مدرسي ۾ ٻاهرين مسافر رهندڙن شاگردن جو خرچ پاڻ پريندو. اهو مدرسو "مدرسه السعادتين" ڳوٺ گورو پهوڙ (هاٽوڪي تعلقي خانپور) ضلعي شڪارپور ۾ هو.

35. هن جي طبيعت ۾ هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته هو پنهنجي اندر جي ڳالهه پاڻ تائين رکندو هو ۽ اندر جي ڳالهه جو ڪو اثر هن جي منهن تي ڪڏهن به محسوس نه ٿيندو هو. سندس زندگي جو هڪ اصول هو ته هن ڪڏهن به شڪست قبول نه ڪئي، آخري گهڙي تائين لڙيو. ڪيس ڪٽڻ جي پڪ ۽ هارائڻ جي صورت ۾ حوصلو هوندو هو.

36. الله بخش وزيراعظم سنڌ هوندي به حجام وٽ سيلون تي اڪيلو وڃي سيرب ٺهرائيندو هو ۽ انهن سان اڳ جيان ساڳيون ڪچهريون ڪندو هو. عوامي احوال معلوم ڪرڻ ۾ ڪو به فرق نه آيو. پاڻ چوندو هو جي عوام جي راءِ معلوم ڪرڻي اٿئو ته حجم جي سيلون تي وڃو ته سيرب ٺاهيندي پوري ملڪ جو احوال ڏيئي ونندو يا وڃي عوامي چانهه جي هوٽل تي ويهي چانهه پيئو ته معلوم ٿيندو ملڪ ۾ ڇا پيو وهي واپري.

37. الله بخش کي پنهنجي شهر شڪارپور سان محبت هئي ان جي ماڻهن سان محبت هئي، الله بخش چاهيندو هو ته شڪارپور ۾ ڪارخانا لڳن ۽ ماڻهون روزگار سان لڳن ۽ شڪارپور جون ٺهيل شيون واپرائن ته جيئن هتان جا ماڻهون خوش رهن. اڄ به شڪارپور وارن کي الله بخش جون ڳالهيون پڏي احساس ٿيندو آهي ته الله ڪري پويان اولاد به الله بخش جيان سوچين.

38. هڪ دفعي ڪاليج جي شاگردن جي فيس اندازن 32000 هزار روپيه جمع نه ٿي هئي ته ڪمشنر ڪاليج بند پئي ڪيو. انهيءَ تي پاڻ ڪمشنر وٽ وڃي انهي کي ضمانت ڏني ته پئسا مان جمع ڪرائيندس ڪاليج هلرايو اهڙي طرح ڪاليج هليو.

39. هڪ دفعي 1942ع ۾ ٻوڏ آئي ۽ شڪارپور کي خطرو وڌي ويو ته الله بخش راتين جون راتيون جاڳي ڪري شهر کي بچايائين، ۽ پنهنجي زمين ٻوڙائي ڇڏيائين.

40. الله بخش جا دشمن بہ سندس اخلاق، سخاوت ۽ همٿ کي داد ڏيندا هئا. الله بخش جي زندگي جو آخري زمانو بہ تمام سادو هو چون ٿا تہ هن گوشت کائڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. سبزيون ۽ داليون کائيندو هو. کاڌي ۽ جوڙي جا ڪپڙا پهريندو هو، هميشہ قرآن پاڪ جو ورد ڪندو هو.

41. الله بخش پنهنجي نياڻين کي ڏاج ۾ سادو ڏاج ڏنو وڏي پٽ رحيم بخش کي شادي ۾ کاڌِي جا ڪپڙا ۽ بوٽ ڏنا. مائٽن احتجاج ڪيو پر پاڻ انهن کي اهو جواب ڏنائين تہ نبي ڪريم صہ جي اولاد کان مٿي تہ نہ آهن، مطلب ڏيک ويک بلڪل نہ هو سدائين سادگي سان هلندو هو.

42. الله بخش جي دوستي اهڙي تہ مضبوط ۽ پياري هئي جو پري ٽيڻ جو ڪڏهن سوچي بہ نہ سگهندو هو. هو ڪڏهن بہ جذباتي نہ ٿيندو هو ۽ هميشہ کل مک رهندو هو. هڪ دفعي ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ شڪارپور جي گهٽي ۾ وڃي رهيو هيو تہ گندي پاڻي کي صاف ڪندڙ ينگي، جيئن گند کي اڇلايو تہ اهو سندس ڪپڙن تي پيو ينگي جي ايڏي لاپرواهي تي وزيراعظم سنڌ جي منهن تي ڪابہ ڪاوڙ نہ آئي، هو موٽي اچي گهر بيا ڪپڙا پهري نڪتو تہ ينگي غلطي کي محسوس ڪندي ڪنبي رهيو هو تہ الائي ڇا ٿيندو؟!. هو سندس پيرن تي ڪري پيو مگر الله بخش ينگي کي هٿ کان وٺي اٿاريو ۽ کيس ڪجهہ مٺ ۾ روپيا ڏنا ۽ پاڻ مسڪرائيندو هليو ويو.

43. الله بخش وزير اعظم هوندي پنهنجي دوست محمد سومار (جيڪو ٺٽي ۾ رهندو هو) جي گهر ويو در کڙڪايائين، گهران ڇيائون تہ محمد سومار ڪونهي، نالي ٻڌائڻ ڪانسواءِ چيائين تہ ماني کائيندس. گهران جيڪا ماني هئي اُها موڪليائون، دال ۽ چانورن جي ماني. پاڻي بہ اچي رکيائون. ويهڻ لاءِ صندلي ڏنائون، الله بخش ماني کائي هليو ويو. ان کانپوءِ وري ٺٽي ۾ ديوان موٽو مل وٽ ويو. جنهن کي عجب لڳو ۽ خوشيءَ مان ماپي نہ پيو ديوان ماني جي صلاح ڪئي، الله بخش چيو تہ سومار جي گهران کائي آيو آهيان. الله بخش جي زندگي جي گذارڻ جو وڏي ۾ وڏو اصول هو تہ "سادي رهڻي ڪرڻي ۽ اوچا خيالات" "Plain living and High Thinking"

44. هڪ دفعي شڪارپور ۾ هڪ ميٽنگ سڏايل هئي سوين ماڻهون گلمن تي ويٺا هئا. وزير اعظم لاءِ هڪ وڏي ڪرسي ۽ ٽيبل رکيل هئي، جڏهن الله بخش آيو تہ سادن ڪپڙن ۾ نہ اکڙ نہ ٺاٺ نہ باٺ اچي ماڻهن سان گڏ هيٺ ويهي رهيو اتي ويهي احوال ڪيائين ۽ واپس هليو ويو ۽ ماڻهون حيران رهجي ويا.

45. الله بخش لاءِ سيٺ بولچند وسومل راجپال لکي ٿو تہ: "شهادت کان هڪ مهينو اڳ شڪارپور ريلوي اسٽيشن تي مليو. مون سان ديوان لالچند نولراءِ، ديوان نهچلداس وزيراڻي ۽ جيٺمل پرسرام جيڪب آباد وڃي رهيا هئاسين تہ الله بخش کي پيرن ۾ چپل، تنگن تي پتلون ۽ جوڙي جي قميص ۽ مٿو اگهاڙو سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ چڙهيو جي مان اڳ نہ سڃاڻيندو هجان ها تہ پڪ سان اهو نہ چوان ها تہ هي سنڌ جو سابق وزير اعظم آهي!؟"

46. پاڻ وزيراعظم هو تہ هن وٽ وزيراعظم هائوس ۾ هڪ ڪراڙو مولوي صاحب رمضان جي مهيني ۾ رهيل هيو. جنهن کيس شڪايت ڪئي تہ سياري جي ٿڌ آهي، رات جو اوهان جو نوڪر پاڻي گرم نہ ٿو ڪري ڏي تڪليف ٿئي ٿي. انهيءَ ڪانپوءِ الله بخش پاڻ پاڻي گرم ڪري ۽ ماني رکي مولوي صاحب کي رڙ ڪري چيو تہ مولوي صاحب اوهان جو پاڻي گرم آهي ۽ ماني بہ پئي آهي. ان آواز تي سندس پيو رهيل مهمان برڪت علي آزاد جيڪو ڪميونسٽ هو تنهن ڏٺو تہ الله بخش پاڻ پاڻي گرم ڪيو ۽ ماني بہ رکي ويو هو. برڪت آزاد چيو تہ ان آواز کان پوءِ ٻاهر نڪري ڏٺو تہ ڪوبہ نوڪر موجود نہ هو.

47. هڪ دفعي رحيم بخش جيڪو سندس وڏي پٽ هو. تنهن هڪ سيفٽي آندي. تنهن کي چيائين تہ "اها ڦٽي ڪري ڇڏ. غريب جي پيٽ کي لت ٿو ڏيئن. اهي زميندراي عادتون ڇڏي ڏي." تنهن تي رحيم بخش چيس تہ اهو ڪم مان پاڻ ڪري سگهان ٿو تہ ڇو نہ ڪيان. حجم جو ڪهڙو نقصان ٿيندو."

الله بخش :مان پوءِ ملڪيت وقف ڪندس.

رحيم بخش: اسين پاڻ محنت ڪري ڪمائيندا سون.

الله بخش: تون فضول خرچ آهين. سوٽ بوٽ ڇڏ. بہ چولا بہ سٿڻون رک.

رحيم بخش: ابا، مون ۾ ڪا بدعادت ناهي.

الله بخش: تو کي پنهنجي فضول خرچي تي شرم اچڻ کپي، روز جي ماڻهن جيترو خرچ رک.

---

(1) هي تاريخ پيدائش، ميمڻ عبدالغفور سنڌي جو ليک، انٽرنيٽ تي شهيد الله بخش سومرو بابت لکيل مضمون لنڪ تان کنيو ويو آهي، ممڪن آهي تہ درست هجي!!؟

(2) ارشاد ڪاغذي جي مضمون "شهيد الله بخش جي شهادت" ڇپيل ڪتاب شهيد الله بخش سومرو شخصيت ۽ سياست تان ورتل صحفو 137 ۽ 138 مرتب: آزاد قاضي

# سياست جي شروعات ۽ سرگرميون

اسڪول جي ڏينهن ۾ هو ذهين ۽ تيز فهم شاگرد هو. مئٽرڪ تائين پڙهڻ ڪانپوءِ تعليم ڇڏي. والد سان گڏ سرڪاري ٺيڪن ۽ زمينداري جو ڪم ڪرڻ لڳو. هو پنهنجي هوشيارپ ۽ ڏاهپ جي ڪري انگريز انجنيئرن سان سٺا تعلقات پيدا ڪري ورتا جنهن جي ڪري هن ٺيڪن مان گهڻو ڪمايو هي جيترو ڪمائيندو هو ايترو ڪشاده دلي سان خرچ بہ ڪري ڇڏيندو هو مجلسن، يارن، دوستن، محتاجن، علمي ادارن ۽ شاگردن تي خرچ ڪرڻ ۾ هٿ ڇوٽ هوندو هيس. انڪري سندس ذاتي اثر جو دائرو ويو وڌندو. 1923ع ڌاري هي جيڪب آباد ميونسپالٽي ۽ ضلع لوڪل بورڊ سکر جو ميمبر چونڊيو ويو. سن1926ع ۾ هي خانبهادر جان محمد خان پناڻ (سلطان ڪوٽ) سکر ضلعي جي بااثر زميندار جي مقابلي ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي ويو. ٻُٽي خاندان سان سندس والد جي ڏينهن کان سٺا تعلقات هوندا هئا، هن سر شاهنواز خان ڀٽو جو بمبئي ڪائونسل ۾ دست راست تي ڪم ڪيو جو ان وقت بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي مسلمان ميمبرن جو ليڊر هو. الله بخش پنهنجي ڏاهپ ۽ ذهانت سان پاڻ مڃايو. هن جي محنت ۽ ذهني لياقت جي ڪري ڪائونسل جي ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ سبب بمبئي ڪائونسل جي ميمبري جي زماني ۾ هن کي گهڻن ئي ڪائونسل سان واسطو رکندڙ ۽ سرڪاري ڪاميٽين تي چونڊيو ويو جتي ڪيس تجربي حاصل ڪرڻ جا گهڻا موقعا مليا. هي سن 1926ع کان 1936ع تائين (جيستائين سنڌ بمبئي سان شامل هئي) بمبئي ڪائونسل جو ميمبر رهندو آيو.

الله بخش بمبئي ڪائونسل ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ جي مسئلن کي اسيمبلي جي فلور تي سٺي انداز ۾ پيش ڪندو رهيو. انهي کان علاوه سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ لاءِ بہ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. انهي دور ۾ سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪرڻ لاءِ سنڌ جا ٻيا ليڊر بہ ڀرپور حصو وٺن پيا جن ۾

خاص ڪري سائين جي ايم سيد ٻه وڏو سرگرم رهيو سر عبدالله هارون انهي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آخر ڪار هنن جي ڪوشش سان بمبئي کان سنڌ کي جدا ڪيو ويو. سنڌ کي 1936ع ۾ جدا صوبي جي حيثيت ڏني وئي سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ کان پوءِ الله بخش سومرو سرگرم ڪردار ادا ڪيو.

## عملي سياست

1923ع ۾ جيڪب آباد ميونسپل جي ميمبر چونڊجڻ بعد 1926ع ۾ سکر ضلعي ۾ بمبئي ڪائونسل جو رڪن چونڊيو ويو. 192 8ع ۾ ضلع لوڪل بورڊ سکر جو صدر چونڊيو ويو. جنوري 1931ع ۾ هن جيڪب آباد ۾ گهوڙن جي ساليانہ نمائش جي موقعي تي سنڌ جي لوڪل بورڊن جي صدرن ۽ چيف آفيسرن جي ڪانفرنس سڏائي. ان ڪانفرنس ۾ لوڪل بورڊن جي تنظيم اختيارين ۽ سڏارن بابت ڪيترائي ٺهراءُ پاس ٿيا ۽ ان موقعي تي سنڌ جي لوڪل بورڊن جي ايسوسيئشن پڻ وجود ۾ آئي. انهي موقعي تي هن سنڌ جي مسلم سياستدانن جي ڪانفرنس سيٺ حاجي عبد الله هارون جي صدارت هيٺ سڏائي. جنهن ۾ سنڌ جي علحدگي ۽ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جي ٺهرائن جي تائيد ۾ ٺهراءُ پاس ڪيا ويا. جيئن تہ سکر ۽ جيڪب آباد وڏن زميندارن. جاگيردارن ۽ سردارن جي اثر وارا ضلعا هئا پيو تہ انهن جي مقابلي ۾ هي شهر جو رهاڪو ۽ ننڍو زميندار ۽ بي راڄو ماڻهو هو پر لياقت. قابليت. خوش خلقي. لڳ لاڳاپي ۽ ڪشاده هٿ جي ڪري پنهي ضلعن تي حاوي ٿي ويو. مرڪزي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون. ان ۾ بہ اميدوار چونڊڻا هئا. انهن ٻن سيٽن لاءِ ٽي اميدوار بيٺا. هڪ سر حاجي عبد الله هارون. ٻيو شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٽيون سردار نبي بخش خان ڀٽو. ان ۾ آزاد خيال وارن ماڻهن شيخ عبدالمجيد سنڌي جي مدد ڪئي، سر غلام حسين هدايت الله جي حاجي عبد الله هارون جي گروپ مدد ڪئي، سر شاهنواز ڀٽو جي گروپ يا پ وارن نبي بخش خان ڀٽو جي مدد ڪئي. ان ۾ اپر سنڌ ۾ اليڪشن جو ذمو شهيد الله بخش سومرو تي رکيو ويو ۽ لوئر سنڌ جو ڪم سائين غلام مرتضيٰ شاهہ (جي ايم سيد) جي حوالي ڪيو ويو. انهي اليڪشن ۾ نبي بخش خان ڀٽو گهٽي ۾ گهٽا ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو.

1936ع ۾ اتحاد پارٽي قائم ٿيڻ تي هي ان ۾ شامل ٿيو. چونڊن ۾ اتحاد پارٽي جا 24 کن ميمبر چونڊجي آيا پر پارٽي جي ليڊر سر شاهنواز خان

پٺي ۽ ڊپٽي ليڊر سر حاجي عبد الله هارون کي چونڊن ۾ شڪست آئي ۽ اهي چونڊجي نہ سگهيا. ان تي گورنر سر لئنسلاٽ گرهام، سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرايو. سر غلام حسين جي پارٽي جا صرف 5 ميمبر چونڊجي آيا هئا. هن مير گروپ کي وزارت ڏيڻ سان بلوچ گروپ جي مدد حاصل ڪري ورتي ۽ اهي ميمبر اتحاد پارٽي کي ڇڏي ويا. اهڙي طرح هو آزاد پارٽي جي مدد بہ حاصل ڪري وزارت ٺاهي ڪم هلائڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو تہ اتحاد پارٽي ۾ صرف 9 ڪن ميمبر وڃي رهيا جن ۾ ڪي سائين جي ايم سيد جي سنگت ۾ ڪي شهيد الله بخش سومرو جي سنگت جا هئا.

نيٺ اتحاد پارٽي جو هيو مکيہ سينيئر ميمبر سيد ميران محمد شاهہ بہ وڃي وزارت سان شامل ٿيو. باقي انگريز دور جي هي غير جمهوري روايت هئي جو تہ اڪثريت الله بخش جي گروپ کي هئي. ان جي ابتڙ حڪومت ٺاهڻ لاءِ سر غلام حسين کي چيو ويو. رهيل اتحاد پارٽي جي ميمبرن الله بخش سومري کي ليڊر آف اپوزيشن ۽ مسٽر گزدر کي ڊپٽي ليڊر چونڊي مخالفت ۾ ويهڻ شروع ڪيو. الله بخش سومرو سنڌ اسيمبلي جو پهريون اپوزيشن ليڊر چونڊيو ويو چاڪاڻ تہ هي بمبئي کان جدا ٿيڻ بعد پهرين اسيمبلي چونڊجي آئي هئي. اهو اعزاز بہ الله بخش سومرو کي حاصل ٿيو. مخالفت جي عرصي ۾ اتحاد پارٽي ۽ ڪانگريس ملي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪانفرنسن جو پروگرام رٿيو. ان ۾ الله بخش سومري خاص دلچسپي ورتي. چڪ ڪانفرنس ۾ تہ هن ڀرپور حصو ورتو مسٽر ڀلو ڀائي، ڊيسائي مرڪزي اسيمبلي ڪانگريس اسيمبلي پارٽي جي ليڊرن کي شڪارپور ۾ اچڻ جي موقعي تي هن چڱي آڌرڀاءُ ڪئي. سن 1937ع جي آخر ۾ اتحاد پارٽي جي سر غلام حسين جي وزارت سان هڪ پروگرام جي بنياد تي ڪوئليشن ٿي، جنهن پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ ورڪنگ ڪاميٽي ٺاهي وئي. ان ڪاميٽي ۾ اتحاد پارٽي طرفان الله بخش سومرو مسٽر گزدر ۽ سائين غلام مرتضيٰ (جي ايم سيد) ميمبر هئا.

سر غلام حسين حتي الامڪان ان پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پروگرام کي تيزي سان عمل ۾ آڻڻ ۾ ڪي مکيہ دشواريون پيش آيون. جهڙوڪ: 1. عملدارن جي غير همدردانہ روش 2. وزارت ۾ سواءِ سر غلام حسين جي ٻين غير تجربي ڪار ۽ اڻ لائق وزيرن جي موجودگي 3. اتحاد پارٽي جي وزارت ۾ نمائندگي ڪانسواءِ وزارت جي مدد.

ان ڏکاين کي دور ڪرڻ لاءِ وزارت ۾ وزيرن جو تعداد وڌائي ٽن هوشيار

تجربيڪار وزيرن کي آڻڻ جي سر غلام حسين کي تجويز ڏني وئي. انهن ۾ خانبهادر الله بخش سومرو خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي ۽ مسٽر نيچل داس وزيراڻي جا نالا شامل ڪيا ويا. پر ڪن سببن ڪري اها تجويز عمل ۾ اچي نه سگهي، جنهن ڪري مارچ 1938ع ۾ بجيٽ جي موقعي تي هڪ روپيا ڪٽ جي ٺهراءَ پاس ڪرڻ بعد سر غلام حسين جي وزارت کي شڪست ڏيئي نئين وزارت ٺاهي وئي. 1938ع ۾ خانبهادر الله بخش سومرو جي هٿ هيٺ وزارت ٺاهي ويئي، جنهن ۾ کيس سنڌ جو وزيراعظم بڻايو ويو. ڪانگريس ۽ هندو انڊيپينڊنٽ پارٽي جي مدد سان اتحاد پارٽي جي وزارت ٺهي، ان ۾ وزيراعظم کان سواءِ پير الاهي بخش ۽ مسٽر نيچلداس وزيراڻي به ٻيا وزير ٿيا.

جنهن صورت ۾ وزارت ڊاهڻ ۾ صرف 7 مسلمانن ميمبرن ووٽ ڪيو هو ۽ ٻيا سڀ هندو ميمبر هئا ۽ وزارت جي طرفدار ميمبرن ۾ هندن جي اڪثريت هئي تنهن ڪري مسلمانن جي پڙهيل طبقي طرفان ان تي سخت احتجاج ٿيو. مسلمانن جي پڙهيل طبقي کي مشتعل ڪرڻ لاءِ نڪتل وزيرن ۽ ان جي طرفدارن فرقيوار پروپگنڊا جي آڌار تي گهڻو ڪجهه ڪيو اُن وقت لٿل وزيرن پروپيگنڊا ڪئي ته هي هندن تي ٻڌل وزارت آهي، انهي ۾ مسلمانن جي اڪثريت شامل نه آهي وغيره وغيره . ان کي منهن ڏيڻ ۽ مسلم عوام سان لاڳاپي قائم ڪرڻ لاءِ پير الاهي بخش جي گشت جو ڊگهو پروگرام رٿيو ويو ۽ 29 مارچ 1938ع تي وزير اعظم اسيمبلي ۾ وزارت جي پاليسي بابت هڪ بيان جاري ڪيو جنهن جا مکيه ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا.

1. هندستان ۾ جا قومي بيداري ٿي آهي ان کان هي صوبو بچي نه ٿو سگهي ان ڪري عوام جي جذبات ۽ اميدن کي سامهون رکندي اهو ظاهر ڪرڻ گهران ٿو ته منهنجي وزارت انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ جن ٻين پارٽين جي مدد سان وجود ۾ آئي آهي تن جي پروگرامن کي ملڪي حالتن ۽ ضرورتن جو لحاظ نظر ۾ رکندي حتي الامڪان عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندس. ان باري ۾ هي صاف ٻڌائڻ ٿو گهران ته اسان جي پارٽي ٻين جماعتن سان سودو ڪري وزارت نه ورتي آهي، اسان صرف هي واعدو ڪيو آهي ته ملڪي انتظام کي قومپرستي جي بنيادن تي هلايو ويندو. جيئن عوام جا عيوضي عملدارن جي دست اندازي کان آزاد ٿي حڪومت عوام جي خواهشن مطابق هلائي سگهن.

2. سکر بئراج نڪرڻ ڪري، سنڌ جي ڪن حصن جي زراعت تي نقصانڪار اثر پيو آهي. ان جي سَدِباب لاءِ اسان لووَر سنڌ بئراج ٺهرائڻ لاءِ

تجويز تيار ڪرڻ واسطي خاص آفيسر مقرر ڪرڻ گهرون ٿا. ان تجويز تيار ڪرڻ ۾ مالي نفعي جي خيال کان ماڻهن جي ڀلي جي نقطہ نگاهہ کي ترجيح ڏني ويندي.

3. اسان اتر سنڌ ۾ خاص ڪري روهڙي ڊويزن جي واهن کي سڌارڻ گهرون ٿا.

4. اسان انتظام کي درست ڪرڻ ۾ خرچ گهٽائڻ لاءِ بمبئي ري-آرگنائيزيشن ڪميٽي جي رٿائن تي مناسب قدم کڻڻ گهرون ٿا.

5. اسان ڪانگريس وزارتن وانگر پگهار گهٽ کڻنداسون.

6. ڪورٽن طرفان جن ماڻهن کي ڏنڊن جي سزا ڏني وڃي ٿي، ان لاءِ اسان ضلعي عملدارن کي هدايت ڪنداسون تہ جي ماڻهون ڏنڊن عيوض سزائون ڀوڳڻ چاهين، تن کان زوري ڏنڊ نہ وصول ڪيا وڃن.

7.اسان آنرري ماجسٽريٽن جي دستور کي ختم ڪنداسون.

8.اسپيشل ماجسٽريٽن جي دستور کي حال ۾ ٻہ جاري رکيو ويندو. اسيمبلي کان خرچ جي منظوري وٺڻ بعد حتي الامڪان پگهار دار ماجسٽريٽ رکنداسون.

9. لوڪل بورڊ مان ٿاڦيل ميمبرن جي دستور کي، اسيمبلي ۾ لوڪل باڊيز ايڪٽ جي ترميم جو بل آڻي، ختم ڪنداسون.

10. واهن جي سروس روڊن تان عام ماڻهن جي آمد رفت لاءِ اسان ضرورت وارن هنڌن تي ڪجھ عرصي لاءِ آزمودي طور رستا لوڪل بورڊن جي حوالي ڪنداسون.

11. پرائمري ماسترن جي پگهار ۾ يڪدم 5 روپين جو اضافو ڪنداسون.

12 .مولانا عبيد الله سنڌي جي واپس موٽائڻ جي اختياري مرڪزي حڪومت کي آهي، جيڪڏهن مولانا طرفان واپس اچڻ جي اسان کان گهر ٿي تہ مرڪزي سرڪار کي اسان ان جي سفارش ڪنداسون.

13 .سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن جي رد ڪرڻ جي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪنداسون. وغيره وغيره

پوءِ جلدئي پير الاهي بخش عوام سان رابطي پيدا ڪرڻ لاءِ گشت شروع ڪيو جنهن عوام ۾ وزارت لاءِ همدردي پيدا ڪري وزارت کي مضبوط ڪري ڇڏيو. ماڻهن کي غلط پروپيگنڊا جا جواب ڏيئي مطمئن ڪيو ويو. ماڻهن

ڪي ٻڌايو ويو تہ وزيراعظم صاحب عوامي ماڻهو آهي ۽ عوام جي ڀلي لاءِ هن تڪڙا قدم کنيا آهن تہ جيئن عام ماڻهو جي زندگي تي سٺو اثر پوي وڏيرن ۽ سردارن کان مئجسٽريٽ جا اختيار بہ واپس ورتا ويا آهن. استادن جي پگهار ۾ بہ جلد واڌ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، اهڙيون تقريرون پير الاهي بخش پنهنجي سنڌ جي دوري ۾ ڪندو رهيو ۽ ماڻهن جو همدرديون حڪومت طرف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. لٽل وزيرن جي سازش ۽ پروپيگنڊا ختم ٿي وئي. ڪين منهن جي کائڻي پئي.

## مسلم ليگ سان اختلاف

1938ع جي آخر ڌاري ڊلن وڌائڻ جو سوال وزارت اڳيان پيش ٿيو جيڪو الله بخش کي ڏاڍو ڏکيو فيصلو ڪرڻو پيو. ڇاڪاڻ ته هن جي مدد ڪندڙ ٽنهي پارٽين ڊل وڌائڻ جي مخالفت پئي ڪئي. اهو فيصلو الله بخش پنهنجي حمايتن کي ناراض ڪندي پاس ڪيو. انهي مسئلي تي سندس اتحادي پارٽيون ورهائجي ويون، ڇاڪاڻ ته اهو فيصلو انهن جي مرضي جي خلاف هو. هڪڙا ميمبر حڪومت جي طرف رهيا ۽ ٻيا ڪانگريس جا ميمبر به پيچڪڙي ڪندي وزارت سان ساٿ ڏيندا آيا. اتحادي پارٽي جا باقي ميمبر مخالفت ۾ وڃي ويٺا. سر غلام حسين جو گروهه اڳي ئي مخالفت ۾ ويٺو هو. حاجي عبد الله هارون جو اسيمبلي کان ٻاهر اتحاد پارٽي جو ليڊر هو، سو آل انڊيا آئيني سوالن تان ڪانگريس ۽ هندن جي پاليسين ۽ رويي ڪري ناراض ٿي مسلم ليگ ۾ داخل ٿي ويو. ان سنڌ ۾ صوبائي مسلم ليگ ڪانفرنس 8-9 آڪٽوبر 1938ع تي جناح صاحب جي صدارت هيٺ سڏائي جنهن ۾ گهڻو ڪري ساري هندستان جا مسلم ليگي اڳواڻ اچي ڪٺا ٿيا هئا.

11 آڪٽوبر 1938ع تي سيٺ حاجي عبد الله هارون جي جاءِ تي هيٺيان مکيه ماڻهون گڏ ٿيا:

1. مسٽر محمد علي جناح صدر آل انڊيا مسلم ليگ 2. سر حاجي عبد الله هارون 3. سر سڪندر حيات خان وزير اعظم پنجاب 4. مير بنده علي خان ٽالپر، 5. مولوي فضل الحق وزير اعظم بنگال 6. خانبهادر الله بخش سومرو وزير اعظم سنڌ 7. سر سعد الله خان، وزير اعظم آسام 8. پير الاهي بخش وزير روينيو سنڌ 9 سر غلام حسين هدايت الله 10. جي ايم سيد.

ان موقعي تي خانبهادر الهه بخش کي سيني مسلم ليڊرن طرفان منٿ ڪيئي ويئي ته بنگال ۽ پنجاب جي وزير اعظمن وانگر هي به مسلم ليگ سان الحاق ڪري، جا ڳاله هن گهڻي ست ستا بعد قبول ڪئي، ٿن ڏينهن ڪانپوءِ 14

آڪٽوبر شام جو گهڻا سنڌ اسيمبلي جا ميمبر اچي ڪٺا ٿيا ۽ انهن کان مسلم ليگ پارٽي جي عهدنامي تي صحيون ورتيون ويئون. 29 ميمبرن صحيون ڪيون.

پوءِ سوال اٿاريو ويو تہ ليڊر جي نئين سر چونڊ ڪئي وڃي، ان تي خانبهادر الله بخش سومرو ۽ سندس طرفدارن اعتراض اٿاريو تہ پنجاب ۽ بنگال ۾ جڏهن اڳيون وزارتون قائم رکيون ويون هيون، تہ پوءِ هن حالت ۾ چو پٽو معيار اختيار ڪيو ٿي ويو. جناح صاحب چاهيو پئي تہ الله بخش کي باءِ پاس ڪري پوري وزارت کي مسلم ليگ جي ماتحت آڻڻ لاءِ ليڊر جي چونڊ ڪئي وڃي چاڪاڻ تہ قائد اعظم ۽ الله بخش جون جيڪي بہ ملاقاتون ٿيون هيون ان ۾ هي ٻئي ليڊر هڪ ٻئي سان سهمت نہ ٿيا هئا. الله بخش بہ قومي نظريي ۽ سنڌ کي نہ هندستان جي ماتحت رکڻ چاهيو پئي ۽ نہ ئي نئين ٺهندڙ ملڪ جي ماتحت، تنهنڪري قائد اعظم محمد علي جناح چاهيو پئي تہ ڪنهن بہ طرح سان سنڌ حڪومت جو ليڊر ڪو بيو ٿئي. انهيءَ کان علاوه سر غلام حسين هدايت الله جي گروهہ بہ ان کي وري طاقت هٿ ڪرڻ جو موقعو ٿي سمجهيو ان ڪري صلح ٿي نہ سگهيو. خانبهادر الله بخش سومري انڪار ڪيو تہ مسلم ليگ ڪليل مخالفت شروع ڪئي، جنهن تي الله بخش مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سامهون پيش پوڻ کان انڪار ڪيو.

ان تي جناح صاحب جي موجودگي ۾ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي ٺهي جنهن جو ليڊر سر غلام حسين هدايت الله ۽ ڊپٽي ليڊر مير بندہ علي خان چونڊيا ويا. ان ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. سائين جي ايم سيد کي چيو ويو تہ الله بخش وزارت خلاف بي اعتمادي جو ٺهراءُ اسيمبلي ۾ موڪليو وڃي. ٿوري عرصي بعد اسيمبلي جو اجلاس گهرايو ويو جنهن ۾ اها بي اعتمادي جي رٿ آڻڻ جو سوچيو ويو. ان وچ ۾ الله بخش وزارت مسلم ليگ ۾ شامل ٿيل گهڻن ميمبرن کي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو. خود مسلم ليگ پارٽي جو ليڊر ۽ ڊپٽي ليڊر بہ مسلم ليگ کي ڇڏي وزارت ۾ شامل ٿيا آخر جڏهن ٺهراءُ اسيمبلي ۾ پيش ٿيو تہ صرف ستن ميمبرن ان لاءِ ووٽ ڪيو ۽ اهڙي طرح رٿ ڪامياب نہ ٿي. رهيل مسلم ليگي ميمبرن خان بهادر محمد ايوب کهڙي کي پارٽي جو ليڊر چونڊيو.

اپريل 1940ع جي آخر ۾ مسلم ليگ کان ٻاهر قومپرستن جي هڪ ڪانفرنس دهليءَ ۾ ٿي تنهن جي صدارت ڪرڻ کان مسلم ليگ سان اختلاف شروع ڪيائين، جنهن ڪانفرنس کي "آزاد ڪانفرنس" جي نالي سان سڏيو ويو.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ الله بخش سومرو اسڪول جي ڏينهن ۾ رياضيءَ جي ڪم ۾ نهايت هوشيار هو انهيءَ پنهنجي لياقت کي هن سياسي نظرين ۾ آئيڊيلسٽ سياستدان جي نقطہ نگاهہ سان استعمال ڪيو هي ان بعد ڪهڙن نتيجن تي پهتو هو ان بابت سائين جي ايم سيد سان ڪيل گفتگو جو لب لباب پيش ڪجي ٿو. سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب جنب گذاريم جن سين ۾ لکيو آهي:

"انهن ڏينهن ۾ آءُ (جي ايم سيد) نظرياتي طور هيٺين نتيجن تي پهتل هوس.

1. هندستان جا مسلمان اتي جي ٻين رهاڪن کان مذهبي نقطہ نگاهہ کان علحده قوم هئا.

2. تنهن ڪري هو سندن اڪثريت واري ايراضي ۾ پنهنجي مذهبي نظرين جي بنياد تي جدا حڪومت قائم ڪرڻ جا حقدار هئا.

3. ڪانگريس جا سنڌي ڪارڪن، هندو ذهنيت ڪري سنڌي عوام جي حقن جي حفاظت ڪرڻ ۾ گهٽا هئا.

4. تنهنڪري مسلم ليگ ذريعي ئي سنڌي عوام جو ڀلو ٿي سگهڻ وارو هو."(1)

ان ڪانپوءِ (جي ايم سيد) سنڌ ۾ هندو مسلمانن جي وچ ۾ ناهہ آڻڻ خاطر وزارت تان استعفيٰ ڏيئي شهيد الله بخش کي مير بندهہ علي خان جي وزارت ۾ آندو ان واعدي تي تہ ٻن مهينن ڪانپوءِ سندس گروهہ کي هڪ وڏيڪ وزارت ڏني ويندي، مسلم ليگ جي هاءِ ڪمان ان ٺهراءَ کي قبول نہ ڪيو چاڪاڻ تہ ان بنياد تي مسلم ليگ ڪنهن غير مسلم ليگي مسلم گروهہ سان سمجهوتي ڪرڻ سان مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت واري پنهنجي دعويٰ کان گويا دستبرداري جو اعلان ڪري ها! ان تي ڪوشش ڪري جي ايم سيد، شهيد الله بخش ۽ جناح صاحب کي ملايو ليڪن ڪو سمجهوتو ٿي نہ سگهيو.

جي ايم سيد، شهيد الله بخش کان خيالن جي ان اختلاف جو سبب پڇيو هن ٻڌايو: "مسلم ليگ جو مسلمانن کي مذهبي بنياد تي جداگانہ قوم سمجهڻ وارو نظريو غير اسلامي ۽ موجوده دنيا جي تسليم ڪيل نظرين موجب صحيح نہ هو صحيح قرآني تعليم مطابق مسلمان اهو آهي، جو خدا کي مڃي، نيڪ عمل ڪري، انساني اتحاد امن، ترقي لاءِ ڪوشش ڪندڙ هجي، ماڻهن جي موجوده مختلف مذهبن واري ورهاست غير حقيقي ۽ غلط هئي. ان ورهاست

موجب مسلمان قوم جي دائري ۾ ظالم غاصب، بد اخلاق، ماڻهن سان نفرت ڪندڙ چور زاني سڀ اچي ويا ٿي ۽ ٻين مذهبن جا خدا پرست نيڪ اخلاق، محبتي، سچا ماڻهون خارج سمجهڻ ۾ آيا ٿي. جي مسلم قوم جو بنياد اعليٰ مذهبي عقيدن ۽ عملن واريءَ قوم تي ٻڌل شمار ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ ڪهڙي طرح خراب ماڻهن کي مسلم قوم ۾ شمار ڪري سگهبو ۽ ڪهڙي حساب سان ٻين مذهبن جي بهترين ماڻهن کي ان دائري مان خارج ڪري سگهبو! "(1)

" اهو چوڻ ته ڪانگريس باوجود ملڪ جي آزادي، اتحاد ۽ ترقي جي اصولن واري جماعت هئڻ جي پنهنجي ڪارڪنن جي ذهنيت ٺيڪ نه هئڻ ڪري سنڌ لاءِ مفيد ثابت نه ٿي سگهي آهي، ڪجهه قدر صحيح آهي. ان ڪري ئي جي ايم سيد ڪانگريس ۾ شريڪ نه ٿيو پر مسلم ليگ جا ڪارڪن ڪيتري قدر ڪانگريس ڪارڪنن کان بهتر آهن، ان جو توکي اڳتي هلي پتو پوندو. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ آل انڊيا جماعتون آهن، جي سنڌ جي حالات ۽ حقيقتن کان بيخبر آهن. انهن ۾ شموليت سنڌ جي جداگانه هستي لاءِ نقصانڪار آهي. سنڌين جدوجهد ڪري سنڌ کي بمبئي صوبي کان جدا ڪيو آهي، وري ڪوبه اهڙو قدم نه کڻڻ گهرجي جيڪو ان جي خود مختياري کي ختم ڪري. "(2)

جي ايم سيد: "مون کي هن جون ڳالهيون ان وقت سمجهڻ ۾ نه آيون ويتر کيس ڏوهه ڏيڻ لڳس ته هن مسلمانن کي وساري ڇڏيو هو. هن وقت انهن ڳالهين کي گهڻو زمانو گذري ويو آهي. هو پنج پير جي مقام ۾ آرام جي ننڊ ۾ ستو پيو آهي، ڪير چئجي ته هو اسان جي حالت تي کلندو هوندو يا روئندو هوندو!"(3)

شهيد الله بخش آل انڊيا مسلم ڪانفرنس ۾ صدارتي تقرير ڪندي چيو:

"دوستو ۽ ساٿيو! آءٌ اوهان جي طرفان ڪيل عزت افزائي لاءِ بيحد مشڪور آهيان، هي عظيم الشان ڪانفرنس جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ اسين ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ڪهي هتي گڏ ٿيا آهيون، هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اوهان کي پنهنجي بهتر ۽ شاندار مستقبل لاءِ ڪيتري قدر ڳڻتي ۽ انتظار آهي. اهو اوهان جي زنده هجڻ جو ثبوت آهي.

اڄوڪي اهم ۽ تاريخي دور ۾ هيءَ ڪانفرنس تمام وڏي اهميت رکي ٿي. هتي هندوستاني مسلمانن جون اهي سموريون جماعتون اچي گڏ ٿيون آهن

جن جي دلين ۾ هڪڙي طرف پنهنجي مذهب لاءِ محبت آهي، ٻئي طرف ڪان انهن ۾ پنهنجي پياري وطن سان به ڪو گهٽ لڳاءُ نه آهي. اسين سڀ اهڙي مذهب جا پرستار آهيون جو سمورو انسان ذات جي آزادي لاءِ اهڙو درجو ۽ حيثيت چاهي ٿو جنهن جي ذريعي سموري نوع انسان جي صحيح معنيٰ ۾ ڀلائي ۽ بهتري حاصل ٿي سگهي. ٻين لفظن ۾ گويا اسين سموري انسان ذات جي ڀائپي يا وحدتِ انسانيءَ جي اصولن ۾ ايمان رکون ٿا.

پيارا ڀائرو! اسين هن وقت نهايت نازڪ دور مان لنگهي رهيا آهيون، هي معاملو فقط اسان جو ۽ اسان جي ملڪ جو ئي نه آهي بلڪ، اڄوڪي وقت ۾ جڏهن سموري دنيا تي ٻي عظيم جنگ جا ڀيانڪ بادل ڇانئجي چڪا آهن، تڏهن هي سموري دنيا زنده رهڻ لاءِ هڪ عظيم ڪشمڪش ۾ هڪ وڏي مصيبت ۾ گرفتار ٿي چڪي آهي.

پيارا ڀائرو! انسانيت جي تاريخ ۾ ڪڏهن اهڙا موقعا به ايندا آهن جو وقت جي تقاضائن ۽ ضرورتن جي بر عڪس سمورو نظامِ زندگي درهم برهم ٿي ويندو آهي، اهوئي اهڙو وقت هوندو آهي جڏهن زندگيءَ جو پراڻو نظام مٽجي ۽ تبديل ٿي ڪنهن نئين صالح ۽ بهتر نظام جي حاصلات لاءِ جاءِ خالي ڪندو آهي. اهڙي وقت ۾ دنيا اندر اهڙي اٿل پٿل ايندي آهي جو ڪي قومون پنهنجي بد اعمالين جي ڪري صفحه هستيءَ تان مٽجي نيست و نابود ٿي وينديون آهن ۽ انهن جي جاءِ تي وري ڪي ٻيون صالح، ترقي پسند ۽ باعمل قومون اڀري اچي سندن جاءِ والارينديون آهن. جن انساني گروهن ۾ وقت جي حالتن جو مقابلو ڪرڻ جو حوصلو هوندو آهي سي اهڙي خلفشار ۽ بادشاهه گرديءَ جي وقت ۾ پنهنجا قدم مضبوط رکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ زندگيءَ جي بنئي ۾ پاڻ پڇائي ڪندن ٻڌجي ويندا آهن. اهو ئي اهڙو گروهه هوندو آهي جو زنده رهندو آهي ۽ ترقيءَ جي راهه ڏانهن نهايت حوصلي ۽ استقلال سان اڳتي وڌندو رهندو آهي. هن مختصر تمهيد کان پوءِ اسين پنهنجي اصل مقصد ڏانهن ايندا سون.

اسان جو اهم مقصد هيءُ آهي ته هن موجوده ٻوساتيل فضا مان هر حالت ۾ ٻاهر نڪري اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪريون. ڇاڪاڻ ته آزاد ۽ زنده انسانن جيان اسان کي هن بعد آزاديءَ جي روح پرور فضا ۾ ساهه کڻڻو آهي يا پنهنجي سُستي، بي حسي، گمراهي ۽ قربانيءَ کان منهن موڙڻ ۽ پنهنجي نا اهليءَ جي ڪري هميشه ذلت، رسوائي ۽ ابدي غلاميءَ جو ڇنو لڪائي وٺون. هاڻي هي اوهان جي وس آهي هنن ٻن

رستن مان پنهنجي لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪريو."

شهيد الله بخش پنهنجي ان همہ گير ۽ فڪر انگيز صدارتي تقرير ۾ اسلام ۽ قوميت جي عالمي پسمنظر بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو: "اسلام جو عالمگير پيغام ڏار ڏار قومن کي هم خيال ڪرڻ سان انهن جي قومي وحدتن کي ختم نہ ٿو ڪري. مثال طور جيڪڏهن جرمني، انگلستان، فرانس ۽ جپان جا رهاڪو مسلمان ٿي وڃن تہ ڇا اهو لازمي ٿيندو تہ اهي پنهنجي قوميت تان هٿ کڻي وڃن. پنهنجي معاشرت تبديل ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي تمدن کا الوداع ڪري ڇڏين. اسلام جيڪڏهن سموري انسانيت جي لاءِ ۽ اسلام وارو خدا سڀني قومن جو خدا آهي تہ ڪنهن خاص نسل، قوم يا ملڪ تائين ان کي محدود ڪري ڇڏڻ ڪيئن ممڪن آهي. اسلام تہ نسلن، فرقن ۽ قومن کان بالاتر آهي. اسلام جاگرافيائي ۽ ملڪي حدن کان پڻ بالاتر آهي. اسلام هڪ نظام جو نالو آهي ان ڪري هندستاني مسلمانن سان اهو هڪ وڏو دوکو ۽ نقصان ڏيندڙ ڳالهہ ٿيندي جو اڄ اسان کي مذهب جي نالي تي ڏار ڏار قومن جي صلاح ڏني وڃي ٿي."(1)

شهيد الله بخش هي خطاب. آل انڊيا مسلم "آزاد ڪانفرنس"، بادشاهي مسجد دهلي ۾ (27 اپريل کان 1 مئي 1940ع) ڪيو.

چوٿين دنيا جي مفڪر عبدالواحد آريسر جو آل انڊيا مسلم ڪانفرنس ۾ الله بخش جي تاريخي خطاب تي چيو آهي: "منهنجي خواهش آهي تہ منهنجي جنازي نماز تي "ياسين" پڙهڻ بدران شهيد سنڌ الله بخش جي اها تقرير پڙهي وڃي، جيڪا هن دهلي جي "آزاد مسلم ڪانفرنس" ۾ ڪئي هئي، مون جي ايم سيد تي ان وقت ايمان آندو هو جڏهن منهنجو وار وار مذهبي ڪٽرپڻي ۾ پڏو پيو هو. مطلب تہ آءٌ اهو سامي آهيان، جنهن ڇاڇري تي مدد خان جي حملي کان اڳ، ڇاڇري جي تباهي بابت رڙيون ڪيون هيون"(5)

---

(1) (2)(3) سيد جي ايم، جنب گذاريم جن سين جلد پيون، صفحو 187 کان 189. ڇاپو پيو 1979ع سنڌي ادبي بورڊ، حيدر آباد

)(5)(5) عبدالواحد آريسر۔ ڪتاب ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا ص 50۔149 ڇاپو سال پهريون 2004ع

## الله بخش سومرو

## ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي

1850ع ۾ چارلس نيپئر جي وڃڻ کانپوءِ سنڌ کي بمبئي سان ڳنڍيو ويو ۽ بارٽل فريئر کي (بمبئي پريزيڊنسي) جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.

"تاريخي لحاظ کان، سنڌ جي جداگانه حيثيت جو احساس 1908ع ۾ پيدا ٿيو. ان سلسلي ۾ سنڌ پروانشل ڪانفرنسون سڏ ٿيون. جيڪي 1920ع تائين جاري رهيون. انهن ڪانفرنس مان چوٿين ڪانفرنس شڪارپور ۾ زير صدارت ديوان هيرانند کيم سنگهه 1917ع ۽ ڇهين ڪانفرنس 1919ع ۾ جيڪب آباد ۾ زير صدارت مسٽر جمشيد نسروانجي مهتا، تي گذريون".(3)

"نهرو رپورٽ جي مخالفت ۾ 31 ڊسمبر 1928ع تي قائداعظم محمد علي جناح جيڪي 14 نڪتا پيش ڪيا هئا، جن ۾ هڪ نقطو سنڌ جي جدائيءَ متعلق به هو".(2)

سال 1931ع ۾ سيپٽمبر کان ڊسمبر تائين ٻي گول ميز ڪانفرنس منعقد ٿي، ان ۾ ڪانگريس پاران مهاتما گانڌي به شريڪ ٿيو. ان ۾ ڪنهن به فيصلي تي اتفاق نه ٿيو ۽ مئڪڊونالڊ وزيراعظم برطانيه سنڌ جي جدائيءَ جي اصول کي قبول ڪري علي الاعلان چيو ته سنڌ جي جدائيءَ جي حق ۾ پيش ٿيل دليل معقول آهن ۽ مخالفن جي دليلن ۾ ڪا به پختگي ڪانه آهي ۽ اهي نهايت ڪمزور ۽ اجايا آهن.

"مئڪڊونالڊ وزيراعظم جي ان اعلان موجب هند سرڪار اپريل 1932ع تي آنريبل برين جي صدارت هيٺ هندن ۽ مسلمانن تي مشتمل هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن کي مخالفن جي اعتراض ته "سنڌ کوٽ وارو صوبو رهندو" جو جواب تيار ڪرڻو هو. مسلمانن طرفان مکيه ميمبر سر شاهنواز ڀٽو هو ۽ ساڻس ٻيا هي ميمبر رکيا ويا. 2. آنريبل ميان علي بخش 3. حاجي عبدالله هارون 4. ميربنده علي خان 5. خانبهادر الله بخش سومرو 6. خانبهادر محمد ايوب

کهڙو 7. قاضي عبدالرحمان 8. لالچند نولراءِ 9. ديوان مرليڌر وغيره."(3)

مطلب تہ شهيد الله بخش سومرو سنڌ جي جدائي (Sindh Sepration) جي جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو.

1908ع کان 1936ع تائين اٺاويهن سالن جي جدوجهد بعد سنڌ بمبئيءَ صوبي کان جدا ٿي ۽ سنڌ جو پهريون نئون گورنر سر لانسليٽ گرهام مقرر ٿيو. گورنر 1 اپريل 1936 تي بمبئيءَ کان ڪراچيءَ پهتو.

سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع فقري 46 موجب تسليم ڪيو ويو. هڪ انگريزي چوڻيءَ آهي تہ: "آزادي جي قيمت دائمي سجاڳي آهي."

برطانيہ سرڪار جي طرفان "آرڊر ان ڪائونسل 23 جنوري 1936ع تي جاري ٿيو جنهن موجب فيبروري 1937 تي عام چونڊون ٿيون.

الله بخش سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي لاءِ پنهنجي سر ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ اهي ڪانفرنسون منعقد ڪرائڻ ۾ وڏي دلچسپي وٺندو رهيو. الله بخش ان جدوجهد ڪاميٽي جو بہ خاص ميمبر هو جيڪا سر شاهنواز ڀٽو جي صدارت هيٺ هئي. سر شاهنواز ڀٽي جي تمام ويجهو هجڻ ڪري هن سنڌ جي ڪوٽ واري صوبي هجڻ جي جيڪا رپورٽ تيار ڪرائي تنهن ۾ اهو ظاهر ٿيو تہ سنڌ ڪوٽ وارو صوبو نہ پر پيداواري صوبو ثابت ٿيندو ڇاڪاڻ تہ سنڌ زرعي لحاظ کان ۽ بندر جي لحاظ کان تمام زرخيز هو ۽ ان ۾ انهن اهو پلان پيش ڪيو تہ سنڌ جي پاڻي جي ورڇ صحيح نموني ڪري وڏيڪ اپت ورتي ويندي. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ صوبو سڀ کان وڏيڪ ڪپهہ پيدا ڪندڙ سڏيو ويندو هو.

---

(1) تماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 3_1976 صحفو 208

(2) ايضاً ............................................................ صحفو 209

(3) ايضاً ............................................................ صحفو 210

## سنڌ جي آزادي ڪانپوءِ پهرين چونڊ

1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان آزاد ٿي ۽ جدا صوبو بڻيو. سال جي آخر ۾ اليڪشن جون سرگرميون تيز ٿي ويون. اليڪشن لاءِ ٽي پارٽيون ٺهيون، سر شاهنواز ڀٽو"سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي"، سرغلام حسين هدايت الله" مسلم پوليٽيڪل پارٽي" ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي "سنڌ آزاد پارٽي" ٺاهي. 7 فيبروري 1937ع تي اليڪشن ٿي. سنڌ يونائٽيڊ پارٽي 23، مسلم پوليٽيڪل پارٽي 5 ۽ سنڌ آزاد پارٽي 3 سيٽيون حاصل ڪيون. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو ليڊر سر شاهنواز ڀٽي ۽ هڪ ڊپٽي ليڊر سَر عبدالله هارون ڪامياب ٿي نہ سگهيا.اُ ن پارٽيءَ جو ٻيو ڊپٽي ليڊر خانبهادر الله بخش سومرو ڪامياب ٿيو. جمهوري اصولن موجب سنڌ جي گورنر کي خانبهادر الله بخش سومري کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چوڻ گهربو هو پر گورنر جمهوري اصولن جي خلاف ورزي ڪندي سر غلام حسين هدايت الله کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چيو. گورنر جي انهيءَ قدم سنڌ ۾ سياسي اختلافن جو بنياد وڌو.

خانبهادر الله بخش سومرو هڪ وڏو ذهين ۽ هوشيارسياستدان هو. الله بخش کي ان وقت احساس ٿيو تہ انگريز گورنر حق تلفي ڪئي آهي ۽ اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ان ڪانپوءِ هن کي پهريون اپوزيشن ليڊر چونڊيو ويو. سندس عوام پسند ۽ حق پسند سياسي خيالن ۽ جدوجهد ڪري اڳتي هلي مارچ 1938ع ۾ سر غلام حسين جي وزارت ختم ٿي ۽ 7 مارچ 1938ع تي الله بخش سومرو وزير اعظم ٿيو. انهيءَ سال ڪنڌڪوٽ تڪ ۾ هڪ زميندار زين الدين خان سندراڻيءَ جي وفات ڪري سنڌ اسيمبليءَ جي هڪ جاءِ خالي ٿي، انهيءَ ضمني چونڊ ۾ خانبهادر الله بخش سومري جي ڪوشش سان هڪ جاگيردار شير محمد بجاراڻي کي شڪست ملي ۽ هاري تحريڪ سان وابستہ محمد امين خان کوسو ڪامياب ٿيو. (1)

بمبئيءَ کان سنڌ جي آزاديءَ کان پوءِ،شهيد الله بخش سومري جي قيادت ۾ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ اندر هڪ قومي حڪومت قائم ٿي تہ ان کي بہ

راشدي، کھڙيءَ سر غلام حسين جھڙن مفاد پرستن هلڻ نہ ڏنو. هڪ موقعي تي مذهبي جوش ۾ اچي شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي حقيقي قومپرست ليڊر الله بخش سومري کي مارائڻ جي ڌمڪي ڏني. ان وقت جي گورنر سر شاهنواز ڀٽي کي چيو تہ جيڪڏهن الله بخش مسلم ليگ ۾ شامل نہ ٿيو تہ ماريو ويندو. (1) جنهن تي اڳتي هلي ڪن ماڻهن الله بخش کي سازشون ڪري شهيد ڪرايو تنهن جو ذڪر اڳتي شهادت واري باب ۾ ايندو.

"اسان جيڪڏهن پنجابي پناهگير سامراج جي سنڌ دشمن ڪاروايـن کان چشم پوشي ڪري ويهي رهنداسين، تہ پوءِ تاريخ اسان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي. اسان جي ڪنن ۾ شهيد الله بخش سومري جا هي لفظ هر وقت پئي گونجندا رهندا تہ "( آءُ گولي کائڻ لاءِ تيار آهيان، پر سنڌي قوم جي دشمنن کي سلام ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان.)(2)

(1) تماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد3_1976 صحفو225

(2) آريسر عبدالواحد —"ڪتاب ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا" صفحو نمبر 283

(3) صفحو نمبر 282 سال 2004 ڇاپو پهريون، روشني پبلڪيشن ڪنڊيارو

# سنڌ اسمبليءَ جي پهرين اليڪشن

## ۾ سيٽن جي لسٽ

سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي پهرين اليڪشن 7 فيبروري 1937ع تي ٿي. هن اليڪشن جي وقت سنڌ جي گورنر سر لينسيلاٽ گرهام 60 ميمبرن جون سيٽون مقرر ڪيون. سيٽن جي ورهاست هيٺين طرح ڪئي وئي هئي ۽ ڪامياب ميمبرس جا نالا حلقہ سميت ڏنا ويا آهن.

| | |
|---|---|
| جنرل سيٽون | 18 |
| محمدن سيٽون | 33 |
| يورپين سيٽون | 02 |
| تجارتي سيٽون | 02 |
| لينڊ لارڊ سيٽ | 01 |
| پورهيت سيٽ | 01 |
| عورتن جي جنرل سيٽ | 01 |
| عورتن جي محمدن سيٽ | 01 |
| ڪل ٽوٽل سيٽون | 60 |

| | | |
|---|---|---|
| 1. | مسٽر عبدالمجيد ليلارام شيخ | لاڙڪاڻو |
| 2. | مسٽر عبدالستار عبدالرحمان پيرزادو | سکر |
| 3. | مسٽر آلجي رتن سنگهه سوڍو | ٿرپارڪر |
| 4. | خانصاحب الله بخش خدا داد خان گبول | ڪراچي |
| 5. | خانبهادر الله بخش محمد عمر سومرو | سکر |
| 6. | بهادر مير الله داد خان امام بخش خان ٽالپر | ٿرپارڪر |
| 7. | خانبهادر حاجي امير علي ناروخان لاهوري | لاڙڪاڻو |
| 8. | مسٽر ارباب توگاچي مير محمد | ٿرپارڪر |

| | | |
|---|---|---|
| 9. | مسٽر پوڄ سنگهه گرڊنو مل پهلجاڻي | سکر |
| 10. | مسٽر ڊيٽل رام دولت رام زميندار سيٺ | |
| 11. | مسٽر دولت رام موهن داس | سکر |
| 12. | مسٽر گهنشام جيٺا نند سودساڻي | حيدرآباد |
| 13. | مسٽر گهنو مل نارا چند | حيدر آباد |
| 14. | مير غلام علي بنده علي ٽالپر | حيدرآباد |
| 15. | ميرغلام الله خان ميرحاجي حسين بخش خان | حيدرآباد |
| 16. | مخدوم غلام حيدر مخدوم ظهيرالدين | حيدرآباد |
| 17. | پيرغلام حيدر شاهه صاحبڏنو شاهه | ٿرپارڪر |
| 18. | خانبهادر غلام محمد عبدالله خان اسراڻ | لاڙڪاڻو |
| 19. | مسٽر غلام مرتضيٰ شاهه محمد شاهه سيد دادو | |
| 20. | خانبهادرغلام نبي شاهه موج علي شاهه MBE | ٿرپارڪر |
| 21. | مسٽر گوڪلداس ميولداس | لاڙڪاڻو |
| 22. | مسٽر هاسارام سندر داس پمناني | سکر |
| 23 | ڊاڪٽر هيمنداس رويچند واڌواڻي | اپرسنڌ فرنٽيئر ضلعو |
| 24. | مسٽر هونچند هيرانند راءِ بهادر | نوابشاهه |
| 25. | پير الاهي بخش نوازعلي | دادو |
| 26. | مسٽر ايسر داس ورند مل | ڪامرس ۽ انڊسٽري |
| 27. | خانصاحب جعفر خان گل محمد بڙدي | جيڪب آباد |
| 28. | مسٽر جمشيد نسروانجي مهتا | ڪراچي |
| 29. | ڄام جان محمد خان محمد شريف جوڻيجو | سانگهڙ |
| 30. | مسٽرس جينو بائي غلام علي الانا | ڪراچي |
| 31. | مس جيٺي بائي طلسيداس سپاهي مکلاڻي | حيدرآباد |
| 32. | خانبهادر قيصر خان غلام محمد خان بوزدار | سکر |
| 33. | مسٽر خير شاهه امام علي شاهه سيد<br>(3 آگسٽ 1937ع تي قسم کنيو) | نوابشاهه |
| 34. | ڪرنل ايچ جي سهون | يورپين سنڌ |
| 35. | مسٽر ميران محمد شاهه زين العابدين شاهه | حيدرآباد |
| 36. | مسٽر محمد علي شاهه الهندو شاهه سيد نوابشاهه | |
| 37. | خانبهادر محمد ايوب شاهه محمد خان کهڙو | لاڙڪاڻو |

.38 محمد هاشم فيض محمد عرف گذدر ڪراچي
.39 مير محمد خان نواب غيبي خان چانڊيو لاڙڪاڻو
.40 مسٽر محمد عثمان محمد خان سومرو ٺٽو
.41 مسٽر محمد يوسف خانبهادر خير محمد چانڊيو ٺٽو
.42 مسٽر نارائڻ داس آنند جي بيچر ڪراچي
.43 مسٽر نيوند رام وشنداس ڪراچي
.44 مسٽر نيچل داس چيتو مل وزيراڻي ٺٽو
.45 مسٽر نور محمد شاهه مراد علي شاهه سيد نوابشاهه
.46 ڊاڪٽر ڊي اين او سليوان ڪراچي
.47 مسٽر پرتاب راءِ ڪئسڪ داس ٿرپارڪر
.48 ڊاڪٽر پوپٽ لال پوپٽڪار ڪراچي
.49 مسٽر ايچ رسڪن ڪراچي
.50 مسٽر رسول بخش خان محمد بخش خان انڙ نوابشاهه
.51 خانصاحب رسول بخش شاهه محبوب شاهه سيد سکر
.52 مسٽر رستم جي خورشيد جي سڌوا ڪراچي
.53 ميربنده علي خان مير حاجي محمد حسين خان ٽالپر حيدرآباد
.54 مسٽر شمس الدين خان عبدالڪبير برڪزئي دراني سکر
.55 مسٽر سيتلداس پيرو مل ٿرپارڪر
.56 ميرزين الدين خان مير سندر خان سندراڻي جيڪب آباد
.57 خانصاحب سهراب خان سرڪي صاحب ڏنو خان جيڪب آباد
.58 مکي گوبندرام پريتمداس
ديوان بهادر هيرانند کيم سنگهه حيدرآباد
.59 سرغلام حسين هدايت الله شيخ ڪراچي
ڪي ٽي ڪي سي ايس آءِ اي
.60 مسٽر فلاڪ هارٽ جي جي جيڪب آباد
(19 آگسٽ 1937ع تي قسم کنيو)
.61 مسٽر هوسڪ ڊبليو بي ايل ٽي ڪول ڪراچي
(31 مارچ 1938ع تي قسم کنيو)
.62 مسٽر چٿرام تي وليجا ڪراچي

(19 مئي 1938ع تي قسم کنيو)

.63 مسٽر فريز جي — ڪراچي

(19 مئي 1938ع تي قسم کنيو)

.64 ڊاڪٽر چوئٿرام پي گدواڻي

.65 ڊاڪٽر لولو مل ريواچند موتواڻي

(27 ڊسمبر 1940ع تي قسم کنيو)

.66 مسٽر لالا مينگھراج پيرومل

(18 مارچ 1941ع تي قسم کنيو)

.67 رئيس علي گوهر خان مهر — سکر

(1 مارچ 1943ع تي قسم کنيو)

.68 مسٽر تارا چند ڏرمداس

( 24 جنوري 1943ع تي قسم کنيو)

.69 مسٽر احمد خان سڏايو خان بهادر — سکر

( 23 فيبروري 1945ع تي قسم کنيو)

.70 مير حسن بخش ٽالپر سائين بهادر — حيدرآباد

(21 فيبروري 1945ع تي قسم کنيو)

.71 مسٽر حاجي مولابخش

محمد عمر خان سومرو خانبهادر — سکر

(21 فيبروري 1945ع تي قسم کنيو)

.72 مسٽر محمد امين عبدالعزيز کوسو — جيڪب آباد

(29 مارچ 1938ع تي قسم کنيو)

ميرزين الدين خان مير سندر خان سندراڻي جي فوت ٿيڻ کان پوءِ باءِ اليڪشن وسيلي محمد امين کوسو چونڊرايو ويو.

# سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين ڪابينا

سنڌ جي پهرين وزارت 1937ع ۾ مقرر ٿي. ان جي ڪابينا هيٺين طرح چونڊجي آئي.

1. سر غلام حسين هدايت الله وزيراعظم (خزانو ۽ گهروکاتو)
2. ميربنده علي خان ٽالپر (پوليس. پي ڊبليو. ڊي)
3. مکي گوبندرام پريتمداس (روينيو)

مٿين ڪابينا ۾ سنڌ اسيمبلي جو پهريون قائد حزب اختلاف خانبهادر شهيد الله بخش سومرو ٿيو.

مذڪوره ڪابينا 21 مارچ 1938ع تي ٽٽي وئي / استعفا ڏني.

اڳوٽي وزير اعظم سر غلام حسين هدايت الله جي استيعفا بعد خانبهادر الله بخش سومري هيٺين ريت وزارتي ڪابينا ٺاهي:

1. خانبهادر الله بخش سومرو وزير اعظم (گهروکاتو ۽ خزانو)
2. پير الاهي بخش (روينيو)
3. مسٽر نيچلداس سي وزيراڻي (پي ڊبليوڊي پبلڪ هيلٿ ميڊيڪل)

شهيد الله بخش سومري جي پهرين وزارت ڪابينا 18 مارچ 1940ع تي مستعفي ٿي وئي. ان کان بعد نئين وزارت مير بنده علي خان ٽالپر ٺاهي ورتي. جيڪا هيٺين ريت چونڊي وئي:

1. مير بند علي خان ٽالپروزير اعظم (گهروکاتو. قانون ۽ ايس ايند جي ڊي)
2. جي ايم سيد (محنت. ڪارخانہ. جهنگلات. تعليم ۽ ديهي ترقي)
3. آر.ايس گوڪلداس ميولداس (زراعت ۽ لوڪل گورنمينٽ)
4. مسٽر نيچلداس سي. وزيراڻي (روينيو)
5. خانبهادر محمد ايوب کهڙو (پي. ڊبليو. ڊي)

6. شيخ عبدالمجيد سنڌي (خزانو.ميڊيڪل.پبلڪ هيلٿ ۽ ايڪسائيز)

سائين جي ايم سيد مولانا ابوالڪلام آزاد سان ملاقات ڪري شهيد الله بخش سومري کي قائل ڪيو تہ جيئن هو هن ڪابينا ۾ شموليت اختيار ڪري تہ جيئن وزارت جو ڪاررهنوار صحيح نموني هلي سگهي. ان ڳالهہ تي الله بخش راضي ٿيو پر پوءِ سائين جي ايم سيد استيعفي ڏني. ان کان بعد الله بخش سومرو مذڪوره بالا ڪابينا ۾ وزير خزانہ جي سيٽ تي شموليت اختيار ڪئي.

6 مارچ 1941ع تي مسٽر نيچلداس وزيراڻي (منسٽر روينيو)، مسٽر راءِ بهادر گوڪلداس (منسٽر زراعت) ۽ خانبهادر الله بخش سومري (منسٽر خزانہ) پنهنجيون استيعفائون گورنر سنڌ (Sir Lenecelot Graham) لئنسيلاٽ گرهام کي پيش ڪيون، ان کانپوءِ نئين ڪئبينيٽ هيٺين طرح وجود ۾ آئي:

1. خانبهادر الله بخش سومرو وزير اعظم (خزانہ)
2. سر غلام حسين هدايت الله (گهرو کاتو.پارلياميٽري معاملات. قانون. ايس ايںڊ جي ۽ اي ڊي پي)
3. پير الاهي بخش (تعليم. ڪارخانہ. محنت.ايڪسائيز.فاريسٽ ۽ ديهي ترقي)
4. راءِ بهادر گوڪلداس ميولداس (لوڪل گورنمينٽ ۽ زراعت)
5. پيرزاده عبدالستار (پي.ڊبليو.ڊي ۽ ميڊيڪل ۽ پبلڪ هيلٿ)

متين ڪابينا کي گورنر سنڌ هگ ڊئو 10 آڪٽوبر 1942ع تي ڊسمس ڪيو.

# مسجد منزل گاهہ وارو معامرو

منزل گاهہ جو مسئلو انگريز سرڪار جي زماني ڪان هلندڙ هو. جڏهن سنڌ بمبئي ڪان آزاد نہ ٿي هئي تہ .ان زماني ۾ بہ الله بخش منزل گاهہ جي مسئلي ۾ ڪين مدد ڪندو هو. اهو سچو ڪم سيد ڪرم علي شاهہ نالي سيد هٿ ۾ ڪنيو وينو هو. سنڌ جي بمبئي ڪان علحده ٿيڻ ڪانپوءِ سر غلام حسين هدايت الله جي حڪومت نهي انهيءَ جي منزل گاهہ جي فائيل ڪي نہ اڪلايو ۽ ان فائيل ڪي دبائي رکيو. جڏهن شهيد الله بخش وزيراعظم ٿيو تہ ان وقت بہ ساڳيو مسئلو پيدبنگ پيل هو. الله بخش جي وزيراعظم جي ڪرسي تي ويهڻ ڪان پوءِ سندس اڳيان جڏهن منزل گاهہ وارو فائيل پيش ٿيو تہ هن اهو مسئلو اُڪلايو ۽ ان تي نوٽ هنيو تہ منزل گاهہ مسجد آهي، جنهن تي هندو ميمبرن انهيءَ ڳالهہ جو نوتيس ورتو ۽ احتجاج ڪيو تہ. جيڪڏهن اها جڳهہ مسلمانن حوالي ڪئي وئي تہ اسان جي ساڌ ٻيلي اچڻ وڃڻ ۾ ڏکيائون پيش ايندين تنهنڪري انهن دٻاءُ ڪي وڌايو. ٻي طرف مسلم ليگ جي ميمبرن ڪي الله بخش بنهہ نہ پئي وڻيو ۽ انهن بہ انهي مسئلي ڪي وڏي زور شور سان کنيو ۽ ماڻهن ڪي پڙڪايو تہ فورن اها جڳهہ مسلمانن جي حوالي ڪئي وڃي جيئن اتي مسجد قائم ڪري سگهجي. انهيءَ مسئلي تي الله بخش ٻنهي ڌرين ڪي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هندن ڪي چيو تہ جيئن اوهان ڪي ڪراچي ۾ هنومان مندر لاءِ سرڪار جڳهہ ڏني آهي. اهڙي طرح اها جڳهہ مسلمانن ڪي جيڪڏهن ملي تہ اوهان ڪي اعتراض نہ هئڻ گهرجي. انهي تي هندو ميمبرن سخت رويو اختيار ڪيو ۽ انهن چاهيو پئي تہ ڪنهن طرح الله بخش ڪي انهي ڪرسي تان جلد ڪان جلد هٽائجي. ٻئي پاسي مسلم ليگ سان واڳيل ليڊرن جهڙوڪ خان بهادر محمد ايوب کهڙو شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير علي محمد راشدي عبدالله هارون ۽ سائين جي ايم سيد بہ منزل گاهہ جي مسئلي ڪي سياسي اشو ناهي مسلمانن ۾ تاءُ وڌرايو ۽ سر غلام حسين هدايت الله تہ انهي ڪي ان حد تائين کنيو تہ ان مسئلي تي ئي الله بخش ڪي

ڪمزور ڪري سگهجي ٿو ۽ ان کي وزارت کان هٽائي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته پنهي ڌرين مسلم ليگ جي ميمبرن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن وزارت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڏياڪي برقرار رکيو.

سياسي طور ناڪام ٿيڻ يعني اسيمبليءَ ۾ بي اعتمادي جي رٿ رد ٿيڻ ڪانپوءِ الله بخش جي مخالفن مذهب جي بہ ڌاري ترار هٿ ۾ کڻي کيس للڪاريو. سنڌوءَ جي ڪناري ساڌ ٻيلي جي سامهون هڪ وسيع ميدان ۾ اڪبري دور جون ڪي بوسيده عمارتون مسلمانن جي عظمت رفته جي يادگار طور فڪر ۽ عبرت جي دعوت ڏيئي رهيو هيون. سرڪار انهن عمارتن کي غير مذهبي ڪمن لاءِ استعمال ڪندي هئي جهڙوڪ تيل جو ڊيپو يا آبڪاري جو گدام وغيره. هڪ عمارت جي اڏاوت اهڙي هئي جو ڪوبہ شخص خاطريءَ سان چئي نہ ٿي سگهيو تہ اها مسجد آهي يا ڪو تفريح گاهہ بهرحال مرحوم سيد ڪرم علي شاهہ سکر شهر جو هڪ معزز بااثر ۽ ديندار پنجابي مسلمان هو جنهنجو پنهنجوءِ سندس ساٿين جو خيال هو تہ اها عمارت مسجد آهي. ان ڪري هن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ منزلگاهہ جي عمارتن تان سرڪاري قبضو ختم ڪري انهن کي مسلمانن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ انهيءَ مطالبي مڃائڻ لاءِ هو هر سال بمبئي ڪائونسل جي اجلاس جي موقعي تي وفد وٺي، سنڌ جي مسلمان ميمبرن جي معرفت تحريڪ هلائيندو هو. انهي سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ دلچسپي خانبهادر الله بخش وٺندو هو ۽ وفد کي واسطيدار آفيسرن سان ملائڻ ۾ سندن مدد ڪئي. بهرحال انهي ڪوشش مان ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو تان جو سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي فيصلي کان پوءِ وفد کي چيو ويو تہ هاڻي سنڌ سرڪار ان مسئلي جو اڪلاءُ ڪندي (ص 76)

1938ع ۾ جڏهن الله بخش وزيراعظم ٿيو تہ پهرين هفتي ۾ ئي وٽس جيڪي فائيل آيا تن ۾ بمبئي ڪائونسل مان منتقل ٿيل ڪاغذن ۾ منزل گاهہ جي باري ۾ يادداشتن وارو فائيل بہ هو جنهن تي نوٽ لکيل هو تہ مسلمانن سان ڪا لکپڙهہ نہ ڪجي. خانبهادر ان فائيل تي لکيو تہ منزل گاهہ مسجد آهي. (77)

چنانچہ هن ئي مسئلي تي ۽ الله بخش جي ئي برخلاف سنڌ ۾ پهريون دفعو "اسلام خطري ۾" جو نعرو بلند ڪيو ويو. پنجاب جا پيشہ ور مهم جو ۽ ايجيٽيشن ڪرڻ جا ماهر بہ اچي ساڻن شامل ٿيا. "هندو نوازي"۽ مسلم دشمني جون فتوائون جاري ٿي ويون ۽ ڪي ابوجهہ سر ڦريل مسلمان واقعي الله بخش کي قتل ڪري، جنت ۾ داخل ٿيڻ جو پروانو وٺڻ لاءِ بيتابيءَ سان سندس تلاش ۾ هئا.

ڪيس ڪن دوستن ذاتي حفاظت لاءِ هٿيارن کڻڻ ۽ پهري رکڻ جي صلاح ڏني، پر هن ڳالهہ ٿاري ڇڏي. (ص 77)

پهرين آڪٽوبر 1939ع تي ترين ذريعي خانبهار الله بخش سومرو بہ سکر پهتو. ۽ سيتاگرهي (احتجاجي) ليڊرن سان مليو ڪين چيائين تہ مان اڄ رات ئي واپس ڪراچي ويندس ۽ پڻي ڏينهن وزارت جي ميٽنگ ڪري هن مسئلي جو فيصلو ڪندس. مان، سر غلام حسين ۽ پير الاهي بخش تي مسلمان وزير آهيون ۽ باقي فقط هندو وزير نهچلنداس آهي. ان ڪري ڪا ڏکيائي نہ ٿيندي. جي اهو منظور ناهي تہ پوءِ سول دعويٰ داخل ڪريو. توهان جي مرضيءَ وارو جج مقرر ڪندس پر دعويٰ مدي خارج نہ ٿئي، ان لاءِ اول مونکي سول ڪوڊ ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ اسيمبليءَ جو خاص اجلاس ڪوٺائڻو پوندو. ٺاهہ جو ٽيون شرط هو تہ بہ امين مقرر ڪيا وڃن هڪ هندو هڪ مسلمان. هندو امين انهيءَ ڪري جو هنن هن معاملي ۾ مداخلت ڪئي آهي. (ص78)

1 "مان نالي ۾ ڪانگريسي ناهيان پر گهڻن ڪانگريسين کان بهتر آهيان. سنڌ جي ڪانگريسن کي جيڪڏهن سچ ٿو چئجي تہ بگڙي تا پون. مون ڪانگريس پروگرام ايمانداريءَ سان عمل ۾ آندو آهي. مڪاني ڪانگريسي منهنجي مخالفت تا ڪن. پر هاڻ ڪمان جانچ ڪري تہ ڏوهہ ڪنهن جو آهي."

2. منزل گاهہ سرڪاري جڳهہ آهي جي سرڪار مسلمانن کي ڏي تہ هندن کي اعتراض وٺڻ نہ گهرجي. سرڪار کي کُلي اختيار آهي، جهڙي ريت هنو مان جو مندر جو پلاٽ هندن کي ڏيئي سگهي ٿي تهڙي ريت منزل گاهہ بہ (مسجد) لاءِ ڏئي سگهي ٿي.

3 مان قبول ٿو ڪريان تہ سکر ضلعي ۾ هندن جي ٻي سلامتي آهي ۽ سرڪار جو فرض آهي تہ اتي بنا دير سلامتي آڻي قانون ۽ انتظام لاءِ عزت پيدا ڪري. اهي حادثا (واقع) سنڌ تي داغ آهن. اهو تمام خراب آهي تہ سياسي معاملن لاءِ بيگناهہ ماڻهن جا خون ڪجن. مون کي ارمان آهي جو ڳوٺن ۾ مسلمانن پنهنجي هندو پاڙن جا خون ڪيا ۽ ڌاڙا هنيا.

4 مون منزل گاهہ تي غور ڪيو آهي مون تي الزام آهي تہ فيصلي ۾ دير پئي وڏي آهي، پر هي سوال سولائيءَ سان فيصلو ٿيڻ جهڙو نہ آهي. مون کي اميد آهي تہ هي سوال اهڙي نموني سان حل ڪبو جو ٻنهي ڌرين کي پسند پوندو.

5 سرڪار جي خواهش آهي تہ انهيءَ مقصد لاءِ سيني ميمبرن جو سهڪار هٿ ڪجي جن مسلم ليگين هي جهڳڙو پيدا ڪيو تن جو سهڪار بہ

سرڪار خوشيءَ سان قبوليندي. افسوس هندو پارٽي پنهنجا عيوضي وزارت مان ڪڍيا آهن. سندن اهو قدم سياڻپ پريو نہ آهي. ڪم نصيب ڪانگريس سرڪار سان شريڪ نٿي ٿئي. اميد تہ وائسراءِ مهاتما جي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿينديون ۽ ملڪ ۾ ڪانگريس وزارتون قائم ٿينديون ۽ هتي جا ڪانگريسي سنڌ وزارتن ۾ شراڪت ڪري سگهندا.

6 مان ميمبرن کي استدعا ٿو ڪريان تہ پنهنجو رايو کلي طرح ظاهر ڪن، جي نقطہ مهمليءَ تي بحث ڪرڻ چاهين تہ سرڪار هڪ ڪاميٽي مقرر ڪندي جا اثرائتا طريقا ڳولي لهندي تہ سلامتي ڪيئن آڻجي. توهين جيڪڏهن ووٽ ڏيڻ چاهيو ٿا تہ وقت اندر وٺو. رٺ پاس ٿئي تہ آئون سياڻي صبح جو استعفيٰ ڏيندس.

7 مارڪيٽنگ بل تي شڪست ملڻ بعد خانبهادر الهہ بخش جي وزارت استيعفا ڏني، جا گورنر ايڪتيهہ ڏينهن پاڻ وٽ رکي ڇڏي، چاڪاڻ تہ ڪانگريس جي شڪست ڏيڻ لاءِ جوابدار هئا. هو وزارت بہ ٺاهي نہ پيا سگهن. يقينن هنن جي هوڙهيائي سبب ٻيو دفعو وزارت ڪري پئي ۽ ٻئي دفعا حڪومت برپا ڪرڻ کان عاجز رهيا.

8 مون استعفيٰ ڏئي وزارت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو آهي. تنهن هوندي بہ وزارت ٺاهڻ ۾ هو ڪامياب نہ ٿيا آهن. اهو واجب نہ آهي تہ هڪ گهوڙي کي ڇهبڪ هڻجن، جڏهن ان عيوض ٻيو گهوڙو ڪين ملي نہ ٿو. مان شڪر گذار آهيان جو ميمبرن بحث وقت فضيلت سان ڳالهايو آهي. مون کي ڏاڍي عجب لڳو جڏهن مسلم ليگ جي اڳواڻ چيو تہ مان هندن ۽ مسلمانن کي راضي ڪري نہ سگهيو آهيان. ٻيو چيائين تہ مون منزلگاهہ جي فيصلي ۾ دير وڌي مون نہ ٿي سمجهيو تہ خانبهادر کهڙو اهڙو الزام مونتي ڏريندو مون وٽ لک پڙهہ موجود آهي جنهن ۾ خانبهادر کهڙي مونڏي خط پئي لکيا آهن تہ اسان کي وقت ڏيو تہ ٺاهہ تي ايندا سون.

9. مسلم ليگ جي اڳواڻ وزارت جي نيت ۽ پروگرام جو ذڪر ڪيو. هن کي اهڙي ڳالهہ نہ ڪرڻ کپندي هئي، هن منزل گاهہ جي واقعي ۾ غريب مسلمانن کي پڙڪايو پر جڏهن ڪيس نوٽيس ڏنو ويو تہ اهو اڪين تي رکي ان موجب هلت ڪيائين ڪيس ان لاءِ شرم اچڻ کپي.

مون تي فيصلي ۾ دير ڪرڻ ۽ ڦرتي گهرتي جو الزام ڪير بہ پري سگهي ٿو پر ڪوبہ مون تي الزام نہ ڏريندو تہ ڪو مون ڄاڻي ٻجهي ڪيو

آهي. مون خانبهادر کي چيو تہ منزلگاهہ تاهہ تي آٿيو. ڪوشش ڪيون، بہ حالت ۾ پاڻ ڪميٽي مان نڪري وڃون.

هندستان جي غير مسلمانن هن کي آل انڊيا قومي مسلمان ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ چونڊي سندس عاليشان مرحبا ڪئي، سرڪس اڳيان انن جي قطار هئي. هزارين مسلمان پورهيت ۽ ڪمي ڪاسبي جن جو مسلم ليگ جي نواب زادن ۽ راجا صاحب سان تعلق هو الله اڪبر جا نعرا هڻندا هليا.

ڪانفرنس ۾ جمعيت علماءِ، شيعن، مولوين، امرائن، پورهيتن ۽ هارين جا عيوضي موجود هئا. جنهن ڪري مسلم قوم جي نمائندي جي دعوي رکي سگهي.

هن ڪانفرنس مان ظاهر هو تہ مسلم ليگ جي دعوي اڪيلي سر هندستان جي آهي.

مسلمانن جو هڪ وڏو جلوس سکر ۾ ملتان کان آيل مذهبي رهنما مولانا ظفر علي ڪڍيو ۽ وڏو جلسو ڪيو. انهيءَ موقعي تي الله بخش سکر پهچي ويو ۽ ان جلسي ۾ جنهن ۾ "اسلام کي خطرو" جو نعرو پهريون دفعو لڳو ۽ الله بخش خلاف ڀرپور نعرا لڳايا پئي ويا، پوءِ بہ الله بخش احتجاج ڪرڻ وارن سان وچ ۾ اچي قران شريف هٿ ۾ کڻي چيو تہ مان اوهان سان واعدو ٿو ڪريان تہ جلد اهو مسئلو حل ڪندس چو جو آءٌ لکي چڪو آهيان تہ منزل گاهہ مسجد آهي. وقت ڏيو تہ ڪاميٽي کان فيصلو ڪرائي وٺان تہ جيئن ڪا ڪورٽ انهي کي رد نہ ڪري سگهي. انهي ڪاميٽي ۾ بہ ميمبر مسلمان آهن ۽ هڪ هندو آهي، فڪر جهڙي ڳالهہ نہ آهي.

مسجد منزل گاهہ هڪ اشو هو جيڪو مسلم ليگ وارن ناهيو ۽ الله بخش کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اهي سڀ تجويزون رد ڪيون، جيڪي الله بخش هنن جي اڳيان رکيون. انهن تجويزن سان مسئلو آساني سان حل ٿي وڃي ها. ان سڄي صورتحال ۾ صاف ظاهر آهي تہ الله بخش پنهنجي طرفان فيصلو ڪري چڪو هو تہ منزل گاهہ مسجد آهي ۽ اها مسلمانن کي ملندي، ان تي هندن مخالفت شروع ڪري ڏني ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻن مخالفت کي تيز ڪري ڇڏيو تہ جيئن الله بخش کي ڪمزور ڪري هندن کان علحده ڪري ڇڏجي. اڳتي هلي هندن ۽ مسلم ليگين گڏجي الله بخش جي اسيمبلي ۾ مخالفت ڪئي ۽ رت آندي

"اسلام خطري ۾" جو نعرو انهي ئي دور جي ايجاد آهي. اهو

نعرو سنڌ ۾ ايجاد ٿيو ۽ الله بخش جي مخالفن الله بخش جي خلاف مسلم عوام کي ڀڙڪائڻ ۽ سنڌ کان ٻاهر الله بخش کي بدنام ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيو هو.

الله بخش مسلمان ليڊرن کي هڪ ٻي رٿ به ڏني ته اوهان به امين مقرر ڪيو هڪ مسلمان ۽ هڪ هندو (هندو هن ڪري جو هندن هن معاملي ۾ مداخلت ڪئي آهي) منهنجي خيال ۾ مسلمان امين مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ هندو امين لاءِ آچاريه ڪرپالاڻي موزون هوندا.

الله بخش جي مخالفن اهي ڳالهيون نامنظور ڪيون ۽ الله بخش تي زور رکياؤن ته تون هن وقت ۾ هاڻي منزل گاهه جي آزادي جو اعلان ڪر. الله بخش چيين ته اوهان کي خبر آهي ۽ اوهان چڱي طرح سمجهو ٿا ته مان ڪئبينيٽ جي فيصلي کان سواءِ اهڙو اعلان ڪري نه ٿو سگهان.

1939ع جي وچ ڌاري مسلم ليگ سکر جي منزل گاهه مسجد مسلمانن کي موٽائي ڏيڻ جو سوال هٿ ۾ کنيو. اڪثر هندو ميمبرن وزارت تي زور رکيو ته اها جاءِ مسلمانن کي موٽائي نه ڏني وڃي. مسلم ليگ طرفان ان جي پرزور گهر ٿي. آخر ان لاءِ انحرافي ڪندڙ ڪيئي ماڻهون جيل موڪليا ويا. مسلمانن زوري مسجد تي قبضو ڪيو هندن ان جي خالي ڪرائڻ لاءِ سرڪار تي زور رکيو. حڪومت جڏهن مسلمانن کان زوري مسجد جو قبضو ورتو ۽ مکيه ڪارڪنن کي قيد ڪيو ته سنڌ ۾ هندو مسلمان فساد پيدا ٿي پيا. مذهبي جذبات ڀڙڪڻ ڪري ڳوٺن ۾ رهندڙ هندن لاءِ غير سلامتي واري حالت پيدا ٿي پيئي. ان کان متاثر ٿي هندن ۾ ڪانگريس جي ميمبرن عارضي نفعي خاطر مسلم ليگ سان گڏجي الله بخش وزارت کي شڪست ڏيئي، مسلم ليگ وزارت کي طاقت ۾ آندو.

سائين جي ايم سيد چيو ته جهڙي طرح الله بخش وزارت ستن مسلمان ميمبرن جي آڌار تي، هندو ميمبرن جي مدد سان طاقت ۾ آئي هئي. ساڳي طرح مسلم ليگ وزارت اسيمبلي جي مسلمان ميمبرن جو اهو دستور هو ته جيڪا به ڌر وزارت ۾ آئي، ان سان آخر تائين وفادار رهندا هئا ۽ ان جي ڪرڻ کان پوءِ وڃي ٻي وزارت جو ساٿ ڏيندا هئا. هنن جي وفاداري شخصن يا پارٽين سان نه هئي، بلڪ طاقت سان هئي. جنهن جي هٿ ۾ طاقت هوندي هئي، اڪثريت مسلمان ميمبرن جي ان جو ساٿ ڏيندي هئي. نئين مسلم ليگ وزارت ۾ مون کي به زور ڪري وزير بڻايو ويو. مون کي خبر هئي ته ڪانگريس ۽ هندو ميمبرن طرفان حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ هي عارضي سمجهوتو هو ۽ وقت

گڏرڻ بعد پهرئين موقعي تي نئين وزارت کي ڪيرائي، وري الله بخش وزارت کي طاقت ۾ آندو ويندو. مسلم ليگ ٻاهر نڪرڻ بعد وري ساڳي طرح فرقيوار پروپئگنڊا شروع ڪندي، اڳئين دفعي ان ڪري هندو مسلم فساد ٿيا. اڳتي ڇا ٿئي ان جو پتو خدا کي. ان جو حل مون کي، مڪاني حالتن مطابق، هندو مسلمانن جو سمجهوتو ڪرائي سڀني پارٽين جي هڪ گڏيل وزارت ناهي، ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڏسڻ ۾ آيو. ان واسطي مون خانبهادر الله بخش کي مولانا ابولڪلام جي معرفت سمجهائي، وزارت ۾اڇڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ پاڻ استعيفا ڏيئي پنهنجي جاءِ تي کيس وزير ڪري آندو. مون سائنس اهو واعدو ڪيو ته ٻن مهينن بعد مير بنده علي خان استعيفا ڏيندو ۽ ان جي جاءِ تي سر غلام حسين کي کنيو ويندو ۽ وزيراعظم جي چونڊ جملي مسلمان ميمبر ڪندا. ليڪن مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ انهي سمجهوتي کي قبول نه ڪيو ان تي هندو ۽ ڪانگريس ميمبرن مسلم ليگ وزارت کي ڊاهي الله بخش وزارت کي طاقت ۾ آندو. اهڙي طرح سنڌ آل انڊيا سياسي جماعتن جي اختلافن جو آکاڙو بڻجي پيئي.

حالتون هاڻ هن ڪڙي تي وڃي بيٺيون ته هڪ طرف ڪانگريس طرفان (هندستان خالي ڪريو) جي تحريڪ شروع ٿي ته ٻئي طرف مسلم ليگ وارن پاڪستان ذريعي هندستان کي ورهائڻ لاءِ پروپئگنڊا شروع ڪري ڇڏي. انگريزن ڪانگريس مٿان سختي شروع ڪئي. هزارين ماڻهون جيلن ۾ موڪليا ويا. جملي ڪانگريسي وزارتن استعيفائون ڏنيون. الله بخش جي وزارت ئي هئي، جا ڪانگريس جي طرفدار حڪومت هئڻ جي باوجود طاقت ۾ رهندي آئي. الله بخش کي فيصلو ڪرڻو هو ته مسلم ليگ سان شامل ٿي وزارت بچائي ۽ انگريزن جي پاليسي موجب قومي آزادي لاءِ لڙندڙن تي پنهنجي پاران سختي ڪندو رهي، يا وزارت ڇڏي ٻاهر نڪري وڃي. اهو الله بخش جي زندگي ۾ به واٽو هيو. ليڪن آخر هن فيصلو ڪري پنهنجو رخ قوم پرستن طرف ڏانهن ڪيو. هن انگريزن جي قومپرستن تي سختين خلاف احتجاج ڪندي، پنهنجا "خانبهادري ۽ او بي اي" جا لقب انگريزن کي 26 سيپٽمبر 1942ع تي، هڪ خط وائسراءِ کي لکي، موٽائي موڪليا. ان خط جو لفظ بلفظ هيٺ ڏجي ٿو.

"حضور جن کي هن خط جي ذريعي مطلع ڪرڻ گهران ٿو ته مون فيصلو ڪيو آهي ته برطانيا سرڪار ڪان مليل لقب، ملڪ جي عام راءِ ۽ عقيدن جي مدنظر، پاڻ وٽ رکي نٿو سگهان ۽ موٽائي ڏيان ٿو. هندستاني ملڪي آزادي لاءِ گهڻي وقت ڪان جدوجهد ڪندا رهيا آهن. هاڻوڪي جنگ شروع ٿيڻ

بعد امید هئي تہ جن اصولن جي بنياد تي اتحادي قوتون فسطائي حڪومتن سان لڙي رهيون آهن، انهن جي مدنظر هندستان کي آزادي ڏيئي، ان کي جنگ ۾ آزادانہ طور حصي وٺڻ جو موقعو ڏنو ويندو. پر ائين نہ ڪيو ويو.

اهو منهنجو ايمان آهي تہ هندستاني آزادي حاصل ڪرڻ جو حق رکن ٿا. برطانيا سرڪار جي بيانن ۽ عمل مان اهو ثابت ٿي رهيو آهي تہ هو هندستان جي مختلف سياسي پارٽين کي نهڻ ۾ رڪاوٽون وجهي، پنهنجو سامراجي تسلط ملڪ تي قائم رکڻ گهرن ٿا. تازو برطانيا سرڪار جي وزيراعظم مسٽر ونسٽن چرچل جي ديوان عام ۾ ڪيل تقرير هندستان جي سمجهدار ۽ قومپرست ماڻهن ۾ نهايت نا اُميدي پيدا ڪئي آهي، ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ انگريزن کي آزادي ڏيڻ جو ڪوبہ ارادو نہ آهي، ان ڪري آءٌ اهڙي حڪومت طرفان ڏنل لقب پاڻ وٽ نٿو رکي سگهان ۽ موٽائي موڪليان ٿو."

# منزل گاهہ مسجد جو تاريخي پسمنظر ۽ الله بخش جو ڪردار

1. پراڻي سکر جي پناهہ علي شاهہ جو چوڻ هو تہ "اهي جڳهون وقف جي ملڪيت آهن."

2. قنبر جي حاجي شير محمد جي بہ ساڳي راءِ هئي. پر اُهو بہ رد ڪيو ويو. انهن ٻنهي جي اپيل بہ سکر جي ڪليڪٽر 1922ع جنوري ۾ رد ڪري ڇڏي.

3. 1925 ۽ 1926 ۾ مقامي مسلمانن ڪمشنر سکر کي هڪ درخواست ڪئي تہ اُهي جڳهون مسجد ۽ حجرا آهن.

13 جولاءِ 1926ع تي ڪمشنر اها رد ڪئي. هن هدايت ڪئي تہ جڳهون سني حالت ۾ رکيون وڃن. جيڪڏهن مسلمان انهن جي چوڌاري ديوار ٺهرائڻ چاهين تہ هو پنهنجي خرچ تي ڪري سگهن ٿا. پر اُها جڳهہ ڪتب آڻڻ يا سرڪار کان مالڪي جو حق نہ گهرندا.

4. 1931ع ۾ محمد اسحاق ڊپٽي ڪليڪٽر صلاح ڏني تہ جڳهہ جي چوڌاري ديوار وڌائي ڇهہ فوٽ ڪئي وڃي. ان جو دروازو ڪلف سان بند ڪري چابي سرڪار وٽ رکي وڃي. ڪمشنر تجويزون قبول ڪيون ۽ اُن تي عمل ڪيو ويو. ڪرم علي شاهہ ديوار ۽ دروازا ٺهرائي بند ڪري چابيون ڪليڪٽر حوالي ڪيون.

5. 1933ع نومبر مهيني ۾ ميرپور ماٿيلي جو هڪ فقير گل محمد جڳهہ اندر گهڙي ويو ۽ اُتي وڃي جهنڊو "علم" کڙو ڪيائين، اُن تي سرڪار قدم کنيو ۽ هن تي حدخلي جو ڪيس هلائي سزا ڏني ويئي.

6. منزل گاهہ جو مسئلو تمام پراڻو هو ۽ اهو انگريز سرڪار پنهنجي ڪنهن بہ دور ۾ حل ڪري نہ سگهي ۽ هميشہ ان مسئلي کي سرد خاني ۾ رکيو ويو يا مسلمانن جي گهر کي رد ڪيو ويو اهڙي قسم جي گهر سنڌ جي پهرين وزير

اعظم سر غلام حسين هدايت الله کان بہ تي جنهن بہ ان فائيل کي سرد خاني ۾ رکي ڇڏيو.

7. اهو فائيل جڏهن الله بخش وزير اعظم ٿيو تہ هن جي اڳيان بہ آيو. هن فورن ان تي لکيو منزل گاهہ مسجد آهي اها مسلمانن حوالي ڪئي وڃي.

8. تنهن کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ ٿيو. آگسٽ 1937ع ۾ ملتان جي هڪ سيد ۽ مولانا ظفر علي خان سکر ۾ مسلم ڪانفرنس ۾ تقريرون ڪندي سرڪار جي قدم کي ننديو ۽ مسلمانن کي صلاح ڏني تہ جڳهہ تي زوري قبضو ڪيو. ٿورو پوءِ ساڳي ڏينهن مذڪوره جڳهہ جو ڪلف ڀڳو ويو ۽ قبضو ڪيو ويو. ڪليڪٽر انهي کي خالي ڪرائڻ لاءِ قدم کنيو جنهن کانپوءِ وڳوڙ پيدا ٿيندا ويا. انهي تي مسلمانن تحريڪ هلائي تہ منزل گاهہ مسجد آهي ۽ مسلمانن کي ڏني وڃي.

9. هندن کي اهو ڊپ يا خدشو هو تہ اها جڳهہ سروي نمبر 535 بندر روڊ تي ساڌ ٻيلي جي سامهون آهي. جيڪو اڳتي هلي مسلمان ساڌ ٻيلي لاءِ بہ نقصان جو سوچيندا.

الله بخش ايوب کهڙي ۽ ٻين جي الزامن جي جواب ڇيو هو: "مونکي نهايت ارمان آهي تہ ڪانگريسي جي پارٽ کي سچ ۽ اهنسا جا پوڄاري ٿا چوائن سي موقعي موجب درست نموني هلڻ کان گٽا آهن. ڪانگريس پارٽي هڪ ڏينهن مهملي جي رٽ آٽي اعتماد ڪيو ٻي ڏينهن انهي قومي پارٽي فرقيپرستي اڳيان ڪنڌ جهڪائي ٻي اعتمادي جي رٽ جي پنيرائي ڪئي. هنن کي سوچڻ گهرجي ها تہ ڇا ٿا ڪن. جيڪڏهن مهملي رٽ جي ڏينهن آءٌ صحيح هوس يا ڪيڻ لائق نہ هوس تہ پوءِ ٻي ڏينهن تي اڳئين ڏينهن خلاف فيصلو نہ ڪرڻ گهربو هو.

ڪانگريسن کي جيڪڏهن هندن جو بچاءُ ڪرڻو هو تہ کيس هندو پارٽي سان مشوره ڪرڻ گهربو هو تہ وزارت سان ڪهڙا شرط ٿا ڪن.اهي شرط ٻڌڻ گهرجي ها تہ واجب آهن يا غير واجب."

ليگ سياسي طاقت هٿ ڪرڻ ۽ الله بخش وزارت ڊاهڻ لاءِ منزل گاهہ جو سوال ڇيڙيو.

وسٽن بوٽ جي رپورٽ: منزل گاهہ جي سوال اينگهائڻ ڪري پورو ممڻ ٿيو هندن فراخدلي کان ڪم نہ ورتو. ڪنور جي خون ۽ ڊاڪٽر مولنجي سونجي

---

(1) ۽ (2) ليکڪ موتيرام سترامداس راموائي، ڪتاب رتن جوت، ياڳو ٻيون.

جي تقريرن تلخي پيدا ڪئي. الله بخش وزارت قائم رکڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪئي. ڪيس اهو به چوڻ هو ته هن کي حڪومت جو اونو نه آهي. هندو همدردي جي لائق آهن جن جون ملڪيتون ۽ ماڻهو ماريا ويا. پوليس به پروسي جهڙي نه هئي. عملدارن کي حڪومت جي طرفان جيڪي هدايتون مليون تن تي عمل نه ڪيو ويو.

1937ع ۾ منزل گاهه کان علاوه ٻيا واقعا به ٿيا.

1937ع ۾ شڪارپور ۽ دادو ۾ قرآن شريف جي ورقن سڙن جون ڳالهيون به ٿيون.

1937ع لنواري شريف واري حج جي باري ۾ بک هڙتال، جمعيت العماءِ حڪيم فتح محمد ۽ محمد صادق شروع ڪئي.

## دين لاءِ ڪيل ڪم

جڏهن انگريزن دور ۾ بمبئي سرڪار سکر بئراج (66 دروازن واري پل) سنڌو درياءَ تي 10 سالا اسڪيم سان شروع ڪئي (1922 کان 1932ع) تہ درياءَ جي ساڄي ڪپ تي نڪرندڙ واهن تي مسجون هيون. هڪ جوٽيجن واري مسجد, امروٽ شريف جي سامهون سڌ پنڌ تي نارٿ ويسٽرن (کيرٿر) ڪئنال ۾ جوٽيجن جي ننڍڙي ڳوٺ مَنڌوءَ جي وانڍ ۾ هئي. ٻي مسجد ڪلواڙيءَ واري رڪ اسٽيشن جي پرسان اوپر طرف ڪلواڙي نالي ڳوٺ ۾ هئي. اهو ڳوٺ رائيس ڪئنال ۾ اچي ٿي ويو. ٽئين مسجد ابيجاڻن واري هئي جيڪا درياءَ جي ڪاٻي ڪَپ مان نڪرندڙ ڪئنال ۾ ابيجاڻي ڳوٺ تعلقہ روهڙيءَ ۾ واقع هئي.

انهن ٽنهي مسجدن جي حفاظت لاءِ مولانا تاج محمود امروٽي رح ۽ اسلام جا پرستار جهاد لاءِ سر سان ڪفن ٻڌي نڪري پيا. ان واقعي ۾ سڀ کان وڏو معرڪو جوٽيجن واري مسجد تي ٿيو. ان جو ڪجهہ مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

حضرت امروٽي رح جي ڪوشش سان مسجدن جي حفاظت ڪرڻ وارو عزم مڪمل ٿيو ۽ مقدس جڳهن جي حفاظت ٿي. جڏهن جوٽيجن واري مسجد کيرٿر ڪئنال ۾ اچي ٿي ويئي تہ عين انوقت انگريز انجنيئر ڏنو تہ امروٽي رح جي قيادت ۾ گڏ ٿيل مسلمانن جو لشڪر جذباتي ٿيندو پيو وڃي تہ هن سکر جي ڪليڪٽر "مسٽر رڊلي" سان رابطو ڪيو. ڪليڪٽر هڪ سو گهوڙي سوار سپاهي ۽ هڪ پوليس جمعدار جي اڳواڻيءَ هيٺ امروٽ شريف ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو. ان کان سواءِ ڪليڪٽر, ايس پي سکر, برک سياسي رهنما شهيد الله بخش ۽ مشهور زميندار محمد پناهہ ڏکڻ ۽ پاڻ سان گڏ جيپ ۾ کنيا. الله بخش حضرت مولانا تاج محمد امروٽي سان ملاقات ڪئي ۽ ان کيس چيو تہ مسجدن کي شهيد ٿيڻ نہ ڏبو. الله بخش حضرت مولانا تاج محمد امروٽي سان متفق ٿيو ۽ ڪليڪٽر کي اچي سمجهايائين تہ جيڪي مسجدون بيٺل آهن

انهن کي شهيد نہ ڪيو وڃي. ان سان مسلمانن جي مذهبي تقدس جي پائيمالي ٿيندي نتيجي ۾ رتوڇاڻ ٿيڻ جو امڪان پڻ آهي. الله بخش ڪليڪٽر کي مولانا تاج محمد امروٽي جي موقف تي متفق ڪيو. ڪليڪٽر صاحب انجنيئرن کي مسجد کي قائم رکڻ جو لکت ۾ حڪم اتي جو اُتي ڏنو. اهڙي نموني هڪ صلح ساز ڪاميٽي مدبرانہ فيصلو ڏئي خونريزيءَ ٿيڻ واري معرڪي کان بچائي ورتو. ان سموري صلح سازي يا افهام تفهيم جو ڪردار يقينا شهيد الله بخش سومري ڏانهن وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ هو هڪ بااثر، دور انديش برک سياستدان هو جنهن پنهنجي علائقي مان هڪ بيچيني ختم ڪرائي. هڪ موحد، اسلام پرست ۽ انسان دوستيءَ جو لازوال مثال ڇڏيو. جيڪڏهن ان عمل ۾ ڪابہ جذبات يا ڪوتاهي سرزد ٿئي ها تہ شايد نتيجو ڪو ٻيو نڪري ها!(1)

1914ع ۾ شيخ الهند، مولانا محمود الحسن ديوبندي هندستان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هڪ خفيہ تحريڪ ريشمي رومال نالي سان هلائي هئي. انهن ڏينهن ۾ حضرت شيخ الهند جو شاگرد، وڏو عالم ۽ انقلابي حضرت مولانا عبيدالله سنڌي پير جهنڊي جي مدرسي ۾ رهندو هو ۽ مدرسي جو مهتمم هو. آزاديءَ جي ان تحريڪ جي سلسلي ۾ 1915ع ۾ ڪيس انگريزن جي خلاف محاذ قائم ڪرڻ لاءِ ڪابل موڪليو ويو. ريشمي رومال تحريڪ تہ 1917ع ۾ ختم ٿي ويئي پر عبيدالله سنڌي 25 سالن تائين جلاوطن رهيو. آخر 1939ع ۾ خانبهادر شهيد الله بخش سومري جي وزارت اعظميٰ جي زماني ۾ ان ڪوشش سان وطن واپس آيو.(2)

---

(1)1. (هن واقعي جو تفصيل ڪتاب سوانح حيات تاج محمود امروٽي رح مضمون بعنوان تحفظ مساجد،مرتب پروفيسر عبدالرحمان جتوئي صحفو 87 کان 97 تائين ناشر توفيق احمد ميمڻ، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز،سال 1985ع.

# سنڌ ۾ پهرين مارشلا

انگريز سرڪار سنڌ ۾ پهريون غير جمهوري ۽ غير اخلاقي قدم کڻي سنڌ جي ڪيترن ضلعن تي پهرين جون 1942ع کان مارشلا نافذ ڪئي. جڏهن ته حيدرآباد کي فوجي مرڪز بڻايو ويو. سنڌ ۾ حيدرآباد، خيرپور ميرس ۽ سکر ۾ مارشلا ڪورٽون قائم ڪيون ويون ۽ سانگهڙ ۾ به فوجي مرڪز قائم ڪيو ويو. جنهن تحت جمهوري حڪومت جا حق ۽ اختيار ختم ڪيا ويا. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب حرن طرفان هلچل چالايو ويو هو. انگريز سرڪار مارشلا ۾ اهو ڄاڻايو ته حر جماعت سنڌ ۾ بد امني ڦر لٽ ۽ خون خرابا ڪرائي ٿي تنهن ڪري ان کي منهن ڏيڻ لاءِ برطانيه حڪومت خصوصي اختيارات استعمال ڪندي فوجي قانون لڳايو آهي. جنهن تحت ماڻهن کي پڪڙڻ ۽ انهن کي مارشلا جي قائم ڪيل عدالت ۾ ڪيس هلائي سزائون ڏنيون ويون. اهڙي طرح انگريزن جنوري 1943ع ۾ سکر جي هڪ نوجوان هيمون ڪالاڻي ريل جون پٽڙيون اکيڙڻ جي تهمت هيٺ گرفتار ڪري مارشلا اختيارين اڳيان پيش ڪيو. مارشلا ڪورٽ کيس ڦاسي جي سزا ڏني ۽ وري ان وقت جي مرد مجاهد ۽ سنڌ جي آزادي جي جدوجهد ڪندڙ "وطن يا ڪفن، آزادي يا موت" جو نعرو هڻندڙ پير صبغت الله شاهه راشدي کي 14 جنوري 1943ع تي هوائي جهاز ذريعي آڻي گرفتار ڪري حيدرآباد آندو ويو. 29 جنوري تي فوجي مارشلا ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو ويو. 23 فيبروري تي مٿس تهمت مڙهي وئي ته بادشاهه خلاف جنگ جوٽڻ ۾ واهر ڪرڻ، جنگ جوٽڻ جو منصوبو سٽڻ، جنگ جوٽڻ لاءِ تياريون ڪرڻ، يعني فتوي ڏيندي کيس موت جي سزا ٻڌائي. فتوي ڏيڻ بعد ترت ئي حيدرآباد جيل ۾ کيس ڦاهي چاڙهيو ويو ۽ ڪنهن نامعلوم هنڌ دفنايو ويو. جنهن بعد سنڌ جي اندر تمام وڏي خراب صورتحال پيدا ٿي ۽ ماڻهن وڏو ري ايڪشن ڪيو ريل جون پٽڙيون اکاڙيون ويون ۽ انگريز سپاهين تي حملا ڪيا ويا.

سنڌ جي تاريخ ۾ حر تحريڪ جي هلچل وڏو واقعو رهيو آهي. ان کي

انگريز سرڪار ۽ مسلم ليگ ٻي رخ سان پيش ڪرڻ لڳا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي ارڏي پٽ الله بخش سومري سنڌ جي آزادي لاءِ مولانا عبيدالله سنڌي جي هدايتن تي هن انگريزسرڪار جي اعلي عملدارن کي واضع انداز ۾ پيغام ڏنو ته جنهن طرح سان توهان سنڌ کي علحده فتح ڪيو آهي, اهڙي طرح ان کي ساڳي نموني حيثيت ڏني وڃي. الله بخش ۽ انگريز سرڪار جا اختلافات تمام گهڻو وڌي چڪا هئا ان جا سبب 1. الله بخش انگريز سرڪار طرفان جلا وطن ڪيل مولانا عبيدالله سنڌي کي واپس گهرايو ۽ وزير اعظم جي حيثيت ۾ ان جو آستقبال ڪري ان کي رهايو. 2. الله بخش ان وقت به قومي نظريي کي نه پئي مڃيو ۽ نه ئي اهڙي قسم جي هڻ رياست کي تسليم ڪرڻ پئي گهريو جيڪا مذهب جي نالي تي هجي. 3. الله بخش انگريز سرڪار کي واضع انداز ۾ سنڌ جي جهڙي نموني انگريزن کان اڳ ۾ سنڌ موجود هئي ان نموني آزادي چاهي پيو. 4. الله بخش ان وقت انگريز سرڪار سان سخت اختلافات رکيا جڏهن هنن سنڌ جي اندر ڪجهه ضلعن ۾ مارشلا هٽي سنڌ حڪومت جا اختيارات سلب ڪري ڇڏيا. 6.الله بخش وٽ برطانيه سرڪار طرفان خانبهادر او بيِ اِي ۽ ميمبر ڊفينس ڪائونسل هئا. ان لقبن کي ڇڏڻ تي انگريز سرڪار سخت احڪامات جاري ڪيا ۽ وائسراءِ گورنر سنڌ کي حڪم ڪيو ته الله بخش کي گهرائي ان کان استعفيٰ ورتي وڃي ڇاڪاڻ ته انگريز سرڪار جو مٿس اعتماد ختم ٿي چڪو آهي هو وڌيڪ حڪومت ۾ رهي نه ٿو سگهي.

ان وقت سنڌ جي اندر جيڪي ماڻهو سنڌ ۾ مضبوط سياسي سوچ رکن پيا ۽ انهن جي سنڌ جي اندر سياسي سگهه به هئي جنهن ۾: 1. پير صبغت الله شاهه راشدي, 2. الله بخش سومرو, 3. سائين جي ايم سيد.

پير صبغت الله شاهه راشدي ان وقت سنڌ جي اندر حُر تحريڪ جو باني هو ۽ انهن ۾ ويڙهه جي سگهه به موجود هئي. االله بخش سياسي دماغ هو ۽ هن کي عوام جي چونڊيل نمائندن جو اعتماد هو ۽ هي ان وقت سنڌ جو وزير اعظم هو هي به سنڌ جي ساڳي صورت بحال ڪرڻ چاهي پيو جيڪا انگريزن 1843ع ۾ حاصل ڪئي. ۽ سائين جي ايم سيد ان وقت ٽئين وڏي قوت هو جنهن محمد علي جناح جو ساٿ ڏنو ۽ مسلم ليگ جي ايجنڊا تي ڪم ڪيو ۽ پاڪستان ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.
سنڌي ماڻهن جي وڏي بد قسمتي جو سنڌي جي آزادي جا به وڏا علمبردار هڪ کي 23 فيبروري 1942ع ۾ ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو ۽ ٻئي کي مئي ۾ گولين جو کاج بڻايو. جيڪڏهن هنن ٻن جوڌن جوانن کي شهيد نه ڪيو وڃي ها ته سنڌ اڄ ڪنهن ٻي

حالت ۾ هجي ها. ان وقت ۾ مسلم ليگ جي مک اڳواڻن ايوب کهڙي، پير علي محمد راشدي ۽ ٻين مسلم ليگين پير صاحب جي شهادت کي خاص ڪري الله بخش حڪومت سان ڳنڍڻ جي ڀرپور پروپيگنڊا ڪئي ۽ ماڻهن ۾ اها نفرت پکيڙڻ ۽ انهن کي انهي لاءِ اڀارڻ ته الله بخش کي شهيد ڪيو وڃي. الله بخش سومرو کي اک ۾ ڪنڊو محسوس ڪري رهيا هئا ڇاڪاڻ ته ان جي سياسي طور تي سنڌ جي اندر وڏي ٻيهڪ هئي. هي محسوس ڪري رهيا هئا ته جيستائين الله بخش زنده آهي اسان جي ڪا به حيثيت نه رهندي. انهي ڪري هنن اهڙي سٽ سٽي جو الله بخش کي شهيد ڪيو وڃي.

سنڌ جي ماڻهن کي هن حقيقت کان واقف ٿيڻ گهرجي ته سنڌ جا قومي سرواڻ الله بخش سومرو ۽ پير صبغت الله شاهه راشدي جن هئا. ان کان بعد سائين جي ايم سيد سنڌ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ 30 سال نظر بند رهيو.

# وزارت اعظميٰ کان برطرفيءَ ڪاٽن ايسوسيئيشن جو ٺهراءُ.

ڏهين آڪٽوبر 1942ع تي سنڌ جي گورنر الله بخش سومري کي روبرو خط پڙهي ٻڌايو ءِ ڪائنس استيعفيٰ طلب ڪئي. الله بخش جواب ڏنس، ”مان عوام جو چونڊيل عيوضي آهيان، ڪنهن جي چوڻ تي اهڙو قدم کڻي نہ سگهندس. مان استعفيٰ ڪونہ ڏيندس، پر جي ائين مون کا پلؤ آجا ڪرڻا اٿو تہ پلي پاڻ قدم کڻو.“ گورنر وراڻي ڏنس تہ ”اوهين پاڻ کي بر طرف سمجهو ءِ پنهنجي ذميواري جي چارج موٽائي ڏيو“ هن گفتگو ۾ ڪل 15 يا ويهہ منٽ لڳا. ڪن ڪلاڪن کانپوءِ گورنمينٽ هائوس مان پڌرائي نڪتي:

”تازو مسٽر الله بخش جي لقب ءِ خطاب ڇڏيا آهن ءِ انهن خطابن ڇڏڻ جي باري ۾ هن جيڪي سبب خط ۾ ظاهر ڪيا آهن. تن بابت گورنر مسٽر الله بخش سان بحث ڪيو. انهي بحث کي مد نظر رکي گورنر لاءِ ٻيو چارو ڪونہ هيو سواءِ ان جي تہ مسٽر الله بخش کي ٻڌائي تہ منجهس سندن اعتماد نڪري ويو آهي. جنهن ڪري پنهنجي عهدي تي قائم رهي نٿو سگهجي“

20 آڪٽوبر 1942ع تي ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي گورنر پاران سنڌ جي وزير اعظم محترم الله بخش سومرو کي وزارت عظميٰ تان برطرف ڪرڻ جهڙي قدم تي ويچار ڪرڻ لاءِ سوال اٿاريو ويو. جنهن تي بورڊ جا ٽي انگريز ميمبر اعتراض وٺي اجلاس ڇڏي هليا ويا جڏهن تہ اجلاس ۾ گورنر جي قدم کي ننديندي ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ: ”ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن جي ڊائريڪٽرن جو بورڊ سنڌ جي گورنر پاران مسٽر الله بخش سومري کي سنڌ جي وڏي وزيريءَ (وزارت عظميٰ) جي عهدي تان ڊسمس ڪرڻ واري قدم تي اعتراض ٿو ظاهر ڪري. بورڊ انهي پڌرائي تي عجب ءِ حيرت جو اظهار ٿو ڪري، جڏهن ڇيو وڃي ٿو تہ وڏو وزير گورنر جو وشواس وڃائي چڪو آهي. بورڊ جي نظر ۾ گورنر جو اهو قدم برٽش لوڪشاهي رسمن ءِ

رواجن جي خلاف آهي. وقت جي گهرج ۽ ضرورت اها آهي تہ ملڪ ۾ موجوده سياسي گهوٽالي دور ڪرڻ لاءِ ڪي عملي ڪوششون وٺڻ ۾ اچن. سنڌ جي گورنر جي قدمن مان اهو صاف ظاهر آهي تہ گهوٽالي جي دور ٿيڻ جي ڪا اميد رکي نٿي سگهجي. بورڊ مسٽر الله بخش جي برطرفي تي زوردار اعتراض ٿو ظاهر ڪري "انهي ٺهراءَ پاس ڪرائڻ ۾ سيٺ سکديو جو اهم ڪردار هو. (1)

21 آڪٽوبر 1942 تي سيٺ سکديو ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن ۾ هڪ ميٽنگ ۾ بهرو وٺي رهيو هو تہ ڊفينس آف انڊيا رولس هيٺ سيٺ سکديو کي ڪاٽن ايسوسيئيشن مان گرفتار ڪيو ويو. گرفتاريءَ بعد کيس ڪراچي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ موڪليو ويو. 24 آڪٽوبر 1942ع تي جيل ۾ متس26 سيڪشن هيٺ نوٽيس تعميل ٿيو جنهن موجب اڻ ڄاڻايل مدي تائين جيل ۾ رهڻ جو اطلاع ڏنل هو.(2)

21 ڊسمبر 1942ع تي کيس ڪراچي جيل مان بدلي ڪري، سکر اسپيشل جيل ۾ آندو ويو. سنڌ جا مکيہ اڳواڻ جيرامداس، دولترام، ڊاڪٽر چوئٿرام، سوامي گووننداننداننند، پروفيسر گهنشام، سچانند، ڦيرومل، چيٿرام وليچا، ڊاڪٽر تارا چند لالواڻي، پروفيسر ملڪاڻي، هريداس نالجي، ايسرداس ورند مل، لالجي مهرولرا، محمد امين کوسو، سوپو گيانچنداڻي، اسلم اچڪزئي، برڪت علي آزاد ۽ ٻيا ڪيترا اڳواڻ سکر جيل ۾ هئا.(1)

28جون 1943ع تي سيٺ سکديو کي بنا ڪنهن شرط تي آزاد ڪيو ويو.(4)

الله بخش گورنر وٽان موٽي اچڻ بعد پنهنجي سيڪريٽريٽ ۾ ويهي پنهنجي عهدي جي چارج ڇڏي جنهن بعد جنگي بچاءَ ڪائونسل تان پڻ استعفا ڏنائين. ڇاڪاڻ جو جنگي بچاءَ ڪائونسل جي رڪنيت وزير اعظم جي حيثيت سان ٿي هئي. هي خبر ترت ڦهلجي وئي ۽ پريس جا عيوضي گڏ ٿي ويا، جن الله بخش کان پڇيو "هي قانوني قدم آهي يا سياسي؟ " الله بخش وراڻيو "پاڻ سمجهو."

"ائين آهي ڇا تہ عوام جي چونڊيل عيوضي کي اسيمبلي کان سواءِ گورنر جي اعتماد جي ضرورت آهي؟"

"اهو گورنر جي گفتگو مان ظاهر آهي".

هن بعد پريس جي عيوضين کي چانهہ پارٽي ڏني ۽ خوشگوار موڊ ۾ نهايت ئي خوش هو. الله بخش جي برطرفي جو قدم سنڌ جي گورنر گورنمينٽ آف انڊيا جي 1935 ائڪٽ جي 51 سيڪشن هيٺ کنيو هو. جنهن ۾ ڄاڻايل آهي: "وزير پنهنجي عهدي تي تيسين برقرار رهندا جيسين منجهن گورنر جو اعتماد هوندو."

سچي هندستان جي نڪرندڙ اخبارن اڪثريت ۾ گورنر جي هن قدم کي ننديو سواءِ مسلم ليگ جي. ڪيترن شهرن ۾ هڙتالون به ٿيون.

ٻي طرف اهو به واضع ڪجي ته ڪانگريس برطانيه سرڪار کان اقرار ورتو هو ته "پرڳڻن جي مامرن ۾ گورنر دخل نه ڏيندو." اهو اقرار هندستان جي سيني پرڳڻن لاءِ هو. جنهن ۾ سنڌ به شامل هئي. مٿين قدم بعد ڪانگريس ٻين پرڳڻن ۾ پنهنجي وزيرن کي خطاب ڏيڻ منسوخ ڪري ڇڏيو.

مسٽر ليو بولڊ اليمرئي پارليامينٽ ۾ ظاهر ڪيو ته، "الله بخش جي ڪانگريس مان لهه وچڙ ۽ ڪانگريسي خيالات ڏانهن رغبت هئي جنهن جي ڪري ائين سمجهڻ نه گهرجي ته فقط خطابن ترڪ ڪرڻ سبب بر طرف ڪيو ويو آهي."

---

(1) ۽ (2) ل (3) (4) يڪڪ موتيرام مسٽر امداس راموائي، ڪتاب رتن جوت، پاڱو ٻيون.

# خطابات [لقب] ڇڏڻ جو پسمنظر ۽ سبب

اپريل 1942ع ۾ جاپان برما تي حملو ڪري ڏنو انگريز فوج توڙي عام ماڻهو برما مان تڙ تڪڙ ۾ جان بچائي ڀڳا. پهرين مهاڀاري جنگ جي موقعي تي انگريزن هندوستان جي اوپر سرحد واري علائقن جي قلعه بندي ۽ فوجي انتظام سنو رکيو هو. ڇوجو ڪين خطري جو امڪان ڪونه نظر پئي آيو. هنن جو توجهه سدائين اولهه واري سرحد ڏي هئي. ان ڪري جو اولهه ۾ هندو اڳواڻن سان روس جي وڏي طاقت موجود هئي. انگريزن سمجهيو ته برما جي لڙائي هندوستان تي ڪاهه جي شروعات آهي. سو هندن جي سهڪار هٿ ڪرڻ لاءِ هنن سر انستفورڊ ڪريڪن کي موڪليو ته هو هنن جي اڳواڻن سان خود حڪومت جي باري ۾ ڳالهيون ڪري. ڳالهيون ٽيون به ۽ ٽٽيون. ان ڪانپوءِ ڪانگريس اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا ته سڄي ملڪ ۾ وسيع پيماني تي جدوجهد شروع ٿي وئي. ٻي طرف هند سرڪار انهي تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ سنڌ ۾ نهايت شديد دٻاءُ جاري ڪيو. جوانن کي جيل ۾ ناحق بند ڪرڻ پنجوهين ورهين ۾ هڪ عام ۽ معمولي ڳالهه ٿي پئي هئي. 1930ع کان وٺي عورتون به زنانو گهريلو وهنوار ترڪ ڪري وطن جي آزادي خاطر جنگ جي ميدان ۾ نڪري نروار ٿيون ته ننڍا ٻار به روڊن ۽ گهٽين ۾ نڪري آيا هئا. پر هند سرڪار معصوم صغير ٻالڪن کي ڦٽڪا هڻي جهوري ڇڏڻ جهڙي دهشتگردي ڪري ڇڏي هئي جنهن ماڻهن جي دل کي ڏڏڪو ڏنو ۽ سرڪار خلاف ويتر غصو وڌيڪ پيدا ڪيو. الله بخش سومرو انوقت وزيراعظم جي عهدي تي برقرار هو. جنهنڪري مٿس وڏي جوابداري هئي. هن کي هن قسم جي دهشتگردي لاءِ سخت نفرت هئي، شروعات ۾ جڏهن ماڻهن تي لٺن جا وسڪارا ۽ ننڍن ٻارن کي ڦٽڪا لڳا ۽ ژالن جون گرفتاريون ٿيون ته خبر ئي ڪانه پيس ته انهن جهنگلي ڪاروائين جي ذميواري مٿس پئي آئي. ڪيس اهو به خيال نه آيو ته سندن رتبو اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس ڌر پنيرائي سبب آهي، پر پوءِ جيئن وقت ويو گذرندو ۽ اهڙيون خبرون شايع ٿيڻ لڳيون ته ڪيئن ننڍا ٻار ۽

نوجوان ڦٽڪن لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويا آهن ۽ ڪيئن ڪين زخمي حالت ۾ ڦٽو ڪيو ويو پئي. تنهن سندس قلب (دل) ۾ طوفان کي پيدا ڪيو ۽ سندس ضمير کيس ڏنگڻ لڳو. سندس روح پئي رُنو ۽ اندر ۾ پڇتاءُ پئي ڪيائين تہ اهڙو ستم منهنجي صاحبيءَ ۾ نہ ٿيڻ گهربو هو. شهيد الله بخش پهريان هڪ زميندار هو ۽ سياستدان بڻجڻ بعد حڪمران بڻيو پر پوءِ ڪانگريس ليڊرن ۽ جمعيت علماءِ جي اڳواڻن سان صحبت ۽ موجوده زماني جي انسانيت ۽ آزادي ڏانهن مائل خيالات سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ سبب سندس دماغي دنيا ڪشادي ٿيڻ لڳي هئي. هن جو ضمير هن کي ستائڻ لڳو تہ هي ظلم ۽ ستم جي دپاءُ ۽ دهشتگردي ڪنهن بہ صورت ۾ جائز ٿي نٿي سگهي. ائين برابر آهي تہ پنهنجي هٿن سان هن ڦٽڪا نٿي هنيا پر اهو بہ ممڪن آهي تہ هن ڪنهن بہ عملدار کي اهڙو حڪم نہ ڏنو هجي تہ هن نموني جي دهشتگردي جاري رکي وڃي پر تنهن هوندي بہ هو وزيراعظم هو جنهن ڪري پاڻ کي غير ذميوار ٺهرائي نٿي سگهيو. جيڪڏهن برطانيہ سرڪار ڏانهن سندس ڪي قدر جوابداري هئي تہ ان کان وڌيڪ پنهنجي خالق ۽ ضمير، وطن ۽ وطني ڀائرن جي اخلاق ۽ شرافت ڏانهن هئي. ڪوبہ عهدو اها ابتدائي انساني ذميواري رد نٿو ڪري سگهي جنهنڪري هن وائسراءِ هند کي 26 سيپٽمبر 1942ع تي هڪ خط لکي موڪليو.

"مان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران تہ برطانيہ سرڪار وٽان مونکي جيڪي بہ خطاب مليا آهن سي پئي ترڪ ڪرڻ جو مون فيصلو ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ پنهنجي راين ۽ عقيدن سبب مان اهي خطاب وڌيڪ وقت ماڻي نہ سگهندس.

گهڻي مدت کان هندوستان قومي آزادي لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. موجوده جنگ شروع ٿيڻ وقت اميد ڪئي ٿي وئي تہ جن اصولن آدرشن جي حفاظت لاءِ اتحادي هي لڙائي لڙي رهيا آهن، انهن جي هيٺ هندوستان بہ آزاد ٿيندو ۽ آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ عالمگير جنگ ۾ بهرو (حصو) وٺندو منهنجو اهو عقيدو آهي تہ هندوستان کي آزاد ٿيڻ جو هرطرح حق آهي ۽ هند واسين لاءِ بہ اهڙيون حالتون ميسر هئڻ گهرجن جيئن هو سک ۽ سانت واري زندگي بسر ڪري سگهن. پر برطانيہ سرڪار جي اعلان ۽ عمل مان صاف ظاهر آهي تہ هندوستان جي علحدگي پسند سياسي جماعتن ۽ مذهبي فرقن وچ ۾ اختلاف دور ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ ۽ هند واسين کي اختيار ڏئي کين آزاد ۽ خوشحال زندگيءَ جو وجهہ ڏيڻ ۽ سندن انساني حق پٽاندڙ سندن نصيب جي واڳ کين ڏئي آزاد

ڪرڻ عيوض، برطانيه سرڪار جي اها پاليسي بي رهي آهي ته هندوستان کي پنهنجي هٿ هيٺ رکي مٿس سلطنتي قبضو قائم رکيو وڃي ۽ هند واسين جي سياسي ۽ فرقيوار اختلاف جو وجهه وٺي سلطنت شاهي جا مقصد ۽ ارادا برثواب ڪيا وڃن ۽ قومي للڪار کي دٻايو وڃي.

هن ملڪ جا نيڪ نيت چاهين ٿا ته هنن ملڪ سان انصاف ٿئي جيڪو هن کان گهڻو اڳ ٿيڻ گهربو هو سي مسٽر ونسٽن چرچل جي هائوس آف ڪامنس ۾ تازي پڌرائي پڙهي نااميد ٿيا آهن.

جيئن ته اها بي سود پڌرائي اسان جي وطن سان انصاف نه ٿي ڪري ۽ وڌيڪ ثابت ڪري ٿي ته برطانيه اسان جي ملڪ تان سلطنتي قبضو ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي، تنهن صورت ۾ برطانيه سرڪار طرفان مليل خطاب پاڻ وٽ رکي نه سگهندس. خطاب جي موجوده پيدا ٿيل حالتن هيٺ برٽش سلطنت شاهي جي علامت ٿو سمجهان.

اهو ضروري آهي ته پڙهندڙن کي ٻڌائجي ته الله بخش کي پهرين خانصاحب پوءِ خانبهادر ان کانپوءِ او بي اي جو لقب مليل هو.

## وائسراءِ هند 8 آڪٽوبر 1942ع تي هيٺين ريت جواب ڏنو

اوهانکي مليل خطابن جي باري ۾ اوهانجو خط مونکي مليو مون کي ارمان آهي ته اوهان تڪڙي ۽ اڻنگي نموني پنهنجو خط اخبارن ۾ شايع ڪرايو آهي، انهي خط ۾ اوهان جيڪي رايا ظاهر ڪيا آهن سي مان قبول نه ٿو ڪري سگهان. اوهان کي ڄاڻ هجي ته انهن کي ڪو بنياد ناهي. توهان جي ڪيل فيصلي تي (خطاب ترڪ ڪرڻ) اوهانجو موجوده پوزيشن تي ڪهڙو اثر پوندو تنهن کان اوهانکي گورنر واقف ڪندو.

# مقتل گاهہ ڏانهن سفر

الله بخش جي سياست جنهن طرح هئي ان ۾ يقينن اهو نظر اچي پيو تہ حق ۽ سچ تي هلڻ واري ماڻهو کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪري سگهبو. الله بخش سائين جي ايم سيد کي واضع انداز ۾ چيو تہ سنڌ کي وڏي جدوجهد کانپوءِ هڪ عليحده حيثيت ملي آهي تنهن ڪري اسانکي ڪنهن بہ مرڪزي پارٽي چاهي اها ڪانگريس هجي يا مسلم ليگ تنهن ۾ شامل ٿيڻ نہ گهرجي. الله بخش سنڌ جي هارين ۾ سجاڳي چاهي پيو. انهن کي صحيح حق ملڻ جي ڳالهہ ڪري پيو. هن هاري جي سجاڳي لاءِ ڪيئي ڪانفرنسون ڪوٺايون جنهن ۾ هارين جي حقن جي ڳالهہ نمايان هئي. الله بخش سنڌ جي وڏيري کي واضع انداز ۾ پنهنجي نظر سان هارين جي حقن کي سلب ڪندي ڏٺو ۽ هن چيو تہ جي هاري سکيو ناهي تہ پوءِ زميندار بہ سکيو نہ ٿو رهي سگهي. انهي کان علاوه هي تاريخ جو هڪ حصو آهي تہ الله بخش سومري جي وزير اعظم هوندي پهريون دفعو سنڌ ۾ انگريزن مارشلا هنئي ۽ ان تحت سنڌ ۾ پنهنجا احڪامات گورنر جاري ڪندو رهيو جنهن تحت گورنر پير صاحب پاڳاري صبغت الله شاهہ راشدي کي گرفتار ڪرايو ۽ ان کي موت جي سزا ڏيئي شهيد ڪرايو ويو. الله بخش جا قائد اعظم سان اختلاف بہ سنڌ جي مسئلن تي واضع هئا. مسلم ليگ وارا بہ الله بخش جي خلاف هئا ۽ ڪانگريس جا هندو بہ هن جا مخالف ٿي بيٺا. گورنر جي مٿس ڪاوڙ جو ذڪر ٿي چڪو آهي. شيخ عبدالمجيد سنڌي بہ اسيمبلي ۾ الله بخش تي تنقيد ڪندي چيو تہ هي قتل ڪيو ويندو.

"صبح جو دوستن سان گڏجي ناشتو ڪري، 14 مئي 1943ع بمطابق 11 جمادي الاول 1362هجري ڏينهن جمعو وڏيري نبي بخش ڦلپوٽي ۽ ميان غلام رسول جهلڻ سان ٽانگي تي چڙهي، اُن پير سان ملڻ ويو جنهن جي باري ۾ شڪايت مليس تہ هو زالن کي تعويذن جي بهاني ورغلائي رهيو آهي. ڪيس اهو خيال هو تہ ڪنهن طرح انهي پير کي هتان اٿاري ڇڏجي. هن سو روپيہ هن کي

ڏيڻ لاءِ بہ چيو ڪيس ڏبا، تہ هو رضا خوشي سان لڏي وڃي. پير هن ڪان اڳ ئي هن جو ٻڌي اتان هليو ويو. واپسي تي الله بخش ٽانگي تي اڳيان ويٺو هو ۽ سندس هٿن ۾ "قرباني" هئي جيڪا هو پڙهندو ٿي آيو. جڏهن ٽانگو پوليس هيڊڪواٽر ٽپي نيو فوجداري جي تہ واٽي تي پهتو. شاهي رستي تي ويٺل ماڻهن گوليون هلايون جيڪي هن ڪي سيني ۾ لڳيون ۽ هن جو آخري لفظ نڪتو "الله اڪبر".
انهيءَ مهل ڪيس شهر جي وڏي اسپتال ۾ پهچايو ويو. مگر هو گهڻي دير جيئرو نہ رهي سگهيو ۽ راهہ رباني جو راهي ٿيو. هڪ ڳولي وڏيري نبي بخش قلپوٽي ڪي ٽنگ ۾ لڳي، رسول بخش نڪاءُ تي گاڏي مان هيٺ لهي ويو ۽ بچي ويو. حملي وقت پوليس اتان لانگهائو ٿي جيڪا مختلف ڪيسن جا ماڻهو گاڏي ۾ ورتيون پئي ويا. انهي تي ماڻهن جي رش ٿي وئي. پوليس پڻ حملي ڪندڙن تي گوليون هلايون پر هو پرسان باغ ۾ هليا ويا. پٽ ٽيڻ وقت هڪ خوني بہ ٿي دفعا ٿاپڙيو پر پوليس هنن ڪي نہ پڪڙي سگهي نہ نشانو بڻائي سگهي. پوليس هيڊڪواٽر پر ۾ هو. هنن ڪي جلد اطلاع مليو پر هنن ڪي سنيرڻ ۾ ڪلاڪ لڳو تہ خوني ڪٽڪون لتاڙي پڄي ويا. بڌڻ ۾ آيو هو تہ خوني ڪنهن هوٽل ۾ ترسيل هئا. انهن خونين مان هڪ اڳين ڏينهن تي الله بخش سان گڏ پنجن پيرن واري مسجد ۾ نماز پڙهي هئي، پر پاڻ ۾ همٿ نہ ساري سگهيو ۽ حملو نہ ڪري سگهيو.
شهادت جي خبر سنڌ ۾ باهہ وانگر ڦهلجي ويئي. ٻڌڻ شرط هزارين ماڻهون اسپتال پهچي ويا. هندو ۽ مسلمان زارو قطار روئي رهيا هئا. ائين پئي محسوس ٿيو تہ ڄڻ ماڻهون يتيم ٿيا آهن. سڄي سنڌ ۾ سوڳ ٿيو. هر جاءِ تي ماڻهن اهو پئي ورجايو تہ سنڌ جي وارث ڪي شهيد ڪيو ويو آهي. هزارين ڳوٺاڻا ۽ شهري مسلمان هن جي جنازي نماز تي گڏ ٿيا. هڪ اندازي مطابق 25000 ماڻهون يا اُن کان مٿي گڏ ٿيا. ماڻهن ماتم پئي ڪيو تہ اهڙي عظيم هستي جو خون ڪيو ويو آهي. جيڪو غريبن جو همدرد ۽ مسڪينن جو مددگار هو. سڄي سنڌ ۾ شهر بند رهيا. هندوستان ۾ بہ ڪافي جاين تي سندس شهادت تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. هو پنيان هڪ زال، ٽي پٽ ۽ پنج نياڻيون ڇڏي ويو. الله بخش جي شهادت سنڌ ۽ سنڌين ڪي يتيم ڪري ويئي. جن سازشن اهو عمل ڪيو انهن ڪي خدا جي پڪڙ ضرور ٿئي آهي.
الله بخش جي شهادت تي سڄي شڪارپور ۾ ڪهرام مچي ويو بازاريون بند ٿي ويون. اسڪول ۽ ڪاليج بند ٿي ويا. آفيسن ڪي تالا لڳي ويا. ماڻهون پار ڪيڏي روئي رهيا هئا. هندو چا مسلمان! هر ڪو ڪوڪي رهيو هو

هاءِ الله بخش سومرو! شهيد ٿي ويو!!

الله بخش سومرو جي شهادت جي خبر ريڊيو تان نشر ٿي ته سڄي سنڌ ۾ ماتم پکڙجي ويو. شڪارپور مان شايع ٿيندڙ اپر سنڌ جي پهرين اڪيلي روزاني اخبار "قرباني" 15 مئي 1943ع ۾ سنڌس شهادت جي خبر هيٺين ريت شايع ڪئي:

سنڌ جي سابق وزير اعظم الله بخش جو خون،

پنجن بدمعاشن جو مٿس ريوالورن سان حملو

لاش کي ڏسڻ لاءِ هزارين هندن ۽ مسلمانن جي سول اسپتال ۾ پيڙ

سنڌ بي سلامتيءَ جي مرڪز بڻجي وئي،

شڪارپور ۾ چوطرف ماتم ۽ حيراني.

شڪارپور14(اسٽاف رپورٽر) اڄ صبح جو ساڍي 8 بجي ڌاري جيئن ئي فخر سنڌ مسٽر الله بخش ٽانگي ۾ چڙهي پراڻي بيگاري واهه طرف وڏيري نبي بخش ۽ مسٽر غلام رسول جهلڻ کي ساڻ وٺي وڃي رهيو هو ٽانگو جڏهن نئين فوجداري وٽان اڳتي وڌيو ته پاسي ۾ لڪي بيٺل پنجن بدمعاشن ريوالورن سان مٿس خوني حملو ڪيو ڪيس 3 گوليون لڳيون. جن مان هڪ ڇاتيءَ ۾ لڳس پوءِ ڪري پيو هاءِ گهوڙا شروع ٿي ويئي ۽ بدمعاش پنهنجو ڪم پورو ڪري هڪدم رفو چڪر ٿي ويا. بر وقت مسٽر الله بخش کي سول اسپتال ڏانهن ڪڻايو ويو جتي پهچڻ سان سنڌس پران پکيئڙو پرواز ڪري ويو. بر وقت سٽي ماجسٽريٽ اسپتال ۾ اچي پهتو جنهن سول سرجن کان اچي اظهار ورتو عام ماڻهون هندو ۽ مسلمان هزارن جي انداز ۾ خانبهادر جي خون جي خبر ٻڌي اسپتال ۾ اچي حاضر ٿيا آهن. ايتري پيڙ لڳي پئي آهي جو پير پائڻ جي جاءِ ڪانهي. خانبهادر جا ٻار ۽ عزيز اهڙي شير ۽ دلير جي جدائي ۾ زار وقطار روئي رهيا آهن. شهر سڄي ۾ حيراني، پريشاني ۽ بي آرامي ڦهليل آهي. سلامتي سنڌ اندر ختم ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن ڏينهن ڏٺي جو فوجداري جي سامهون سنڌ جي سابق وزير اعظم جو خون ٿي سگهي ٿو ته باقي ڪير پاڻ کي سلامت سمجهندو؟ اڄ سڄي شهر ۾ مسٽر الله بخش جي خون تي روڄ ۾ ماتم مٺل آهي. سڀ اسڪول، ميونسپل ۽ پيون آفيسون بند ڪيون ويون آهن. شهيد جي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش سنڌس مائٽن حوالي ڪيو ويندو شهيد الله بخش جي قاتلن تي هندو ۽ مسلمان ڦٽڪار وجهي رهيا آهن."(1)

شهيد الله بخش تي اڳ به قاتلاڻو حملو ٿيو هوءِ امڪان ڏيکاريو ويو:

1.مٿس لکنو ويندي ريل گاڏي ۾ به ڪن شاهينگن گوليون هلايون هيون پر هي بچي ويو.
2.گورنر ڪراچي ۾ مسلم ليگ ڪانفرنس ڪانپوءِ اهو ظاهر ڪيو هو ته امڪان آهي ته الله بخش کي خون ڪيو وڃي.
3.الله بخش خود اهڙو بيان ڏنو هو ته, گونر چيو: "الله بخش جو خون ڪيو ويندو."
4.الله بخش کي ڪن دوستن وٽان به اطلاع مليو ته سندس خون ڪرڻ جون تياريون آهن.
5.الله بخش ٿورو اڳ ئي اڳڪتي ڪئي هئي ته کيس "شهيد ڪري ماريو ويندو يا ڦاسي تي چاڙهيو ويندو".انهيءَ جي تصديق سندس دوست خانبهادر محمد پناهه ڏکڻ ڪئي هئي. تنهن چيو ته چيائين ته منهنجو پيءُ ۽ ڏاڏو ڏاڏا شهيد ٿي مئا هئا. باقي مان پنهنجي سر شهيد ڪيو ويندس.
6.الله بخش چوندو هو ته ارمان تڏهن ڪجي جڏهن جمر نه ٿيندو هجي.ابد کان ازل تائين ڪئي جمن پيا ۽ مرن پيا, ان تي ارمان ڇا جو؟!.
7.الله بخش چوندو هو ته انسان جي حياتي ڏٽي جي وس آهي, جنهن جي امانت آهي, سو ڪنهن وقت به واپس وٺي سگهي ٿو.

8.الله بخش جي جان کي خطرو منزل گاهه جي فسادن وقت به هو ڪي شرپسند اهو چاهين پيا ته ڪنهن به طرح الله بخش کي هن سياسي رستي کان هٽائجي, جي سياست ۾ نٽا هٽائي سگهون ته پوءِ ڪرمنل انداز سان ئي هن کي هٽايو وڃي. اهو ان وقت جي مسلم ليگ سان واڳيل ڪجهه ليڊر چاهين پيا.

(1) ارشاد ڪاغذي جي مضمون"شهيد الله بخش جي شهادت" ڇپيل ڪتاب شهيد الله بخش سومرو شخصيت ۽ سياست تان ورتل صحفو 137 ۽ 138 مرتب:آزاد قاضي

# الله بخش جي شهادت نج سياسي

الله بخش جنهن انداز سان سياست جي شروعات ڪئي ان ۾ جيڪا سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان محبت هئي، وچولي طبقي جي سياست جو علمبردار هو هن جاگيرداري سسٽم جي اندر هڪ مڊل ڪلاس تيار ڪرڻ پئي چاهيو. هن جي سوچ هئي تہ هيٺين ڪلاس ۾ سياسي، معاشي ۽ تعليمي شعور بيدار ڪجي. هن انهي وچولي ڪلاس جي حقيقي نمائندگي ڪئي پئي جنهن جي سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ماڻهن کي ضرورت هئي. هو ان ڪري جاگيرداري سوچ ۽ روايتن جو مخالف هو ۽ مذهبي بنياد پرستن کان گهڻو پري هو. شهيد الله بخش هميشہ روشن خيال، ترقي پسند سوچ ۽ قوم پرست خيالن جو مالڪ هو. هن کي خاص ڪري سنڌ ۾ انهي سوچ جي ڪري ميجتا ملي جو هندستان ۾ بہ کيس وڏي اهميت حاصل هئي. الله بخش وچولي ڪلاس (Middle class) جو علمبردار هو. هن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ مدمقابل جاگيردار، سردار، مير ۽ پير هئا. الله بخش جي سوچ جا ڪجهہ نقطا هي آهن: (1) هارين ۾ سجاڳي آڻجي جيئن هو پنهنجا حق حاصل ڪري سگهن. (2) سنڌ جي ڳوٺن ۾ اسڪول کولي انهن ۾ تعليم عام ڪجي تہ جيئن هارين جا ٻار پڙهن ۽ اڳتي اچن. (3) ٻهراڙين جي ماڻهن کي منظم ڪجي تہ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪن.

الله بخش انهي ڪمن کي حاصل ڪرڻ لاءِ عملي قدم بہ کنيا. انهي ڪري جاگيرداري سوچ جي ماڻهن جي هن هميشہ مخالفت ڪئي ۽ رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون. مذهبي لحاظ کان هڪ سچو مسلمان هو. گهر جي اندر ۽ ٻاهر اسلامي اصولن تي عمل پاڻ تہ ڪيائين ۽ پنهنجي پٽن ۽ ڌيئرن کي عمل ڪرائيندو هو نماز ۽ روزي جو پابند هوندو هو. الله بخش انهي سيني ڳالهين جي باوجود هڪ سيڪيولر سياست جو حامي هو. هو بہ قومي نظرئي جي خلاف هو. الله بخش جي سوچ هئي تہ پاڪستان نهڻ جي اسڪيم جو بنياد ئي پنجابين جي مفاد سان وابسطا هو. ان ڪري هن پنهنجي دوستن سان گڏجي ڪوشش ڪئي تہ ان

اسڪيم ڪان سرحد (هاڻي خيبر پختونخواه)، سنڌ ۽ بلوچستان کي ڪيڏي پري ڪري سگهجي. سنڌ اسيمبلي مان جڏهن 3 مارچ 1943ع تي بل پاس ڪرايو ويو تہ الله بخش ان خلاف سنڌ ۽ هند ۾ مخالفت ڪئي. مسلم ليگ وارن اهو فيصلو ڪيو تہ الله بخش کي ڪنهن بہ صورت ۾ ذاتي نقصان ڏجي. الله بخش جي انهي سوچ کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ سائين جي ايم سيد جي پنهنجي لکت جا ڪجهہ حوالا ڏجن تہ جيئن اهو سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي تہ سنڌ جي پهرين قومپرست وزير اعظم جي شهادت جو خاص سبب ٿي سياسي هو.
سائين جي ايم سيد لکي ٿو:
”مون پاڻ الله بخش کان سوال ڪيو تہ جناح سان سندس ڪهڙا اختلاف آهن؟ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ بابت ڪهڙي راءِ اٿو؟ علامہ اقبال جي الهہ آباد واري خطبي ۽ 1940ع واري لاهور ٺهراءُ بابت توهان جو ڪهڙو رايو آهي، مٿين ٽنهي سوالن جي جواب ۾ شهيد الله بخش ڪيس واضع لفظن ۾ ٻڌايو هو تہ:
1. جناح صاحب جو مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي جدا قوم وارو تصور ۽ ان جي آڌار تي ملڪ جي ورهاڱي ڪرڻ وارو سوال مون کي قبول نہ هو. اهو نظريو غير اسلامي، فرسوده ۽ دنيا جي موجوده تسليم ڪيل قومي نظرين مطابق صحيح نہ هو.
2. جي ايم سيد تون!هيئن سمجهين ٿو تہ پاڪستان قائم ٿيڻ سان سنڌ جي سيني مشڪلاتن، مصيبتن ۽ خرابين جو حل ٿيندو اهو تنهنجو خيال غلط ۽ ملڪي حقيقتن کان پري آهي، اڳتي توکي معلوم ٿيندو تہ اسان جي مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي شروعات پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ ٿيندي ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي 1930ع واري آل انڊيا مسلم ليگ (الهہ آباد واري) خطبہ صدارت کي غور سان پڙهندين تہ توکي معلوم ٿيندو تہ ان موجب سنڌ جي آزادي ختم ڪري ان کي پنجاب جي تابع بڻايو هو. هن وقت توکي هندو عامل جي دماغ ۽ هندو سيٺئي جي لوٽ ڪسوٽ حيران پريشان ڪري ڇڏيو آهي پر اڳتي هلي توکي پنجابي سول سرونٽ ۽ يو پي جي دماغ جو مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ پتو پوندو تہ ملڪ جو ورهاڱو مفيد هو يا مضر!.
4. تون (جي ايم سيد) خيالي دنيا ۾ رهين ٿو ان ڪري عملي سياست جي طريقن کان واقف نہ آهين. سياست عملي ۾ واعدن، ٺهرائن ۽ اصولن کي ڪو پڇي ئي ڪونہ. تاريخ پڙهي ڏسندين تہ توکي معلوم ٿيندو تہ مذهبن جا احڪام حڪومتن جا ڪجهہ ناتا، طاقت، حقيقتا شخصي ۽ مفاد جي ضرورتن ۽ مقامي

حالات جي گهرجن ۽ تقاضائن پٽاندڙ بہ اڪثر ڪري قربان پئي ڪيا ويا آهن
( ڪتاب سنڌ ڳالهائي ٿي ص )

هن جون جناح سان جيڪي بہ ملاقاتون ٿيون جناح هن کي قائل نہ ڪري سگهيو۽ نہ سندس سياسي نظريئي تان ٿيڙي سگهيو. هن پارليامينٽ ۾ مسلم ليگ جو وجود آندو ۽ الله بخش جي حڪومت کي ڪيرائڻ جا سانباها ڪيا. انهي ۾ سر غلام حسين هدايت الله ۽ محمد ايوب کهڙو سرگرم هئا. هنن عدم اعتماد جي رٽ بہ آندي پر ناڪام ٿيا. "شهيد الله بخش سومري جي قيادت ۾ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ اندر هڪ قومي حڪومت قائم ٿي تہ ان کي بہ راشديءَ کهڙي ۽ سر غلام حسين جهڙن "مفاد پرستن" هلڻ نہ ڏنو.

الله بخش حقيقت ۾ وزير اعظم سنڌ جي عهدي تي رهندي حڪومت برطانيہ سان بہ سخت اختلاف پيدا ٿيا. خاص ڪري انگريزن جو هندستان خالي نہ ڪرڻ تان پيدا ٿيو. هن انگريزن کي سندن ڏنل خطاب واپس ڪيا. اهڙو ذڪر اڳ تفصيلي اچي چڪو آهي.

الله بخش گورنر ڪان موٽي اچي سيڪريٽريٽ ۾ پنهنجي عهدي جي چارج ڇڏي. اها خبر جڏهن اخبار جي عيوضين کي پئي تہ انهن الله بخش کان سوال پڇيو تہ هي قانوني قدم آهي يا سياسي، عوامي چونديل نمائندي کي اسيمبلي جي بي اعتمادي کانسواءِ گورنر جي اعتماد جي ضرورت لازمي آهي. جنهن تي الله بخش چيو تہ گورنر اهو قدم گورنمينٽ انڊيا جي ايڪٽ 51 تحت کنيو جنهن ۾ چاٽايل آهي تہ گورنر جا وزير پنهنجي عهدي تي تيسين برقرار رهندا جيسين متس گورنر جو اعتماد رهندو. الله بخش جي سرڪار تي ماڻهن جو اعتماد هو اسيمبلي جي ميمبرن يا وزيرن جي صلاح کانسواءِ گورنر اهڙي قسم جو فيصلو ڪري ثابت ڪيو تہ برطانيہ سرڪار جي متس ڪا بہ نوازش نہ هئي. الله بخش جي حمايت ۾ سڄي سنڌ۾ هڙتالون ٿيون ۽ هندستان جي سڀني اخبارن گورنر جي فيصلي کي ننديو. فقط مسلم ليگ هئي جنهن کي ڪو احساس نہ هو.

1. الله بخش جو لقبن کي ڇڏڻ.
2. گورنر کي ڪُتو جواب ڏيڻ تہ استعفيٰ نہ ڏيندس.
3. سنڌ جي وزير اعظم جي عاليشان عهدي تان دستبردار ٿيڻ.

انهي سان سنڌ جو مان مٿانهون ٿيو. سڄي سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي ماڻهن جا آواز بلند ٿيا سندس اخلاقي همت ۽ قرباني ساراهہ جوڳي ٿي.

مسلم ليگ ۽ برطانيہ سرڪار نہ پئي چاهيو تہ الله بخش وڏيڪ وقت

اقتدار ۾ رهي سياست ڪري. تنهن ڪري هنن اهڙي قسم جي سازش سان جو شهيد الله بخش کي استعفيٰ کان پوءِ ٻن ٽن مهينن اندر شهيد ڪرايو ويو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ شهيد الله بخش جي سنڌ ۽ هند سان محبت هئي. ڪيس ماڻهن جي محبت ئي وزيراعظم جي ڪرسي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو تہ عهدن جي پرواهہ نہ ڪندي شهادت ماڻيائين.

# شهيد الله بخش ڪيس ۾ ڪورٽ جي جج جو اعتراف

اڄ ڏاڍو ئي خوبصورت ڏينهن هيو جو مسلمانن جو ربيع الاول، پارسين جو نوروز ۽ هندن جو مذهبي ڏڻ ديوالي سڀ هڪ ئي ڏينهن تي هئا. گهمندي گهمندي هڪ پارسي عبادت گاهه ٻاهرين پاسي عبادت ڪندي نظر آيا ته مان هڪدم ڪئميرا ڪڍي اهو ناياب منظر ريڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيو. پارسين جي پوڄا الاهي گهٽ ماڻهن ڏٺي هوندي ڇو جو هو ڪنهن کي به پنهنجي عبادت گاهه جنهن کي هو آتش گاهه سڏيندا آهن اندر ناهن ڇڏيندا. هو پنهنجي مذهب جي تبليغ ناهن ڪندا نه ئي ڪو غير پارسي پاڻ کي پارسي ڪري سگهي ٿو. پارسي ٿيڻ لاءِ پارسي ماءُ جي پيٽ مان جنم وٺڻ لازمي هوندو آهي. اها ئي وجه آهي جو پارسين کي سسندڙ ڪميونٽي چيو ويندو آهي، جيڪا ڏينهون ڏينهن گهٽجندي پئي وڃي، اڪثر پارسي يا ته شادي ناهن ڪندا يا وري وڏي ڄمار ۾ شادي ڪندا آهن ۽ وڌ ۾ وڌ هڪ يا ٻه ٻار پيدا ڪندا آهن. دنيا ۾ هن وقت انهن جي سڀ کان وڏي آبادي ممبئي ۾ آهي.

مان صبح جو تيار ٿي نيرن ڪري ايئرپورٽ وڃڻ جي تياري ڪيان پيو ته هيٺان گلاب گدواڻيءَ جو سڏ ٿيو. وڃي مليو مانس ته هن مهربان مون کي ڪيئي اڻ ٻڌا تاريخي راز ٻڌايا جن مان هڪ اهو هيو ته جڏهن هن جو نانيءَ ۽ هو ممبئي ۾ هڪ گهر وٺڻ ويا ته ان گهر جو مالڪ جيڪو پارسي هو تنهن کيس ٻڌايو ته هوئي اهو جج آهي جنهن وٽ سنڌ جي وزيراعظم الله بخش سومري جو ڪيس آيو هيو جنهن ۾ ايوب کهڙي تي هن جو قتل ثابت ٿيو هيو ۽ هن فيصلي ۾ "He is found guilty" لکي ڇڏيو هو ڇو جو ان جي منشيءَ ڪورٽ ۾ جج آڏو اهو بيان ڏنو هو ته ايوب کهڙي جي چوڻ تي سندس پاءُ شاهنواز کيس الله بخش سومري کي مارائڻ جو ٽاسڪ ڏئي کيس رقم پڻ ڏني هئي جنهن کان پوءِ هن

ڪجهه حرن کي اها رقم ڏئي کيس قتل ڪرايو هو. کهڙي جو ڪيس پهريان جناح پيو ڪٽي پر پوءِ هن پاڪستان جي لاءِ هلندڙ تحريڪ مان تائيم نه ڪيڻ جو عذر ڏئي ڪيس نه کنيو جنهن کان پوءِ اهو ڪيس مشهور وڪيل ڀولا ڀائي ڊيسائي وٽ آيو جنهن کي جيتي سپا هيملاٽيءَ وچي منع ڪئي ته هو اهو ڪيس ڪٽي پاڻ کي تاريخ ۾ بدنام نه ڪري. نيٺ اهو ڪيس حيدرآباد جي بدنام ڏئل مل وڪيل کنيو. ڏئل مل جو پيءُ ننڍپڻ ۾ گذاري ويو هو ۽ سندس چاچو جوا جي تڪري هلائي پنهنجو ۽ ڏئل مل جي ڪٽنب جو گذر ڪندو هو. کهڙي جي وڪيل ڏئل مل کان هڪ لک روپيا رشوت وٺي ڪيس جو فيصلو "He is found guilty" بجاءِ "He is not found guilty" لکي مٿائي چڏيو هيو. هو اجان گهٽو ڪجهه ٻڌائي ها پر مون وٽ تائيم نه هيو ۽ مان سائس موڪلايو. زندگي رهي ته هن سان ٻيهر ضرور ملندس.. ٽيڪسي ڪري مان ۽ هرگن ايئرپورٽ روانا ٿياسين.

مان هلڻ مهل پنهنجي ميزبان نند لال جويري جا بيحد ٿورا مڃيا جيڪو اک جي تڪليف باوجود مون کي مان ڏيندي ايئرپورٽ تان وٺڻ آيو. مهمان نوازي ڪيائين ۽ ممڪن حد تائين نه صرف گهمايائين پر منهنجي رهنمائي به ڪيائين. هن منهنجي لاءِ هڪ استاد، ڀاءُ، دوست، ساٿي ۽ رهنما طور سڀ ڪجهه ڪيو. شال خدا حياتي ڏيس ۽ خوش رهي، مان (هي ڪتاب) شايد نه لکي سگهان ها جيڪڏهن نند لال جو تعاون نه ملي ها.(1)

هي خون نج سياسي هو جو تنگدل ۽ تعصبي شخصن کي هن سورهيه سپوت جو صحيح ۽ صاف قومي، سنڌ هنڌ جي هندو مسلم ايڪتا وارو نظريو نه ٿي وڻيو ۽ هنن الله بخش کي هستيءَ تان مٽائڻ لاءِ منصوبو سٽيو هو. ان خون جي تهمت تي مسلم ليگي اڳواڻ خان بهادر محمد ايوب کهڙي تي لڳي ۽ ان جي مٿان ڪيس هليو جيڪو ان وقت ڏاڍي دلچسپي سان پڙهيو هوم ته اڄ به ان جي اهميت وسري نه ٿي. چوجو جيتوڻيڪ جج هن کي شڪ جو فائدو ڏيئي ڇڏي ڏنو. پر فتوي ۾ چيائين ته "مان کهڙي کي بلڪل بي داغ نه ٿو سمجهان." ان ڪيس ۾کهڙي جي هڪ ڪمدار درويش، جيڪو کهڙي جي ٻنيءَ تي ڪم ڪندو هو تنهن بي ڏڙڪ شاهدي ڏني ته هن پنهنجي مالڪ کهڙي جي چوڻ تي ئي الله بخش جو خون ڪرايو جنهن جي سازش هن جي ٻنيءَ تي ئي سٽي ويئي، جتي کهڙي کيس چيو ته اهڙو ڪير به ڪونهي (جو) هن ڪافر اسلام ۽ مسلمانن جي دشمن

الله بخش کي خون ڪري جيڪو مسلمانن کي مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ ڪٺو ٿيڻ لاءِ رڪاوٽ بڻيو بيٺو آهي.(2)

(1) ڊاڪٽر عامر عباس سومرو"هند جي سنڌين جي ڪٿا" صحفو 13_112 صحفو ڇاپو پهريون سال 2012ع)
(2) مضمون نگار اي جي اتم ڪتاب: شهيد الله بخش شخصيت ۽ سياست) صحفو نمبر 66.

# شهيد الله بخش جي سنڌ سان محبت

الله بخش جي ڄمڻ کان وٺي شهيد ٿيڻ تائين جي زندگي کي جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته اهو ضرور محسوس ٿيندو ته هن کي پنهنجي ڌرتي، جنم ڀومي سنڌ سان اصل ماءُ جيتري محبت هئي. اها محبت ئي هئي جو شهيد الله بخش هميشه سنڌ جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو ۽ هر انهي مسئلي تي ناهه نه ڪيائين جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي نقصان رسي.

(1) هارين ۾ سجاڳي پيدا ڪئي وڃي، انهن لاءِ ڪانفرنسون ڪوٺايون وڃن ته جيئن انهن کي پنهنجي حقن جي خبر پوي ۽ انهن ۾ سجاڳي اچي، اهڙي ذميداري هن ڪميونسٽ اڳواڻ برڪت علي آزاد جي حوالي ڪئي هئي سندس جيڪب آباد شهر ۾ پاڙيسري هو جنهن پهرين ڪانفرنس نواب شاهه ۾ ڪوٺرائي.

الله بخش جي تعاون سان هارين جي چوٽڪاري لاءِ سنڌ ۾ مختلف جاين تي وڏيون ڪانفرنسون ٿيون، پهرين ڪانفرنس ۾ پلو پائي ڊيسائي ڀيا هندستان جا ليڊر شامل ٿيا. انهي کان علاوه عبدالصمد اچڪزئي ۽ جيٺمل پرسرام پڻ هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. حقيقت ۾ هارين ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ تحريڪ جي شروعات الله بخش ڪئي، انهي کان پوءِ روهڙي ۽ چڪ ڪانسواءِ ٻين هنڌن تي به هاري ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون. انهن ڪانفرنس ۾ الله بخش هارين سان رلي ملي ويندو هو. انهن سان گڏجي ويهندو هو. اهو احساس ڏياريندو هو ته اوهان ۽ اسان ۾ ڪوبه فرق نه آهي. هارين جي سڌاري لاءِ هن کي ڏاڍي تڙپ هوندي هئي، هو چوندو هو ته جي هاري ۽ آبادگار سکيو آهي ته پوءِ زميندار به سکيو رهندو. هاري جيڪو محنت ۽ جستجو سان پنهنجي ٻارن ٻچن سميت زمين کي سڌاري سنواري ان اپائي ٿو ۽ اهو زميندارن ۽ آبادگارن کي سکيو رکي ٿو. ان هاري جو حق آهي ته اهو پنهنجي ٻارن کي سٺي تعليم ڏي ۽ سکيو رکي. الله بخش وزارت دوران ڪيترن ئي قسمن جا مکيه ڪم ڪيا جنهن ۾ عام ماڻهن

جي پلي لاءِ جاگيرن کي Abolish (ختم) ڪرائڻ شامل هو. ئين چوڻ ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي تہ هارين ۾ سجاڳي جي تحريڪ بہ الله بخش شروع ڪئي ۽ انهن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو.

(2) الله بخش سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ ڪاٿن بجاءِ اسڪول کولڻ تي زور ڏيندو رهيو هي چوندو هو تہ جتي ڏوهہ ٿين اتي اسڪول کوليا وڃن، تعليم عام ٿيندي تہ ڏوهہ گهٽبو.

(3) برڪت علي آزاد کي چيائين تہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ لائبريريون کوليون وڃن. ان لاءِ جيڪو پئسو ڏوڪڙ کپندو انهي جو بندوبست ڪبو. برڪت آزاد اهي لائبريريون سنڌ ۾ کولرايون انهن لائبريرين لاءِ پي ڪي شاهاڻي جي والد ديوان ڪيولرام صاحب ڏهن هزارن جا ڪتاب امداد ڪيا. اهڙي طرح ڪبٽ ديوان امر لال پنجواڻي تيار ڪرائي ڏنا. بين پڻ اهڙي طرح مدد ڪئي جو لائبريرين جو ڪم هلي پيو. ان سان ماڻهن ۾ ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو انهيءَ ڪانسواءِ سنڌي ڪتاب ڇپجڻ ۾ پڻ واڌ آئي.

(4) الله بخش 38_1937ع ڌاري ڳوٺن ۾ عام سڌاري ۽ علم جي روشني آڻڻ جي لاءِ هڪ جماعت "سنڌ ڳوٺاڻي جماعت "Sindh Village Workers Association" قائم ڪئي جنهن جو صدر شهيد الله بخش پاڻ ٿيو ۽ جماعت جو نائب صدر رٽائرڊ سپريڊنٽ انجنيئر ديوان پسومل چانڊواڻي کي مقرر ڪيو ويو. هن چانڊواڻي گرلس اسڪول سکر شهر ۾ قائم ڪيو جيڪو موجوده نيم جي چاڙهي لڳ مينارا روڊ سکر تي قائم پوسٽ آفيس جي سامهون آهي. هاڻي اهو گرلس هائر سيڪنڊري اسڪول آهي. هن جماعت جو جنرل سيڪريٽري پروفيسر اين آر ملڪاڻي ٿيو. جوائنٽ سيڪريٽري مشهور اديب تيرٿ وسنت ۽ آرگنائيزر برڪت آزاد چونڊيا ويا. هن جو ڪم هو تہ: 1. سنڌ جي ڳوٺن ۾ مٺو پاڻي ميسر ڪرڻ، 2. جلدي طبي امداد مهيا ڪرڻ، 3. لائبريريون قائم ڪرڻ، 4 ڳوٺاڻن ۾ راند جو سامان ڏيڻ تہ جيئن انهن ۾ راند جو شوق پيدا ٿئي، 5. ٻارن کي مفت ڪتاب ۽ سليٽون ڏيڻ، 6. Self Defence يعني پنهنجو بچاءُ جي سکيا (جيڪو تمام اهم هو).

انهن سيني ڪمن جو ۽ آفيس جو خرچ الله بخش پنهنجي ذاتي ذمي ڪنيو. ڳوٺن ۾ نلڪا هڻائي ڏنا ويا. طبي مدد جون ڪئمپون ( Medical First Aid) پڻ ڳوٺن ۾ رکرايون ويون. پنهنجي بچاءَ جي سکيا جي ڪارڪنن کي ڊريسون ۽ ٽوپيون ڏنيون ويون. اهي فرينچ طرز جون ٽوپيون هيون، جيڪي رضا

شاهہ پهلوي "اول" جي دور ۾ ايران ۾ هيون. مولانا عبيدالله جي صلاح سان انهن ماڻهن کي مغربي ڊريس پهرائي ويئي تہ جيئن انهن کي احساس ڪمتري نہ ٿئي. ان سان انهن ۾ قوت هجڻ جو احساس پيدا ٿيو. هنن کي بہ اها سکيا ڏني ويندي هئي، جيڪا سکيا پنهنجي بچاءُ جي لاءِ ماڻهن کي ڏني ويندي هئي. انهي تنظيم کي سڄي سنڌ ۾ منظم ڪيو ويو. سيلف ڊفينس ڪاميٽي جو ساليانو ميڙ حيدرآباد ۾ لڳايو ويو. جنهن ۾ سوين ورڪر شامل ٿيا. اهڙي طرح انهي ڪئمپ ۾ سنڌ جي اندر پنهنجي بچاءُ جي ڪردار متعلق معلومات ڏني وئي. اها ڪانفرنس حيدرآباد بسنت لاج لڳ هڪ ڪاليج جي هاسٽل ۾ لڳرائي ويئي. الله بخش کي سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌ جي ڌرتي سان عشق ڪندو هو. اسان اڄ جڏهن سنڌين جون هي حالتون ڏسون ٿا ۽ سنڌ بي وسي ڏسون ٿا تہ پوءِ اهو سوچي ضرور چوڻو ٿو پوي تہ الله بخش سنڌ ۾ هارين ۾ انقلاب آڻڻ پئي چاهيو. سنڌ جي ماڻهن ۾ تعليم کي عام ڪرڻ پئي چاهي. جيئن سنڌ ۾ انقلاب اچي. لائبريريون کولرايون ويون تہ جيئن علمن کان واقف ٿين. انهن ۾ سياسي، سماجي شعور ۽ سجاڳي پيدا ٿئي.

جيڪڏهن الله بخش کي شهيد نہ ڪرايو وڃي ها تہ پوءِ سنڌ اهڙي حالت ۾ نہ هجي ها! الله بخش چاهي پيو تہ جيئن بمبئي کان سنڌ کي علحده ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح سنڌ کي آزادي ملي. ۽ وري پئي ڪنهن هندستاني پارٽي ۾ شامل نہ ٿجي جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهون ڏچي ۾ پئجي وڃن. اهڙو اظهار هن سائين جي ايم سيد سان ڳالهين ۾ چٽو ڪيو هو.

1. الله بخش جي خواهش هئي تہ ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهرن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهڙي ماڻهن کي آزادي جي اصولن ۽ قوميت جي خيالن کان واقف ڪجي ۽ عام ماڻهن جي ذهنيت ۾ اهڙو انقلاب آڻجي جو هو سولائي سان ڦسلجي نہ سگهن. ماڻهن کي اهڙي جاڻ ڏجي جو هو چالباز ليڊرن کي سڃاڻي سگهن. الله بخش جو خيال هو تہ وڏي پئماني تي ڪالونيون ٺاهجن جن ۾ لائق دماغي مرڪز "Brain Trust" سنڌ ۾ پيدا ڪجي جو قوم جي نهايت آزاد ۽ قابل نموني رهبري ڪري ماڻهن کي هنر ۽ صحت صفائي جي اصولن کان واقف ڪري. اهڙو اظهار هن پنهنجي دوست ڪشنچند سان ڪيو ۽ انهي کي زور پريائين تہ: 1. هل تہ هلي سنڌي ماڻهن لاءِ ڪم سان لڳون.

2. مونکي پئسي جي ڪڏهن بہ تڪليف نہ رهي آهي چاڪاڻ تہ منهنجو خرچ منهنجي ڪمائي جي چوٿين حصي جيترو مس ٿيندو.

3.اها منهنجي سرڪار جي پاليسي هئي تہ ڪنهن بہ ڌمڪي هيٺ آڻ نہ مڃجي. مون ڪڏهن بہ ڪنهن جي ڌمڪي هيٺ سر نہ جهڪايو آهي. منهنجو عوام جي قوت ۾ ايمان آهي ۽ سرڪاري ڪاروبار ۾ توڙ تائين دست اندازي نہ ڪرڻ جو حامي آهيان.

2 ڊسمبر 1942ع تي الله بخش هڪ بيان جاري ڪيو تہ: "ليگ ـ ڪانگريس ٺاهہ سان ئي قومي حڪومت لاءِ ٻڌي حاصل ٿئي سگهي ٿي. عام رايو پيدا ڪري ٻنهي جماعتن جي اڳواڻن کي ٺاهہ تي اچڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي. جڏهن تہ ملڪ جون حالتون وڏي پئماني تي اتحاد لاءِ پري رهيون آهن. مان ڪنهن بہ جماعت کي پريشان ڪرڻ نٿو گهران. جيڪڏهن ترت اپاءُ نہ ورتا ويا ۽ حالتن تي غالب نہ پياسون تہ پوءِ وڏي مصيبت هيٺ اچي ويندا سون.

سنڌ جا مسلمان وڏا ماڻهو گهڻو ڪري اهڙي مٽي مان ٺهيل آهن جنهن ۾ خود غرضي احسان فراموشي، وعده خلافي ۽ خود مطلبي ڪافي انداز ۾ ملايل آهي. عام طرح جن کي اسين فخرِ قوم يا خادمِ قوم پيا سمجهون سي رڍن جي ويس ۾ بگهڙ آهن. اُهي تيستائين مسلمانن جي خدمت جو دهل ڳچي ۾ وجهي ڊينگ ڪندا ٿا وتن جيستائين انهن کي ڪنهن سٺي گرهہ تائين پهچڻ جو موقعو ملي وڃي. اُتي وڃي ڳجهن وانگر ڍونڍن تي ڪرندا. سنڌ جا ٽيڻ ڪان پوءِ صرف انهي جي بقا لاءِ سوچجي تہ بهتر آهي. الله بخش چوندو هو تہ: "حاڪم بداخلاق تہ ماڻهو ۾ بہ بداخلاقي ڪاهي پوندي. حاڪم راشي ۽ مفاد پرست تہ ماڻهو وري ظالم ۽ ڏوهاري ٿئي پوندا.

شهيد جي سوچ هئي تہ غريب طبقي جي عورتن ۽ نياڻين کي هنر سيکارڻ سان گڏوگڏ تعليم حاصل ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو. هن باري ۾ سندس خيال هو تہ جيسين اسان جي گهرن ۾ سوشل انقلاب ۽ تبديلي نہ ايندي تيسين اسين پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي آئيندي کي اڏي نہ سگهنداسون.

# شهيد الله بخش جا چوند جملا

1. ”مان نالي ۾ ڪانگريسي ناهيان پر گهٽ ڪانگريسين کان بهتر آهيان. سنڌ جي ڪانگريسن کي جيڪڏهن سچ ٿو چئجي ته بگڙي ٿا پون. مون ڪانگريس پروگرام ايمانداريءَ سان عمل ۾ آندو آهي. مقامي ڪانگريسي منهنجي مخالفت ٿا ڪن. پر هاءِ ڪمان جانچ ڪري ته ڏوهه ڪنهن جو آهي.“

2. منزل گاهه سرڪاري جڳهه آهي جي سرڪار مسلمانن کي ڏي ته هندن کي اعتراض ونڻ نه گهرجي. سرڪار کي کُلي اختيار آهي. جهڙي ريت هنو مان جو مندر جو پلاٽ هندن کي ڏيئي سگهي ٿي تهڙي ريت منزل گاهه به (مسجد) لاءِ ڏئي سگهي ٿي.

3. مان قبول ٿو ڪريان ته سکر ضلعي ۾ هندن جي بي سلامتي آهي ۽ سرڪار جو فرض آهي ته اتي بنا دير سلامتي آڻي قانون ۽ انتظام لاءِ عزت پيدا ڪري اهي حادثا (واقعا) سنڌ تي داغ آهن. اهو تمام خراب آهي ته سياسي معاملن لاءِ بيگناهه ماڻهن جا خون ڪجن. مون کي ارمان آهي جو ڳوٺن ۾ مسلمانن پنهنجي هندو پاڙن جا خون ڪيا، ڌاڙا هنيا.

4. مون منزل گاهه تي غور ڪيو آهي مون تي الزام آهي ته فيصلي ۾ دير پئي وڃي آهي. پر هي سوال سواليءَ سان فيصلو ٿيڻ جهڙو نه آهي. مون کي اميد آهي ته هي سوال اهڙي نموني سان فيصلو ڪبو جو ٻنهي ڌرين کي پسند پوندو.

5. سرڪار جي خواهش آهي ته انهيءَ مقصد لاءِ سيني ميمبرن جو سهڪار هٿ ڪجي جن مسلم ليگين هي وڳوڙ پيدا ڪيو تن جو سهڪار به سرڪار خوشيءَ سان قبوليندي. افسوس هندو پارٽي پنهنجا عيوضي وزارت مان ڪڍيا آهن. سندن اهو قدم سياڻپ ڀريو نه آهي. ڪم نصيب ڪانگريس سرڪار سان شريڪ نٿي ٿئي. اميد ته وائسراءِ ۽ مهاتما جي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿينديون ۽ ملڪ ۾ ڪانگريس وزارتون قائم ٿينديون ۽ هتي جا ڪانگريسي ۽ سنڌ وزارتن ۾ شراڪت ڪري سگهندا.

6. مان ميمبرن کي استدعا ٿو ڪريان تہ پنهنجو رايو کلي طرح ظاهر ڪن. جي نقطہ مهمليءَ تي بحث ڪرڻ چاهين تہ سرڪار هڪ ڪاميٽي مقرر ڪندي جا اثرائتا طريقا ڳولي لهندي تہ سلامتي ڪيئن اچي. توهين جيڪڏهن ووٽ ڏيڻ چاهيو ٿا تہ وقت اندر ونو رٽ پاس ٿئي تہ آئون سياڻي صبح جو استيعفيٰ ڏيندس.

7. مون استعفيٰ ڏئي وزارت ڇاهڻ جو موقعو ڏنو آهي. تنهن هوندي بہ وزارت ڇاهڻ ۾ هو ڪامياب نہ ٿيا آهن. اهو واجب نہ آهي تہ هڪ گهوڙي کي ڇهبڪ هڻجن، جڏهن ان عيوض ٻيو گهوڙو ڪين ملي نہ ٿو مان شڪر گذار آهيان جو ميمبرن بحث وقت فضيلت سان ڳالهايو آهي. مون کي ٻڏي عجب لڳو جڏهن مسلم ليگ جي اڳواڻ چيو تہ مان هندن ۽ مسلمانن کي راضي ڪري نہ سگهيو آهيان، ٻيو چيائين تہ مون منزلگاهہ جي فيصلي ۾ دير وڌي مون نہ ٿي سمجهيو تہ خانبهادر کهڙو اهڙو الزام مونتي ڏريندو مون وٽ لک پڙهہ موجود آهي جنهن ۾ خانبهادر کهڙي مون ڏي خط پئي لکيا آهن تہ اسان کي وقت ڏيو تہ ناهہ تي ايندا سون.

8. مسلم ليگ جي اڳواڻ وزارت جي نيتي ۽ پروگرام جو ذڪر ڪيو. هن کي اهڙي ڳالهہ نہ ڪرڻ کپندي هئي، هن منزلگاهہ جي واقعي ۾ غريب مسلمانن کي پڙڪايو پر جڏهن ڪيس نوٽيس ڏنو ويو تہ اهو اڪين تي رکي ان موجب حلت ڪيائين ڪيس ان لاءِ شرم اچڻ کپي.

9. مون تي فيصلي ڪرڻ ۾ دير وجهڻ ۽ ڦرتي گهرتي جو الزام ڪير بہ پري سگهي ٿو پر ڪوبہ مون تي الزام نہ ڏريندو تہ ڪو مون ڄاڻي ٻجهي دير ڪئي آهي. مون خانبهادر کهڙي کي چيو تہ منزلگاهہ ناهہ تي اٿيو ڪوشش ڪيون، ٻي حالت ۾ پارٽ ڪميٽي مان نڪري وڃون. مون کي ارمان آهي تہ مون کان پارٽي وزارت ڇڏائي وئي.

هندستان جي غير مسلمانن هن کي آل انڊيا قومي مسلمانن ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ چونڊي سندس عاليشان مرحبا ڪئي، سرڪس اڳيان انن جي قطار هئي هزارين مسلمان پورهيت ۽ ڪمي ڪاسبي جن جو مسلم ليگ جي نواب زادن ۽ راجا صاحب جو الله اڪبر جا نعرا هٽندا هليا.

ڪانفرنس ۾ جمعيت علماءِ شيعن، مولوين، امراون، پورهيتن ۽ ڪاشتڪارن جا عيوضي موجود هئا جنهن ڪري مسلم قوم جي نمائندي جي دعويٰ رکي سگهجي ٿي.

هن ڪانفرنس مان ظاهر هو تہ مسلم ليگ جي دعوي اڪيلي سر هندستان جي آهي.

10. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ٻنهي ڌرين سنئو آهي هينئر جڏهن ملڪ ۾ حراس آهي تڏهن اسان ٻنهي هندن ۽ مسلمانن کي گڏ رهڻ گهرجي شاهوڪار ۽ ڪڙمي ۽ ٻنهي کي گڏ رهي ڪشمڪش ختم ڪجي. هن وقت مکيہ مقصد هي آهي تہ هن مسئلي کي حل ڪريان.

(حاڪم بد اخلاق آهي تہ ماڻهن ۾ بد اخلاقي ڪاهي پوندي)

سنڌ جا مسلمان وڏا ماڻهو گهڻو ڪري اهڙي متي مان ناهيا ويا آهن جن ۾ خود غرضي احسان فراموشي، واعدا خلافي ۽ خود مطلبي ڪافي انداز ۾ مليل آهي ..... عام طرح جن کي اسين فخرِ قوم يا خادمِ قوم پيا سمجهون سي رڍن جي ويس ۾ بگهڙ آهن. جي تيسين تائين مسلمانن جي خدمت جو دهل گڇيءَ ۾ وجهي ڍينگ ڪندا ٿا وتن جيسين تائين انهن کي ڪنهن سٽيي لقمي تائين پهچڻ جو موقعو ملي ٿو. ۽ پوءِ اسان جا اهي خادم اٿين وڃيو اتي پوٽ ڪوڙين جيئن گجهون ڍونڍ تي. سنڌ جو جدا ٿيڻ ڪانپوءِ خود مطلبي پاڻ کي مِيان مِٺو چوائي ميمبر چونڊائي يڪدم مسلمانن جي ڳلي ڪاٽڻ کي لڳي ويا. جي ڪنهن کي وزارت نہ ملي تہ بہ ڏوهہ ڪيو مسلمانن جن کي سزا ڏيارڻ واسطي اسلام خطري جا آواز اٿاري، فساد ۽ بد امني ڦهلايون ۽ پاڻ پٺيان بيهي ڪڳيون هڻڻ لڳا.

(الڪمال اخبار) مولانا عبدالڪلام آزاد

مون سمجهو جيسين شهيد الله بخش وزارت ۾ نہ هوندو تيسين وزارت جو نقشو پورو نہ بيهندو انهي سبب مون هن کي وزارت ۾ گهڙڻ جي صلاح ڏني. مان ٿوراٿتو آهيان الهہ بخش جو. جنهن منهنجي صلاح قبول ڪئي.

11. هن دفعي مسلم ليگين جو چاٽايل شرارتي ڪاروايں ڪان ڪڙ تيل نہ نڪتو. اسيمبلي ۾ اڪثريت نہ ملين جنهن جي ڪري وزارت تان ٻر طرف ٿيڻو پين. پهرين خانبهادر الهہ بخش، مسٽر نيچل داس ۽ راءِ صاحب گوڪل داس استعفيٰ ڏني پوءِ مجبوري سبب مير بندهہ علي، خانبهادر کهڙي ۽ شيخ عبدالمجيد کي استيعفيٰ ڏيڻي پئي. نئين وزارت ۾ خانبهادر الهہ بخش وزير اعظم ٿيو. سر غلام حسين، پير الاهي بخش، مسٽر نيچل داس وزيراٿي ۽ راءِ صاحب گوڪل داس وزير ٿيا. هي وزارت 7 مارچ 1941 ۾ وجود ۾ آئي.

12. الهہ بخش کي ڄاڻ هئي تہ ڪيترن زميندارن جي عادت آهي ڏاڍا

هٽائڻ، چوريون ڪرائڻ ۽ پرايون عورتون ڀڄائڻ. ڪي زميندار يا پاٽاريدار آهن. هنن کي چوري جو مال خريد ڪرڻ ۾ عيب نہ سمجهندا آهن. اهو سامان هندن جو هجي يا مسلمانن. هندن وٽان وجي ٿو روڪڙ پئسو ۽ زيور ۽ مسلمانن وٽان ٿئي ٿو چوپايو مال جوئي سندن ملڪيت آهي. مسلمان جي جڏهن چوري ٿئي ٿي تہ معمولي ڳالهہ ڏسڻ ۾ ٿي اچي، پر هندو جڏهن مسلمانن هٿان قرجن ٿا تہ وڏي ڳالهہ ٿئي ٿي. اڳ ڏکار جي زماني ۾ بروهي يا پروچ ڌاڙا هڻندا هئا نالي ۾ ڌاڙيل فضيلت وارا هوندا هئا، هو نڪي خون ڪندا هئا نہ ڪي ظالم هوندا هئا.

سنڌ ۾ زميندارن ۽ جاگيردارن حڪومت کي چڱي مدد پئي ڪئي آهي. جنهنڪري سدائين کين انعام پئي مليا آهن. پر سنڌ جون اهي حالتون سماجڪ سڌاري ۽ همدردي لاءِ مفيد ناهن. حالتن سڌارڻ لاءِ ضروري آهي تہ هارين کي بہ ڪي حق ڏجن. هارين جي حالت ۾ سڌارو آيو تہ زميندر آسودا ٿيندا. مان نٿو سمجهان تہ جهوني پراڻي نموني جي زمنيداري طريقي سان ڪو پرڳڻي ۾ سڌارو ايندو. موجوده پيانڪ حالتون سنڌ تي داغ آهن ( 7 جنوري 1941)

خانبهادر الهہ بخش پورهيتن کي اسيمبلي ۾ عيوضي وڏائي ڏيڻ جي فائدي ۾ هو پر هارين جي سٺي حالت نہ هئڻ سبب هنن جا عيوضي اهي شخص چونڊجي آيا جي سندن حقن ۽ واسطن جا مخالف هئا. الله بخش جو چوڻ هو تہ:

" اسيمبلي ۾ ڪيترائي زميندار ميمبر هارين جا عيوضي ٿي آيا آهن پر هنن هارين جي ڀلي لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن هاري پاڻ چونڊجي اچن ها تہ جيڪر پنهنجي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙين ها!. جهڙي ريت پورهيتن پاران بہ جي پورهيت ميمبر چونڊجي ايندا تہ پورهيتن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪندا."

ڏهين آڪٽوبر 1942ع تي سنڌ جي گورنر الهہ بخش سومرو کي روبرو خط پڙهي ٻڌايو ۽ ڪائينس استيعفيٰ طلب ڪئي، الهہ بخش جواب ڏنس: "مان عوام جو چونڊيل عيوضي آهيان، ڪنهن جي چوڻ تي اهڙو قدم کڻي نہ سگهندس. مان استعفيٰ ڪونہ ڏيندس. پر جي ائين مون کا پلو آجا ڪرڻا اٿو تہ ڀلي پاڻ قدم کڻو."

گورنر وراڻي ڏنس تہ اوهين پاڻ کي برطرف سمجهو ۽ پنهنجي ذميواري جي چارج موٽائي ڏيو. هن گفتگو ۾ ڪل 15 يا ويهہ منٽ لڳا. ڪن ڪلاڪن کانپوءِ گورنمينٽ هائوس مان سندس برطرفي جي پڌرائي نڪتي.

# شهيد الله بخش بابت جديد عالمن ۽ محققن جا رايا ۽ تاثر

جهاد نفس به است از جهاد اسلامي
ڪ در درون امان است دشمن دين را

اهي سياستدان جيڪي اسلام جي عشق ۾ ڏرتي کان آسمان تائين ڏوڙيا لائيندا ٿي رهيا تن جو حشر بہ سڀ ڪنهن جي سامهون آهي. شاهه ڪريم چوائي (پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک اڃ مرن)

اڃان تہ ڳاله اڳتي آهي جڏهن ڪمند مان رس ڪڍي ان جي ڇڙين کي چوپن جي صورت ۾ هيٺ اڇلائي گڏهن جو ڪاڄ بڻايو ويندو. جيڪڏهن ڪاله الله بخش کي سازش ڪري قتل نہ ڪيو وڃي ها تہ اڄ سنڌ جي اها حالت نہ هجي ها!. خليفي محمود ڪڙئي گهنور واري جيڪو پنهنجي دور ۾ وڏو ولي ٿي گذريو آهي،ان کان هڪ مريد سوال ڪيو تہ "اسان کي اهو ٻڌايو وڃي تہ انگريزن ڪافرن ۽ بي دينن ڪيئن اچي مسلمانن جي ملڪ تي قبضو ڪيو. ۽ هڪدم هي ڪهڙو غضب ٿي ويو؟" بزرگ جواب ڏنو تہ "سنڌ بيوهہ ٿي چڪي هئي. هن کي ڪو مڙس ماٺهو کپندو هو پر بدقسمتي سان ائين نہ ٿيو ۽ هي ويچاري ڪمينن ڪافرن جي ورچڙهي وئي." وڏيڪ فرمايائين تہ انهي الاهي ڦهر جو ڪارڻ هتان جا بداخلاق، بي رحم ۽ خود غرض حاڪم ۽ رهنماءَ هئا جن لاهي پائي بيچڙائين تي سندرو ٻڌو. آخر خدا انهن کي اهڙن جي ور چاڙهي ڇڏيو جيڪي جهنگ مرن کان بہ گوءِ ڪٽي ويا هئا. يعنيٰ (شامت اعمال ما صورت نادر گرفت.)

علامہ مشرقي پنهنجي تذڪري ۾ لکي ٿو تہ "ورهاڱي کان پوءِ ملڪ جو اڌ حصو انگريز ٽالهي ۾ سجائي آمريڪا جي حوالي ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ مٽي کان پوءِ منهنجي قبر تي اچي جيڪا تعدي وٺيوَ سا ڪجو."

1940ع ڌاري لاهور ۾ مسلم ليگ وارن پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪيو! تنهن کان اڳ محمد علي جناح ڪوشش ڪئي ته الله بخش کي هم خيال بڻائي، ان جي حمايت حاصل ڪجي، پر الله بخش بلڪل انڪار ڪندي جواب ڏنو ته مسلم ليگ ڪوڙا واعدا ڪري مذهبي بنيادن تي الڳ ملڪ وٺڻ لاءِ پاڙ پٽوڙي رهي آهي. انهي ملڪ جي نقشي ۾ڇاڻايل گهٽائي واري آبادي، گهٽ آبادي وارن تي قابض ٿي انهن جا حق غضب ڪري ڇڏيندي، جنهن مان ماڻهن ۾ نفرتون پيدا ٿينديون رهنديون. آخرڪار ملڪ وري ورهاڱن جي وڪڙ ۾ ايندو رهندو ۽ لاڳيتن ورهاڱن جي سوال تي وڳوڙ پيا وڌندا. جنهن ڪري ملڪ نه هيڏانهن جو رهندو نه هوڏانهن جو؟

ناميارو ليکڪ لطف الله بدوي جو چوڻ آهي ته: اڄ خانبهادر الله بخش جيئرو هجي ها ته اسان مٿي هيٺيان وهاڻو ڏيئي ننڊون ڪريون ها.!

سن 1940ع ۾ به درياهه کي جوش آيو هو ماڻهن ۾ لڏپلاڻ شروع ٿيڻ واري هئي. مگر الهه بخش، سنڌوندي جي پاڻي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ هڪ پهاڙ وانگر ٿي بيٺو دنيا ڏٺو ته شڪارپور مان نه هڪ فرد بي گهر ٿيو ۽ نه پاڻي جو هڪ قطرو شهر ۾ آيو. مگر اڄ هن افراتفري ۾ عوام کي ڪوبه تسلي ڏيڻ وارو چهرو نظر نه ٿو اچي. سندس وطن وري الله بخش جي ضرورت محسوس ڪري رهيو آهي مگر:

هزارون سال سي نرگس اپني بي نوري پي روتي هي،
بڙي مشڪل سي هوتا هي چمن مين ديده ور پيدا.

1930ع ۾ جڏهن هو پهريون دفعو بمبئي جو ليجسليٽو ڪائونسل ۾ ڪامياب ٿيو تڏهن ان جي پهرئين اجلاس ۾ جا هن تقرير ڪئي، سا سندس حق گوئي جو هڪ وڏو ثبوت آهي. هي نشست مارچ سن 1931ع تي ٿي هئي. سورت ميونسپالٽي جي معطلي تي بحث ٿي رهيو هو. اتي هي نوجوان ميمبر، رٽ جي خلاف ڳالهائڻ لاءِ اٿي بيٺو سرڪاري بينچن تي ويٺل ميمبرن کيس عجب مان ڏٺو سندس تقرير نهايت دلچسپ ۽ سنڌ جي انتظام تي وڏي طنز هئي. هن چوڻ شروع ڪيو ته : "مان سنڌ مان اچي رهيو آهيان، شڪارپور ميونسپالٽي منهنجو وطن آهي. اها پنهنجي بدانتظامي کان گهڻو مشهور آهي. اسان ڪيترائي پيرا، ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر سان مليا آهيون ۽ کين عرض ڪيو آهي ته اهڙي بدنام ميونسپالٽي کي ڇو نٿو معطل ڪيو وڃي؟ ان جو جواب هي ملندو رهيو آهي ته اسان ان کي معطل ڪرڻ نه ٿا چاهيون ڇو ته ليجسليٽو ڪائونسل ۾، ان بابت

سوال جواب ٿيندا، انهن کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون، هيءَ آهي سنڌ جو جمهوري نظام، جو خدا جي خلق کي گمراھ ڪندو ٿو رهي.

الله بخش سومرو "خانصاحب" "مان" خانبهادر" بڻيو. او بي اي جو خطاب بہ ڪيس مليو پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو سندس دل ۾ غلامي جي خلاف نفرت جي باھہ پڙڪندي ويئي. هن غلامي کي بدترين علامت سمجهيو. غلامي جي خلاف جهاد ۾ هن جنهن جماعت کي بہ وڌندي ڏٺو. تنهن جماعت سان هن پنهنجيون همدرديون وڌايون ۽ انگريزن خلاف سخت رويو پيدا ٿيندو ويو.

11 سيپٽمبر سن 1942ع تي لنڊن جي پارليامينٽ ۾ سرونسٽن چرچل، هڪ اهڙي قسم جي تقرير ڪئي جاپاني فوج آهستي آهستي هندستان جي طرف وڌي رهي هئي. چرچل، جپان جي حملن کان ايڏو تہ پريشان ٿي ويو جو وطن پرستن تي، جاپانين جي همدردي جو الزام رکيو ويو. خصوصيت سان هي ڪانگريس تي وڏي چوٽ هئي. خانبهادر الله بخش چرچل جي بهتان تراشي تي حيران رهجي ويو. هو محب وطن هو هن ڪڏهن بہ نہ ٿي چاهيو تہ سموري طاقت سندس وطن تي قابض ٿيڻ لاءِ ڪافي اچي. مسلم ليگ جي رهنمائن بہ انگريز وزير جي تقرير جي پريشاني ڏيکاري، خود انگريز دوستن ۾ هندستانين بہ هن ناروا گفتگو تي جواب در جواب لکيا. سوال ائيڊ ملٽري گزيٽ ۽ ٽائيمس آف انڊيا، ڊبيل زبان سان غلط راهروي جو اقرار ڪيو. الهہ بخش هن حقيقت تي غور ڪندو رهيو هن برٽش پاليسي کي اصل رنگ ۾ ڏٺو ۽ انگريزي سياست کي خنجر بران وانگر پنهنجي سر تي چمڪندي ڏٺو. علامہ اقبال جو آواز سندس ڪن ۾ گويا هيئن چوندو ويو:

خنک مردان ڪي سحرا وشگستند به پيمان فرنڪي دل نہ بستند
مشونو ميدويا خود آشناباش ڪہ مردان پيش زين بوندو هستند.

(مرحبا جي لائق آهن اهي، جن ان جي جادو کي ٽوڙيو ۽ فرنگي جي واعدن تي دل نہ رکي. تون نااميد نہ ٿي ۽ پاڻ کي سڃاڻ. اهڙا مرد اڳ بہ هئا ۽ هاڻي بہ آهن).

26 سيپٽمبر 1942ع تي خانبهادر آزادي جو هڪ غير فاني سنگ ميل چڙهيو هن هندستان جي وائسراءِ کي لکي موڪليو تہ:

(مان اوهان کي عرض ڪريان ٿو تہ حڪومت جي طرفان جيڪي مون کي اعزاز حاصل آهن، اهي هنن حالتن ۾ مان پاڻ سان گڏ رکي نہ سگهندس. هندستان ڪيتري وقت کان وٺي، پنهنجي آزادي جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ٿو. موجوده جنگ کان اُميد درکي ٿي وئي تہ هندستان کي آزاد ڪيو

ويندو. جيئن هو هن جنگ ۾ جا دنيا جي آزادي لاءِ وڙهي وڃي ٿي،ان ۾ هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان شرڪت ڪري.)

(مون ڪي هن چوڻ لاءِ حجت آهي، تہ هندستان کي آزادي جو پورو حق حاصل آهي، هندستان جي رهندڙن لاءِ هي شرط آهي تہ هو صلح ۽ آرام سان گذاري سگهن. پنهنجي پڌرائي ۽ عمل کان برٽش گورنمينٽ هي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هندستان جي جدا جدا جماعتن سان سهڪار ڪرڻ ۽ انهن جي اختلافن کي مٽائڻ ۽ کين آزادي سان مقصد حاصل ڪرڻ جي بجاءِ گورنمينٽ پنهنجي شهنشاهيت جي چنبي کي مضبوط ڪرڻ ٿي گهري، جنهن لاءِ هو سياسي ۽ قومي تفاوت پيدا ڪرڻ ٿي گهري، اها پروپئگنڊا فقط انهي لاءِ آهي تہ فوجي جذبي کي فنا ڪري شهنشاهيت جي مقصدن ۽ اردان کي پورو ڪيو وڃي.

## مختلف ماڻهن جا تاثر

سيد باغن شاھ جيڪو لُنڊن جو مرشد هو انهي پنهنجي ڪچهري ۾ سردار منل خان سميجي جي جاءِ تي چيو تہ خانبهادر الله بخش جو تعلق نندي ڪنڊ جي سردارن سان تمام گهرو هوءِ وقت بہ وقت اُتي ايندو هو ۽ ڪچهري ۾ اسان بہ هوندا هئاسي. آءُ اهو چوندس تہ شهيد الله بخش سخي ماڻهو هو سادو سودو هو اڪثر ڪاڏي جا ڪپڙا پاتل هوندا هئس، ماني سادي ۽ گهٽ کائيندو هو. اُن جي بقول تہ الله بخش جڏهن انڊيا ويو تہ هن جو وڏو استقبال ٿيو هزارين ماڻهن اسٽيشن تي نعرا هڻندا رهيا. اُن وقت وڏا ليڊر هن کي ونڻ آيا، اُهو استقبال ڏسي الله بخش چيو تہ منهنجي اکين تي پاڻي تري آيو. اها عزت مون کي الله پاڪ طرفان ملي آهي. ان لائق نہ آهيان. پوءِ شڪراني جا 2 نفل پڙهيا. مغروري تہ الله بخش ۾ اصل نہ هئي. جنهن ڪم لاءِ ها ڪندو هو تہ اهو ضرور پورو ڪندو هو.

مرحوم ڪوڙو حجم (ساڪن شڪارپور شهر) چوندو هو تہ الله بخش جنهن سيلون تي وار ۽ شيو ڪرائڻ ايندو هو تہ اُتي مان بہ ڪم سڪندو هوس. اسان کي اهو محسوس نہ ٿيندو هو تہ سنڌ جو وزيراعظم آيو آهي. پوليس ۽ ماڻهن هوندي هو اڪيلو اچي ڪچهري ڪندو هوءِ سيلون تي ويهي شهر جا حال احوال وٺندو هوءِ ماڻهن جي راءِ معلوم ڪندو هو. ڪم جو سخي هو ڪڏهن اسانجو استاد ڪو عرض ڪندو هوس تہ پوءِ ڪلندي ڪلندي اُهو ڪم ڪري ڇڏيندو هو. شهيد الله بخش چوندو هو تہ جيڪي ڳالهيون حجم جي دڪان تي ۽ پيو عام چانه جي هوٽل تي ٻڌڻ ۾ ايندييون آهن اهڙي راءِ عام ڪٿي بہ معلوم نہ ٿيندي هر ماڻهو پنهنجي ڪچهري ۾ لڳو پيو هوندو آهي شهر ۽ ملڪ جا احوال پيو ڪندو ۽ حجم جي عادت آهي جيستائين سيرب ناهيندو ايستائين پيو احوال ڪندو ۽ شهر جا حال ملڪ جي ماڻهن جا رايا پيو ٻڌائيندو. اُهي ڳالهيون بہ ڪندو جيڪي ماڻهن جي نظر کان اوجهل هجن. مطلب تہ سيلون ۽ هوٽل راءِ عام معلوم ڪرڻ جو وڏو ذريعو آهن.

محمد آباد ڪڇي ۾ 1942ع ۾ ٻوڏ آئي ۽ آرائين وارو بند ڀڳو تہ خانبهادر الله بخش ٻيڙي تي چڙهي ان بند جو معائنو ڪيو ۽ اتي بيٺل سومرن ۽ ٻين ڏانهن ڏٺو ۽ انهن ٻڌايو تہ اسان جا فصل تباھ ٿي ويا ۽ دريا اسان جون سموريون زمينون پائي ويو آهي ۽ باقي جيڪي بچيل آهن اهو بہ انجنيئري کاتي وارا پاڻ قبضي هيٺ ڪيون ويٺا آهن. اها دانهن اُتان جي چڱي مڙس بشير احمد سومري جي والد ۽ ٻين ڪئي. پاڻ ڳاله ٻڌي انجنيئر سان واپس هليو ويو. پوءِ ڏينهن کان پوءِ انجنيئر آيو ۽ اچي بچيل زمين اُتان جي رهواسين کي ڏنائين ۽ چيائين تہ اڳين ٻني ڇڏيو ۽ لکي ڏيو تہ اسان جو مسئلو حل ٿئي ويو ڇو تہ اسان کي خانبهادر الله بخش کي رپورٽ ڏيڻي آهي. اُن مان اهو ثابت آهي تہ هو جيڪا دانهن ٻڌندو هو اُن کي حل بہ ڪندو هو.

سنڌ جي تمام اهم شخصيت برڪت علي آزاد جنهن جو تعلق ضلعي جيڪب آباد سان هو جيڪو وڏو انقلابي ماڻهو هو. جنهن جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي. تنهن پنهنجي حوالي سان ذڪر ڪيو تہ شهيد الله بخش کي خاص ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ تعليم عام ڪرڻ جو تمام وڏو خيال هو ۽ هن انهن علائقن ۾ اسڪول کولڻ جو ذڪر ڪيو تہ جتي ماڻهون ڪرائيم ڪن ٿا اُتي اسڪول کوليا وڃن.

ٻئي نمبر تي برڪت علي آزاد ذڪر ڪيو تہ سنڌ ۾ لائبريريون کوليون وڃن تہ جيئن ماڻهون ڪتاب پڙهن ۽ انهي لاءِ برڪت علي آزاد ٻڌايو تہ خانبهادر الله بخش مونکي هدايت بہ ڪئي ۽ سرڪار کي حڪم بہ ڪيو تہ سنڌ جي ننڍين ۽ وڏن شهرن ۾ لائبريريون کوليون وڃن. انهي حڪم تحت مان خاص دلچسپي وٺي لائبريريون کوليون جنهن جو اثر اهو پيو تہ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ ماڻهن ۾ سجاڳي جي لهر هلي پئي. ٻيو تہ ڪتاب ڇپجڻ ۽ ادب لکڻ ۾ دلچسپي وڌي انهي کان علاوه برڪت علي آزاد لکيو آهي تہ خانبهادر الله بخش سنڌ ۾ هارين جي حقن جي لاءِ ڏاڍو فڪرمند هوندو ۽ اُهو اڪثر چوندو هو تہ هارين کي پورا حق ڏنا وڃن ۽ انهي لاءِ هارين ۾ سجاڳي پيدا ڪئي وڃي. هاري سنڌ جو اُهو محنتي طبقو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي ٻارن سميت زمين کي ناهي انهي ۾ پوکي ڪري ٻين جي سک جو سامان پيدا ڪري ٿو. پر هارين کي محنت جو سلسلو نہ ٿو ملي ۽ اُهي ڏکي زندگي گهارين ٿا انهن کي حق ڏيارڻ ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ گهرجي. تنهن لاءِ سچي سنڌ ۾ هاري ڪانفرنسون ڪوٺايون وڃن ۽ انهن کي گڏ ڪري سمجهايو وڃي. انهي لاءِ سڀ کان پهريائين نوابشاھ ۾ هاري

ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. جنهن ۾ شهيد الله بخش شريڪ ٿيو. برڪت علي آزاد هڪڙو واقعو لکي ٿو تہ هو الله بخش جو مهمان هو پرائم منسٽر هائوس تي اُتي هڪڙو مولانا بہ رهيل هو. اُهو رمضان جو مهينو هو ۽ سياري جو وقت هو ڏاڍو سيءُ هو تہ اُن مولوي صاحب الله بخش کي چيو تہ اوهان جي نوڪر پاڻي بہ گرم ڪري نہ ڏنو ڏاڍي تڪليف ٿئي. اها ڳالهہ ٻڌي الله بخش چپ ٿي ويو. آسر جو پاڻي جي بالٽي رکي ۽ ماني رکي مولوي صاحب کي رڙ ڪري چيو مولوي صاحب گرم پاڻي ۽ ماني رکي آٿوان آواز تي مان منهن تان ڪمبل لاهي ڏٺو تہ الله بخش پاڻ هيو مون سمجهيو تہ شايد نوڪر پاڻي گرم ڪيو هوندو جڏهن مان ٻاهر نڪري ڏٺو تہ ڪوبہ نوڪر وغيره نہ هو هن پاڻ گرم پاڻي ۽ ماني رکي هئي اها هئي الله بخش جي مهمان نوازي جو نوڪر کي حڪم ڏيڻ بجاءِ پاڻ ٿي گرم پاڻي ۽ ماني رکي اُن مولوي صاحب کي آواز ڏئي ٻڌايو.

منهنجي والد حاجي علي بخش خان سومري ٻڌايو تہ مان شڪارپور ۾ نوڪري جي سلسلي ۾ رهندو هوس. اُن زماني ۾ گهرن ۾ ماني مهيني جي حساب سان پچرائي ڪارائيندا هئا تہ مان بہ نور محمد سهتي جي گهر مهيني تي ماني ڪائيندو هوس. نور محمد پنهنجي منهن الله بخش صاحب جي خلاف ڳالهيون ڪندو هو. جيڪي مونکي نہ وڻنديون هيون پر خاموش رهندو هوس. هڪ دفعي الله بخش صاحب شڪارپور واري بنگلي تي وينو هو ۽ مان بہ اُتي وينو هوس تہ اوچتو نور محمد سهتو اچي نڪتو. هن سان گڏ سردار ڪلهوڙو بہ هو. هنن کي ڏسندي ئي الله بخش صاحب اٿي هنن سان ياڪر پاتو پر نور محمد کي وڌو ياڪر وجهي پڇيائين تہ ميان نور محمد ڪٿي هوندا آهيو. ملندا بہ گهٽ آهيو. ٻيو تہ خير آ؟ ان کان پوءِ هنن جو احوال ورتائين تہ نور محمد جو ڪم هو جيڪو هنن بيان ڪيو. الله بخش صاحب فورن اهو ڪم ڪري ڏنو ۽ نور محمد سهتي کي چيو تہ جڏهن بہ ڪو ڪم ڪار هجي بي ڌڙڪ هليا ايندا ڪريو آءُ اوهان لاءِ هميشہ حاضر آهيان. وري بہ چيائين تہ ايندا ڪيو. اهو عمل ڏسي مون کي ڪاوڙ بہ آئي پر ڪٽي ماٺ ڪيم. جڏهن اهي هليا ويا تہ رهي نہ سگهيس ۽ چئي ڏنم تہ هو تہ اوهان جي خلاف آهي. چيائين تہ ها پر هاڻي اڳتي مخالفت نہ ڪندو. ٿيو بہ ائين مان جڏهن ماني کائڻ ويهان تہ هي وينو الله بخش صاحب جون تعريفون ڪري ۽ چوي تہ ميان الله بخش انسان دوست آهي. ماڻهن کي سچائي ۽ عزت ڪري ٿو پاڻ وڏي اخلاق جو مالڪ آهي. ۽ پوءِ جيترو بہ وقت جيئرو هو تعريف ڪندو هو ۽ هميشہ الله بخش صاحب سان ملندو رهندو هو. شهيد الله بخش جي

عمر ننڍي هئي پر سوچ ۾ سياست وڏي هئي. هن پنهنجي سياست جي شروعات جيڪب آباد کان ڪئي. جيڪب آباد جي سياسي ماڻهن سان سندس لاڳاپا گهرا هئا. انهن ۾ برڪت علي آزاد، حڪيم قائم الدين شيخ، ڪامريڊ محمد امين خان کوسو سردار سهراب خان سرڪي، واگهڻ جي سردار، سردار سڏاين جي ۽ سردار محمد پناهه خان اوڍي سان گهرا تعلقات هوندا هئس. شهيد الله بخش خاص ڪري ٽانگي تي چڙهي سردار سهراب خان جي ڳوٺ ڪامريڊ محمد امين خان کوسو جي ڳوٺ ۽ اوڍن جي ڳوٺ گهڻو ويندو هو. عام ماڻهن سان ميل ملاقات ۾ آسان هو. دستر خوان جو سخي هو الله بخش جي لاءِ مشهور هو ته هن سان ملڻ کان پوءِ سندن مخالفت ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ نه هئي. هو ايترو ته گهرو اثر ڇڏيندو هو جو واپس وڃي سڀ وساري هن جو دوست ٿئي ويندو هو.

مولانا نبي بخش عودي واري سان منهنجي ان زماني ۾ ملاقات ٿي هئي. جڏهن آءُ مدرسه دارالسعادت تعلقي شڪارپور ۾ صدر مدرس هوس. هي شڪارپور تعلقي جو وڏو مدرسو هو جنهن ۾ ڪئين مدرس هوندا هئا ۽ سوين شاگرد فيض پرائيندا هئا. شهيد الله بخش سومرو ان مدرسي جو سرپرست هو. اهو مدرسو شڪارپور جي پرسان گورو پهوڙ جي ڳوٺ ۾ هو.

سنڌ جي عظيم فرزند، عظيم انسان ۽ عظيم مدبر الله بخش کي جنهن بيدردي سان سازش جو شڪار بڻائي قتل ڪيو ويو تنهن جي سزا اڄ سڄي سنڌ ڀوڳي رهي آهي ۽ عتاب جو عذاب اهڙو پيو سجهي جنهن مان جند ڇڏائڻ ڏاڍي ڏکي پيئي لڳي. الله بخش جي خون تي جنهن سياست جو پايو رکيو ويو انهي مڪروهه سياست سنڌ کي جيڪي ڏکيا ڏينهن ڏيکاريا، اهي خدا شل ڪنهن دشمن کي نه به ڏيکاري. انهن ئي ڏينهن جا اڄ هر ڪو پيو پٽڻا پٽي پر هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي.

مون کي فخر آهي ته الله بخش جهڙي عظيم رهنما جو دور پنهنجي سانير ۾ ڏٺو ۽ پنهنجي دوست محمد صالح عاجز جي سنگت ۾ ان سڄاڻ سياستدان جي ڪچهريءَ کان حب الوطني جو اهو فيض حاصل ڪيو جو پنهنجي زندگي جو اصل مقصد بڻجي چڪو آهي.

پڇاڙيءَ واري دور ۾ پاڻ وزارت تان لهڻ کانپوءِ اسيمبلي جو ميمبر هو ته سندس غير حاضريءَ ۾ اوچتي سنڌ اسيمبليءَ مسلم ليگ پاران پيش ڪيل پاڪستان جي ٺهراءَ جي حمايت ۾ پنهنجو بل پاس ڪرايو جنهن تي الله بخش جي ڊر ۽ ٻين ميمبرن سخت مخالفت ڪئي پر آخر پاڻي پل هيٺان وهي ويو.(نياز

همايوني)

تنهن زماني ۾ مان 16_17 ورهين جو هيس. مون کي خبر پئي تہ اپر سنڌ جو مشهور درس گاهہ گورو پهوڙ (موجوده تعلقو خانپور ضلعو شڪارپور) ۾ ساليانيءِ جلسي جي موقعي تي سنڌ جو عظيم فرزند الله بخش بہ اچڻو آهي تہ مان پنهنجي دوست محمد صالح عاجز سان گڏجي وڃي اتي پهتس، پاڻ انهي جلسي ۾ مختصر مگر جامع تقرير ڪيائين. جنهن جو متن هيٺ ڏجي ٿو.

"پيارا پائرو ۽ بزرگو!

السلام عليڪم! اوهان جنهن محبت ۽ مهرباني سان مان کي هن جلسي ۾ گهرائي تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي، تنهن لاءِ اوهان جو دل سان شڪر گذار آهيان، مان کي وڏيڪ وقت ونڻو ناهي. رڳو اهو عرض ڪرڻو آهي تہ قومي مسئلن ۽ ملڪي معاملن کان وٺي عام ماڻهن جي مونجهارن تائين هر هڪ جي حل لاءِ مان کان جيڪي پڳو سو مان ڪندو رهندس. اوهان اڳتي هلي سڀ ڪجهہ وساري سگهو ٿا پر اها ڳالهہ پٿر تي لڪير جيان ثابت رهندي تہ هن دور ۾ مان جيڪي چئي چڪو آهيان تنهن تي عمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ سنڌ کي (خاص ڪري سنڌين کي) ڏاڍيون دشواريون در پيش اينديون. منهنجي اوهان سيني کي گذارش آهي تہ هر شخص کي کپي تہ پنهنجي ۽ ملڪ توڙي قوم جي ذميداري محسوس ڪري، پوري هوش، همت ۽ حوصلي سان پاڻ کي خبردار ۽ تيار رکي. خدا ڄاڻي ٿو تہ منهنجي دل اڄ بہ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي حال ۽ مستقبل جي لاءِ خير جي سوچ رکندڙ ۽ خير خواهي جي دعا گهرندي رهي ٿي. ليڪن اسان جا مهربان دوست جنهن جذباتي انداز سان هُل هنگاما ڪري اصل ڳالهہ تان ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ چاهين ٿا، ان کي در گذر ڪرڻ دور انديشي نہ ٿيندي. اوهان کي پنهنجي ملڪ جي پاڻ واڳ وٺي پنهنجي قوم جي وارثي ۽ پنهنجي حقن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي، نہ تہ حالتون اوهان جي حق ۾ نہ رهنديون. بس مون کي ايترو ئي چوڻو هيو! خدا حافظ"

(نياز همايوني ڪتاب شهيد الله بخش سومرو شخصيت ۽ سياست صفحو 26 ۽ 27)

آءِ اٿي ڪڙو ٿيس چيو مانس: "آءٌ پڻ توسان واعدو ٿو ڪريان تہ جيستائين توکي وزير اعظم جي بنگلي مان خارج نہ ڪرايو اٿم. اوستائين هن بنگلي ۾ وري قدم نہ رکندس!" ۽ ان چئلينج ڏيڻ کانپوءِ منزل گاهہ (جي مسجد

هئڻ) جي فائدي ۾ ۽ مرحوم جي خلاف، مون به حال سارو ڇيھ ڪري ڇڏيو فساد ٿيا، مقدما هليا ۽ خونريزي ڏسي، خود هندن ٿي ڪيس ڪجھ عرصي لاءِ سنڌس وزارت اعظم کان خارج ڪرڻو پيو.

(پير علي محمد راشدي _ ڪتاب شهيد الھ بخش سومرو شخصيت ۽ سياست صفحو46)

1940ع ۾ سنڌ کان ٻاهر هندستان جي گادي واري هنڌ دهلي ۾ هڪ تمام وڏي سياسي ڪانفرنس (آزاد مسلم ڪانفرنس) ۾ گڏ هئاسون ۽ پاڻ سان ٻيا به ڪيترا سنڌ ۽ بلوچستان جا دوست گڏ هئا. هي ڪانفرنس سنڌس ئي زير صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ملڪ جي مستقبل خواهه وطن کي ڌارين انگريز حاڪمن جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪيترين ئي تجويزون پاس ڪيون ويون هيون. اتي دهلي ۾ ڪيس ڊاڪٽر ذاڪر حسين واري جامع مليہ اسلاميہ کي ڏسڻ ۽ گهمڻ جو ڏاڍو شوق هيو اهو شوق آخر پورو ٿيو ۽ اسين پاڻ اتان ملڪي بيداري، خواندگيءَ بابت وڏي عمر جي ماڻهن (بالغن) کي تعليم ڏيڻ جي ڪيترن ئي تجويزن جو نہ رڳو مشاهدو ڪري آيا سون پر پاڻ سان تعليم بالغان جي سلسلي ۾ اردو ۾ ڇپيل وڏو لٽريچر بہ کڻي آيا سون. ايتري قدر جو جامع مليہ اسلاميہ وارن تعليم بالغان جي سلسلي ۾ اقبال جي هڪ مشهور نظم "اٿو ميري دنيا ڪي غريبون ڪو جگا دو." هڪ پوسٽر جي صورت ۾ ملڪ جي ٻهراڙين ۾ تقسيم ڪرڻ لاءِ ڇپايو هو. اهي پوسٽر پڻ اسين ڪافي تعداد ۾ کڻي آيا هئاسون. ايتري قدر جو شهيد جي شڪارپور واري بنگلي ۾ هڪ ڀن موقعن تي اسان هن نظم بابت ريهرسل پڻ ڪئي هئي. مرحوم پيرزادو عبدالستار جو تن ڏينهن ۾ سنڌس وزارت جو هڪ اهم وزير هو ۽ قدرت ڪيس ڳائڻ جي چڱي ڏات ڏني هئي، هو صاحب سُر ۽ ترنم سان اقبال جو اهو نظم ڳائيندو هو ۽ اسين سڀ شهيد الله بخش سميت پيرزادي صاحب جي سر سان سر ملائڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسون. دهليءَ مان موٽڻ کان اڳ سيني دوستن شهيد جي رهنمائيءَ هيٺ ان وقت جي ڪيترن سياسي مدبرن ۽ رهنمائن سان ملاقاتون ڪيون هيون جن ۾ ڪن جا نالا هي آهن: قومي يونيورسٽي جامع مليہ اسلاميہ جو شيخ الجامعہ ڊاڪٽر ذاڪر حسين، جمعيت علماءِ هند جو صدر مفتي ڪفايت الله، مولانا حفظ الرحمان ميمبر انڊين پارليامينٽ، ڊاڪٽر شوڪت الله انصاري، مشهور دانشور ڊاڪٽر ڪنور محمد اشرف وغيره. مرحوم ڊاڪٽر اشرف سان تہ شهيد جي تمام گهڻي ياراڻي ٿي وئي هئي ۽ هو ڪيترائي دفعا ڪراچي بہ آيو هو ۽ سنڌس

رهائش شهيد وٽ چيف منسٽر هائوس ۾ ٿي ٿيندي هئي جتي هن ناچيز کي به ڊاڪٽر اشرف سان ملاقات جو شرف نصيب ٿيو هو. هڪ دفعي هتي سنڌ ۾ اسين سڀ شهيد سان گڏجي "موهن جو دڙو" ڏسڻ ويا سون ۾ اسان جي ٽولي ۾ ڊاڪٽر اشرف سان گڏ بلوچستان وارو مرحوم عبدالصمد اڇڪزئي، مرحوم پيرزادو عبدالستار مرحوم محمد امين کوسو ۽ ٻيا ڪيترا دوست شامل هئا. موهن جي دڙي ڏانهن ويندي، رستي ۾ منجهند جي ماني نئين ديري ۾ خانبهادر احمد خان پٽني وٽ کاڌي هئي سون. شهيد جو جاني دوست ڊاڪٽر محمد اشرف مرحوم علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽي ۾ تاريخ جو پروفيسر به رهي چڪو هو شهيد الله بخش جي شهادت بعد ڪيئي سال پوءِ ڊاڪٽر اشرف جرمني ۾ وفات ڪئي هئي جو سندس گهر واري اتي جي هئي.

(برڪت علي آزاد ڪتاب شهيد الله بخش سومرو شخصيت ۽ سياست صفحو 77 کان 83 مان ورتل)

مسٽر کهڙي وٽ سنڌ جي وڏي وزير جي ڪرسي سندس وڏن جو ورثو آهي جو ٻيو ڪو به نه ماڻي. انهيءَ جذبي هيٺ هن مسجد منزل گاهه جو ڊونگ ڪرايو ۽ شهيد ملت الله بخش وزارت کان نڪتو. مسٽر کهڙي سنڌ کي هندن جي هٿ وڪيو ۽ هنن کي 29 رعايتون ڏنيون جي سنڌ جي مسلمانن جي تباهي جو باعث هيون.

(ڪتاب شهيد الله بخش سومرو سياست ۽ شخصيت ، "علاوءَ الدين سمون " صفحو 106 مان ورتل)

## شهيد الله بخش سومرو
## خان عبدالصمد خان اڇڪزئيءَ جي نظر ۾

"الله بخش شهيد سنڌ ۾ شاندار قومي هلچل شروع ڪئي، ايتري تائين جو ان تي پنهنجو سر به قربان ڪيائين. ان جو بنيادي پٿر هندو- مسلم اتحاد ۽ غريبن جي ڀلي جو ڪم هو." (خان عبدالصمد خان اڇڪزئي، حوالو: روزانو اخبار "آزاد" ڪراچي، آچر 26 جنوري 1947ع تان ورتل)

## تاثر
**(مدرسه دارالسعادت گورو پهوڙ جي وزيٽرس بڪ تي لکيل شهيد الله بخش جو نوٽ)**

مدرسه دارالسعادت گورو پهوڙ تعلقي شڪارپور (موجوده تعلقه خانپور)

جو ڏنو ويو ڪم تمام سٺو هلي رهيو آهي، مدرسہ تعلقي جي اهڙي ڀاڱي ۾ آهي جتي ماڻهن گهڻو پوئتي پيل آهن. هي مدرسہ نہ فقط عام ماڻهن کي تعليم ڏئي ٿو مگر ديني تعليم ڏيڻ جي تعلقي جي هن ڀاڱي جي ماڻهن تي وڏو اخلاقي واڌارو آهي جنهن ڪري حڪومت کي پڻ وڏو فائدو آهي.

الله بخش خان او بي اي

شڪارپور

(ڪتاب شهيد الهہ بخش سومرو سياست ۽ شخصيت، صفحو 117 مان ورتل)

THOSE WHOM GODS LOVE, DIE YOUNG.

يعني "جن تي ديوتائن جو پيار آهي سي هن بي بقا واري دنيا مان جلد ئي رحلت ڪري ٿا وڃن." سڳوري شاهہ سائين بہ چيو آهي تہ:

گهوڙن ۾ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا

ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

شهيد الله بخش انهن مسلمانن مان هڪ هو جن تي ڀارت کي ناز آهي ۽ ناز رهندو سندس درشتي آزاد ملڪن جي مسلمانن واري هئي ۽ روز بروز وڌيڪ ۽ وڌيڪ وسيع ٿيندي پئي ويئي، غلامي ۾ ٻڌل تنگ درشتيءَ جو هن سنڌ ۾ تہ نڪ ۾ دم آندو پر هند ۾ پڻ ان کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ شروع ڪيائين. سندس حق جي گفتار اڳيان باطل جا برج ويا ٿي ڍهندا پر بد نصيبي ڀارت جو اهڙو لاکيڻو لعل اڻ مندائتو ڪچيءَ ئي ڪپجي ويو.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونہ آهي تہ هو ڪٽر شڪتين کي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي گهتي ٻوساتي ويٺو هو.

(ڪتاب شهيد الله بخش سومرو سياست ۽ شخصيت ، "شيام" صفحو 123 ۽ 124 مان ورتل)

الله بخش خان مرحوم 14 مئي 1943ع بمطابق 11 جمادي الاول 1362هہ جمعي جي صبح جو شڪارپور پوليس لائين جي سامهون ڪن خبيثن جي ناگهاني گولين جو شڪار ٿيو گوليون سندس دل ۽ سيني تي پيوست ٿيون. آخرين ڪلمو سندس زبان تي جيڪو جاري ٿيو سو هو الله اڪبر.

حياتي جي هنن پوين مهينن ۾ هو سخت مذهبي ماڻهو ٿي چڪو هو. نماز جو تہ عام حالتن ۾ هونئن بہ پابند هوندو هو پر تازو قرآن شريف جو انگريزي ترجمو علامہ عبدالله يوسف علي وارو پڙهندو رهندو هو ۽ بعض آيتن تي

مون سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندو رهندو هو. سندس خيال هو تہ مسلمانن کي قرآن پاڪ جي اصلي تعليم کان واقف ڪرائجي ۽ انسان ذات جي خدمت لاءِ آماده ڪيو وڃي.

منهنجي آخري ملاقات ساڻس 3 اپريل 1943ع تي ٿي جڏهن مان مدرسہ دارالارشاد ڳوٺ پير جهنڊيو، حضرت مولانا عبدالله جي خدمت ۾ وڃڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هوس. مختلف ڳالهين جي سلسلي ۾ فرمايائين تہ موڪل جا اهي ٻہ مهينا مون سان هلي گڏجي گذار تہ قرآن جي مقاصد تي بحث ڪندا رهون.

(ڪتاب شهيد الله بخش سومرو سياست ۽ شخصيت . "مولانا دين محمد وفائي" صفحو 127 ۽ 129 مان ورتل)

سندس هٿ هميشہ کليل رهندو هو. لک ڪمائيندو هو ۽ لک خرچيندو هو. سندس لاءِ هزار ۽ لک هڪ برابر هئا. هو چوندو هو تہ "پئسو آهي هٿن جي مر، جي پئسي مان ڪم نہ ورتو تہ پئسو زهر تي لڳندو. پئسو ڪمائجي ٿو عزت جي لاءِ ۽ سک لاءِ، جي پئسي مان سک نہ ورتو سين تہ پوءِ پئسو جهڙو ٿيو تهڙو نہ ٿيو." سندس اپت جو گهڻو حصو خيرات ۾ ويندو هو ڪوبہ سندس در تان خالي نہ ويندو هو زمين ۽ ٺيڪن مان ايڏي اپت هوندي بہ پئسو پاڇي نہ وجهندو هو.

پڇاڙي جي وقت خيالن ۾ وڏو ڦيرو آيو هوس، سندس گهڻن دوستن مان معلوم ٿيو اٿم تہ هو هڪ بہ نماز قضا نہ ڪندو هو روزانو صبح جو پاڙي وارن کي اٿاريندو هو تہ نماز پڙهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي روزانو قرآن شريف جو دور ڪندو هو روزن واري مهيني ۾ تہ هڪ روزو بہ نہ گسائيندو هو پنهنجن ننڍن تي زور آڻيندو هو تہ روزا رکي خدا جي حڪمن تي پيروي ڪريو.

پوين ڏينهن ۾ هو هميشہ جنڊ جو پيٺل اٽو واپرائيندو هو اهو اٽو ڪيس سندس گهر واري پيهي ڏيندي هئي. جڏهن بہ ڪو گهرو دوست وٽس ايندو هو تہ تڏهن ڪيس گهر جي ماني جي صلاح ڪندو هو. دوست کي هميشہ فخر سان چوندو هو تہ هيءَ ماني ان اٽي مان ٺهيل آهي جيڪو سندس گهر واري پيٺو آهي! هو مشين جو پيٺل اٽو نہ واپرائيندو هو.

(ڪتاب شهيد الله بخش سومرو سياست ۽ شخصيت، "بولچند وسو مل راجپال" صفحو 331، 133 ۽ 132 مان ورتل)

26 سيپٽمبر 1942ع تي، سنڌ جي وڏي وزير، خان بهادر الله بخش

سومري، برٽش حڪومت پاران هندوستان ۾ جاري ڪيل ظلم ۽ ستم جي روش تي اعتراض ڏيکارڻ لاءِ، خان بهادريءَ جو لقب ترڪ ڪيو ۽ اهڙو اطلاع وائسراءِ کي ڏنو. 8 آڪٽوبر 1942ع تي، مسٽر الله بخش، بيو هڪ بيان ڪيو، برٽش حڪومت جي پاليسيءَ تي سخت جلهه ڪئي. سندس انهيءَ هلت تي، سنڌ جي گورنر کيس استعيفا ڏيڻ لاءِ لکي موڪليو. مسٽر الله بخش اها ڳالهه نه مڃي. چي "اسيمبليءَ جي ميمبرن جي گهڻائيءَ جو مون سان ساٿ آهي، تنهنڪري استعيفا ڏيڻ جو سوال اُٿي ئي نٿو." نيٺ، گورنر، مسٽر الله بخش کي برطرف ڪري، وزارت تان هٽايو.

مسٽر الله بخش، اهڙو جرئت ڀريو ۽ دليريءَ جو قدم کڻي، سنڌ جو نالو وڏايو ۽ شان اوچو ڪيو. اهڙي دلير دل انسان کي، 14 مئي 1943ع تي، شڪارپور ٻاهران ٽانگي ۾ ويندي، ڪن خبيثن پستول سان خون ڪيو. انهي دکدائڪ واقعي، سنڌ ۽ هند جي آزاد خيال ۽ قومي طبقي کي ڏاڍو ڪورسايو.

20 آڪٽوبر 1942ع، سنڌ جي گورنر، سنڌ جي وڏي وزير مسٽر الله بخش سومري کي ڊسمس ڪيو. گورنر جي انهي قدم تي ويچار ڪرڻ لاءِ، ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئشن جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ جي ميٽنگ ۾ اهڙو سوال اٿاريو ويو. انهي سوال تي، بورڊ جا گورا ميمبر، اعتراض وٺي، ميٽنگ ڇڏي ويا. ميٽنگ ۾ گورنر جي قدم تي ويچار ڪيو ويو ۽ ٺهراءُ بحال ڪيو ويو. هن سلسلي ۾ سيٺ سکديو جو وڏو هٿ هو. ٺهراءُ هن ريت هو.

"ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئشن جي ڊائريڪٽرن جو بورڊ، سنڌ گورنر پاران مسٽر الله بخش سومري کي سنڌ جي وزيراعظم جي عهدي تان ڊسمس ڪرڻ واري قدم تي اعتراض ٿو ظاهر ڪري، بورڊ انهي پڌرائي تي عجب ۽ حيرت جو اظهار ٿو ڪري، جڏهن چيو وڃي ٿو ته وزيراعظم گورنر جو وشواس وڃائي چڪو آهي. بورڊ جي نظر ۾، گورنر جو اهو قدم، برٽش لوڪشاهي رسمن ۽ رواجن جي خلاف آهي. وقت جي گهرج ۽ ضرورت اها آهي ته ملڪ ۾ موجوده سياسي گهوٽالي جي دور ٿيڻ جي ڪا اميد رکي نٿي سگهجي. بورڊ، مسٽر الله بخش جي برطرفيءَ تي زوردار اعتراض، ٿو ظاهر ڪري."

ڪتاب رتن جوت ليکڪ موتيرام سترمداس راموٽي ڀاڱو ٻيو سال 1959، صحفو نمبر 807_806، 814 ۽ 815)

ڪيول ملڪاڻي جي ڪتاب The Sindh Story جي ترجمو سنڌ کهاڻي سنڌيڪار تاج جويو جي باب "ٻگهڙن جي وچ ۾" تان ڪجهه سٽون

هيٺ ڏجن ٿيون:

الله بخش(1900ع_1943ع)سنڌ جو بهترين وڏو وزير هو جنهن جهڙو پيو ڪو ورلي ٿيو هوندو. جيتوڻيڪ هو زميندار ۽ سرڪاري ٺيڪيدار هو. پر هميشہ کاڌي پائيندو هو. حڪومت جي واڳ سنڀاليندي ئي عبيدالله سنڌي( 1872ع_1944ع) تان ملڪ بدر ڪرڻ جو حڪم واپس ورتائين، جيڪو اولهہ_ايشيا ۾ پنهنجا جلاوطنيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهيو هو. (مسلم ليگ عبيدالله سنڌيءَ کي آجياڻو ڏنو.پر جڏهن انهن”مسلم هو تو مسلم ليگ ۾ آئو“جو نعرو هڻڻ شروع ڪيو تہ هو احتجاج وچان ٻاهر هليو ويو. هو”سنڌو نربدا پارٽي“ جي باري ۾ سوچي رهيو هو.)الله بخش وڏيرن کي ڏنل مئجسٽريٽ جا اختيار واپس ورتا. هن ڪانگريسي نقطہ نظر اختيار ڪيو ۽ وزيرن جو پگهار 500 رپيا مقرر ڪيائين. مڪاني ادارن ۾ نامزدگيءَ جو انت آيو. پاڻ کي عام رواجي ماڻهو سمجهندڙ الله بخش، ڊرائيور جي پرسان ويهندو هو موٽر تي ڪڏهن بہ سرڪاري جهنڊو نہ لڳائيندو هو ۽ ڪڏهن بہ ڪو آجياڻو يا پارٽي قبول نہ ڪيائين. ريل گاڏيءَ ۾ بين کي وڏيڪ سهوليت واري هيٺين سيٽ استعمال ڪرڻ لاءِ هو مٿيون برٿ استعمال ڪندو هو. هڪ ڀيري جڏهن شڪارپور ۾ ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو تہ واهہ کي ٽڪو ڏياري پنهنجي زمينن کي ٻوڏ هيٺ آڻي ڇڏيائين.۽ شهر کي بچايائين. پر سندس سپ کان وڏي ڳالهہ اها هئي تہ هو غير فرقي پرست ۽ قوم پرست هو. (ص_204_205) سنڌ ڪهاڻي. ڪيول ملڪاڻي تاج جويو.

سکر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري هندن جي ساڌ ٻيلي جي ٻيٽاريءَ جي مندر پرسان، ڪجهہ ڊنل ڊانچن تي مشتمل منزل گاهہ جي عمارت هئي.اها گهڻي عرصي کان سرڪاري گودام جي طور استعمال ٿيندي هئي.مسلمانن انهيءَ لاءِ مسجد هئڻ جي دعوي ڪئي. هندن انهيءَ دعوي کي غلط ڪوٺيو جو ڪين ڊپ هو تہ ساڌ ٻيلي جي پرسان مسجد هئڻ اختلاف ۽ ڇڪتاڻ کي وڌائيندو. (ص_ 206_207)

3 آڪٽوبر کان 19 نومبر 1939ع تائين جي ايم سيد، کهڙي ۽ سر عبدالله هارون جي اڳواڻيءَ ۾ منزل گاهہ تي زوريءَ قبضو ڪيو. 1 نومبر 1939ع تي مشهور ڳائڻو سنت، ڀڳت ڪنور رام کي رُڪ ريلوي اسٽيشن تي بندوق جي گولي هڻي ماريو ويو ۽ ڪوبہ ماڻهو گرفتار نہ ڪيو ويو. سکر ضلعي ۾ پندرهن ڏينهن مڪمل هڙتال رهي، جڏهن صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر ڀمناڻي چيو تہ ڀڳت ڪنور رام کي پير پرچونڊيءَ واري مارايو آهي، ( اڳ ۾ پير جي پٽ کي

هندو ڇوڪرين جي اغوا سبب مار ڪڍي ويئي هئي.) ڪيس بہ بندوق جي گولي هڻي ماريو ويو سنڌي هندن ۾ هراس ڇانئجي ويو. (ص_207)

اها ڏکوئيندڙ صورتحال هئي، جنهن ۾ ڪانگريس ڪي الله بخش جي مشڪلات کي سمجهڻ گهرجي ها. هيءُ اهو شخص هو جنهن 1940ع ۾ آل انڊيا آزاد ڪانفرنس جي صدارت ڪئي.

۽ جڏهن اسيمبليءَ جي اڪيلي ڪانگريسي مسلمان ميمبر محمد امين کوسي مخالفت ڪئي تہ ڪيس پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو! انهي کان بہ ڏينهن اڳ، 25 مارچ 1940 تي اهو سنڌ جي ڪانگريس طرفان مسلم ليگ لاءِ وڏو تحفو هو جڏهن پارٽيءَ جو لاهور ۾ اجلاس ٿيو ۽ ورهاڱي جو نهراءُ منظور ٿيو مسلمان اڳواڻن پوءِ قبول ڪيو تہ منزل گاهہ جو معاملو "هترادو" تڪرار هو جيڪو رڳو الله بخش جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ رچايو ويو هو. (ص_208)

جڏهن "هندستان ڇڏي وڃو" هلچل شروع ٿي تہ هن پنهنجو پراڻو "خانبهادر" جو خطاب ۽ OBE (Order Of Brithish Empire) واپس ڪيا. هن نيشنل ڊفينس ڪائونسل تان پڻ استعيفا ڏيئي ڇڏي تڏهن گورنر مٿس عدم اعتماد جو اعلان ڪيو. اسيمبليءَ جو اعتماد هئڻ جي باوجود ڪيس معزول ڪري ڇڏيائين! ڪجهہ مهينن کان پوءِ، جڏهن هو پنهنجي آبائي شهر شڪارپور ۾ تانگي تي وڃي رهيو هو تہ ڪيس ڏينهن ڏٺي جو قتل ڪيو ويو. ليگ جي وزير کهڙي تي تهمت لڳي، پر هو شڪ جي فائدي ۾ سزا کان بچي ويو. (ص_210)

1928ع ۾ جڏهن سنڌ بمبئي کان علحيدگيءَ جي ڳالهہ هلي رهي هئي تہ جوڌپور رياست ٿرپارڪر ضلعي جي امرڪوٽ( عمر ڪوٽ) واري خطي تي پنهنجو حق ظاهر ڪري ڳُهر ڪئي هئي. جوڌپور وارن جي اها گهر انهيءَ بنياد تي هئي تہ روايتي طرح امر ڪوٽ مارواڙ جي خطي جو حصو رهيو هو. (ص_212)

1946ع جي عام چونڊن ۾ سنڌين جي اڪثريت ليگ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنا هئا. انهن چونڊن ۾ سنڌ صوبي جي 71 سيڪڙو مسلمان آبادي مان مسلم ليگ رڳو 46.3 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا. ليگ جي هر چئن ووٽن پويان ٽي ووٽ جي ايم سيد ۽ مولا بخش جي پوئلڳ قوم پرست مسلمانن ڏنا هئا. (ص_213) سنڌ ڪهاڻي The Sindh Story جو (سنڌ يڪار تاج جويو) ڪيول ملڪاڻي روشني ڪنڊيارو 1991.

## تاثر

الله بخش مون کي ٻڌاءِ
مسٽر الله بخش! پيارا الله بخش!!

1. توکي شهادت جي مبارڪ
2. توکي الله اڪبر پڪاري، الله جي حضور ۾ وڃڻ جي مبارڪ!!
3. توکي اهڙي شاندار (دوستن کي تہ نهيو پر دشمنن کي بہ رت روئائيندڙ) موت جي مبارڪ
4. توکي جنت ۾ وچي جائگير ٿيڻ تي مبارڪ!!

مبارڪ صد مبارڪ!!

1. توکي اهي خوشبختي بخشيندڙ ذات جي دربار ۾ پهچڻ تي اسين تنهنجا سڀ عزيز ۽ دوست حمد ۽ شڪر ٿا ڪريون!
2. شڪر ٿا ڪريون جو مهربان خدا توتي ايترو رحم فرمايو ۽ توکي شهيدن جي مرتبي تي سارڀو!!
3. شڪر ٿا ڪريون قادر ڪريم جو هن قرب ڀري عنايت تي، جو توکي، تنهنجي خدا پرستي، توڪل برخدا ۽ توحيد جي غيرت جي صدقي ۽ صلي ۾ پنهنجي پاڪ نالي وٽڻ جي مرڻ وقت توفيق بخشي. جنهن نعمت ۽ سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ غوث ۽ قطب، اولياءَ ۽ علماءَ سموري زندگي خواهش ۽ تمنا ۾ گذاريندا آهن ۽ دعائون گهرندا آهن.!!(1)

---

(1) مولوي عبدالڪريم چشتي "سبحان سندّ" (شڪارپور) ڪتاب شهيد الله بخش سومرو شخصيت ۽ سياست صفحو نمبر 143.

# جيجي رضيہ بيگم سومرو جي انٽرويو جا چونڊ ٽڪرا

روزاني ڪاوش اخبار جي هفتيوار رسالي ”ڪاوش دنيا“ جي آچر 9 فيبروري 2014ع تي الله بخش سومري جي حال حيات ڌيءَ جيجي رضيہ بيگم سومرو کان ہہ سال اڳ ورتل انٽرويو ڇپيو. اهو انٽرويو ڪي ٽي اين جي ڪراچي واري عيوضي شڪيل سومري ورتو هو. هي ان مان ڪجهہ حصو ڏنو وڃي ٿو:

گهر کي وقت ڏيڻ واري سوال تي جيجي رضيہ چيو تہ گهر کي وقت ڏيندا هئا. امان ڪانسواءِ ڪاڏي بہ ٻاهر نہ ويندا هئا امان کي ساڻ وٺي ويندا ها. بابا جن هڪ دفعي بمبئيءَ کان موٽي اچي رهيا هئا تہ اڳي ريل گاڏين ۾ سفر ٿيندو هو. فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ مٿيون سيٽون انگريزن جون هيون. هيٺيون سيٽون امان بابا جون هيون. ريل لکنئو اسٽيشن ويجهو پهچڻ تي آهستي هلي رهي هئي. ڪنهن بہ فائر ڪيا. خدا جي قدرت اهي فائر دري کان ڪراس ڪري، ٻي دري کان نڪري ويا هنن کي گولي نہ لڳي. ”جيجي ٻڌايو تہ انگريز اٿي وينا تہ ڇاهي!!“ بابا چين ڪجهہ ناهي. اوهان آرام سان سمهو اوهان تي اٽيڪ نہ هو. اهو مون تي اٽيڪ (حملو) هو.“

ماڻهن چيس، پوليس ۾ رپورٽ درج ڪراءِ ڪجهہ نہ ڪيائين. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مهينو بہ گذري ويا. مٿي آيو امان ڏي، بابا پئسا نہ ڪڍندو هو. منهنجي ماءُ ڏي آيو ڇيائينس تہ 200 رپيا ڏي ان زماني ۾ بہ سئو وڏا هوندا هئا. امان پڇيس، ڇو؟ ڇيائين، ڪو سوالي آيو آهي. 200 رپيا وٺي ان کي ڏني، پوءِ مٿي آيو. امان کي ڇيائين تہ خبر اٿئي، اهو ماڻهو ڪير هو؟ هي اهو ماڻهو هو جنهن مون تي لکنئو ۾ گولي هلائي هئي. مون انهيءَ کي ڏنو هيو. جڏهن مون کي گولي نہ لڳي تہ مان خدا جي توڪل تي ڪيس معاف ڪري ڇڏيو. امان پڇيس تہ، پوءِ اهڙي ماڻهو کي پئسا ڇو ڏنئي؟ بابا چيس تہ هن سمجهيو هوندو تہ مان هن کي ڏنو ناهي. ضرورت هوندس. تڏهن آيو هوندو. ڪوئي سوچي سگهي ٿو تہ ائين ڪو

ماٺهو ڪندو. جيجي ٻڌايو تہ "عبدالصمد اچڪزئي سان بہ بابا جي ڏاڍي دوستي هئي. عبدالصمد انهن ڏينهن ۾ اسان وٽ تڪيل هو. مون کي ياد آهي چائو تہ بابا ان جو نالو عبدالصمد رکيو. متئين منزل تي تڪيل عبدالصمد کي چيائين تہ مُجهي بيٽا پيدا هوا هي. اس ڪا نام عبدالصمد رکا هي. الله سي دعا ڪرو تمهاري جيسا نڪلي."

سورهيہ بادشاهہ جي ڦاهيءَ بابت پڇيل سوال تي جيجي رضيہ تاريخ ۾ جهاتي پائيندي ٻڌايو تہ "حڪومت پير پاڳاري صاحب (پير صبغت الله شاهہ راشدي سورهيہ بادشاهہ) جي خلاف هئي. گورنرانِ جي خلاف هيو. بابا جو تہ قصور نہ هو. جيڪي ڪجهہ ٿيو اهو انگريزن ڪيو. الزام منهنجي پيءُ تي هنيو ويو. سورهيہ بادشاهہ جا ٻيئي ٻار ننڍا هئا. اسان جي گهر آيا. تڏهن قصرِ ناز: وزير اعظم هائوس هوندو هو اتي آيا هئا. بابا چيو تہ اهي هتي رهي نہ سگهندا. سورهيہ بادشاهہ جي ٻنهي پٽن کي بابا انگلينڊ موڪلي ڇڏيو اتي ويجي تعليم ورتن. ان بابت 12_14 سالن جي ڄمار جا هئا. اهي ٻيئي ڇوڪرا اسان جي گهر آيا هئا. بابا سان گڏ ويٺا هئا.

"وڏيڪ اسان کي خبر نہ هئي پوءِ انهن کي لنڊن موڪليو ويو. ڪيترو پڙهيا؟ اها مون کي خبر ناهي. مان ان وقت ننڍي هيس ستن اٺن سالن جي هيس. حر موومينٽ بابت تي سگهي ٿو تہ منهنجي ماءُ کي خبر هجي. سورهيہ بادشاهہ کي ڪٿي دفنايو ويو؟ ان بابت مون کي خبر ناهي. ان زماني ۾ انهن ڳالهين ۾ اسان جي دلچسپي نہ هوندي هئي. اسان جو سڄو خيال پڙهائيءَ ۾ هوندو هو. سياست ۾ دلچسپي نہ هئي."

انگريز سرڪار پاران "خان بهادر" جو خطاب واپس ڪرڻ واري سوال تي جيجي رضيہ ٻڌايو تہ "هندستان ۾ جڏهن Quit India Movement (هندستان خالي ڪريو تحريڪ) هلي تہ گانڌيءَ ڪانگريس جي ٻين اڳواڻن جون وڏي پيماني تي گرفتاريون ڪيو ويون تہ بابا احتجاجا اهو خطاب ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. چرچل جي بہ ٽي دفعا فون آيس تہ "تون ٽائيٽل واپس نہ ڪر، نہ تہ تنهنجي حڪومت کي ڊسمس ڪيو ويندو. بابا چيس. "You can do any thing. I am the elected representative of my own people." توهان مون کي ٽٽا ڪيئي سگهو." پوءِ گورنر بابا جي حڪومت کي ڊسمس ڪيو."

قائد اعظم محمد علي جناح بابت جيجيءَ جو چوڻ هو تہ "بابا: محمد علي جناح سان ايترو ويجهو نہ هو. بابا ڪانگريس ۾ بہ نہ هو. هو آزاد هو. جناح صاحب

عبدالله هارون معرفت سانس ملڻ ايندو هو ڪيس مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چوندو.“

جيجي رضيه شهيد الله بخش سومرو جي وڏي وزير جي حيثيت ۾ شڪارپور پوليس هٿان گرفتار ٿيڻ وارو قصو ٻڌائيندي چيو ته ”شڪارپور پوليس ان دور ۾ حڪم جاري ڪيو هو ته رات جو 12 وڳي کانپوءِ شهر ۾ جيڪڏهن ڪو مشڪوڪ ماڻهو نظر اچي ته ان کي گرفتار ڪيو وڃي. اُهي سياري جا ڏينهن هئا. رات جو 12 وڳي کان پوءِ بابا بنا پروٽوڪول جي منهن تي مفلو ويڙهي ٻاهر نڪري ويو. شهر ۾ پوليس واري مشڪوڪ حالت ۾ بابا کي ڏسي ڪيس جهلي ورتو. بابا چيس، مون کي ٽيليگراف آفيس وڃڻو آهي. ضروري ٽيليگرام ڪرڻو آهي. سپاهي بابا کي ٿاڻي تي وٺي اچي ويهاري ڇڏيو. سپاهي بابا کي چيو ته ايس ايڇ او ايندو اهو پڇا ڳاڇا ڪندو. بابا سڄي رات ٿاڻي تي ويٺو رهيو. صبح ڌاري جڏهن ايس ايڇ او ٿاڻي تي آيو ته سپاهي کان پڇا ڪيائين ته ڪنهن کي وٺي آيا آهيو؟“ جڏهن ايس ايڇ او جي بابا تي نظر پئي ته ايس ايڇ او وڙڪري چيو ته توهان هي ڪنهن کي وٺي آيا آهيو؟ هي سنڌ جو وزير اعليٰ آهي.

بابا ايس ايڇ او کي چيو ته هي صحيح پوليس وارو آهي. هن صحيح ڊيوٽي ڪئي آهي، مان خوش ٿيو آهيان. قانون سڀني لاءِ برابر آهي. پوءِ ان سپاهي کي ترقي ڏنائين.“

پيڻدين وارو قصو ٻڌائيندي جيجيءَ چيو ته ”بابا پيڻديون شوق سان کائيندو هو. چيف منسٽر هوندي بابا شڪارپور ۾ سبزي جي ٿيلهي تي هليو ويو. سبزي واري چيس، سائين اوهان ڇو تڪليف ڪئي. مان پيڻديون اوهان جي گهر پهچائي ڏيندس. بابا پيڻديون ڪاغذ ۾ ويڙهي گهر کڻي آيو. امان ڪاوڙ جي پيس ته، ٿون ڇو وٺي آيو آهين؟، چيائينس ته، ”گهر جو سودو وٺي آيو آهيان، ڪهڙو غلط ڪم ڪيو اٿم. بابا کي سبزيون ڏاڍيون وڻنديون هيون. سبزيون شوق سان کائيندو هو. سَتو به شوق سان کائيندو هو. خاص چنڊ جي اٽي مان ماني کائڻ پسند ڪندو هو.

سادگي پسند هو. کاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندو هو. جيڪي هٿ تي ٺهندا هئا. ان وقت اهو هوندو هو ته، پئسو ٻاهر نه وڃي. انگريزن جون تيار ڪيل شيون استعمال نه ڪيون وينديون هيون. بابا هميشه کاڌيءَ جو چولو ۽ سلوار پائيندو هو. سوٽ به هئس. جيڪي پارٽين ۾ ڪڏهن ڪڏهن پائيندو هو. پر گهڻو تڻو کاڌي پائيندو هو. شهادت وقت به کاڌي پاتل هئس. اهي شهادت وارا ڪپڙا همير (شهيد الهه بخش جو پوٽو) سانڍي رکيا آهن.“

جيجي رضيه پنهنجي والد شهيد الهه بخش سومري بابت وڌيڪ ٻڌايو

تہ "بابا وٽ پنهنجي گاڏي هوندي هئي پر هو پاڻ گهٽي ياڳي تانگي ۾ سواري ڪندو هو. شرم ڪونہ ٿيندو هوس تہ ڪو وڏو وزير/سياستدان هوندي ڪرائي جي تانگي ۾ سوار ٿي رهيو آهيان. جڏهن جيجي رضيہ پرتاب راءِ وارو قصو بيان ڪندي ٻڌايو تہ سيٺ پرتاب راءِ سان بابا جي دوستي هئي. هُو وڏو واپاري هو جيڪو مان سامان گهرائيندو هو هڪ دفعي سڄو سامان اتي بلاڪ ٿي ويس. بابا کي چيائين تہ مُون کي جهاز کپي، مان اتان پنهنجو مال ڪيرايان. اهو ڪيڏائي آيو. جڏهن مون کي عبدالصمد ياءُ پيدا ٿيو تہ فروٽ جو هڪڙو ٽوڪرو موڪليائين، چوڪرو اهو ٽوڪرو کڻي آيو. جڏهن اهو کوليو ويو تہ اُن ۾ سون جو وڏو ڪٽورو پيل هو. بابا اهو ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو امان کي چيائين تہ اهو بند ڪر، چوڪري کي چيائين تہ اهو کڻي وڃي ڏيئي اچيس ۽ چئيس تہ اڄ کانپوءِ اسان جي دوستي ختم. مون کي رشوت ٿو ڏين. چيو تہ "مان تنهنجو سامان ڪيرايو هو پوءِ پرتاب پاڻ بابا وٽ هلي آيو ۽ اچي چيائين تہ مان نہ سمجهي سگهيس تہ توهان ڪاوڙ ڪندين چو تہ پيا ماڻهو وٺندا آهن." بابا چيس، "مان انهن مان ناهيان."

نياڻين جي تعليم بابت شهيد الله بخش جون ساروڻيون ساريندي جيجي ٻڌايو تہ "نياڻين ۽ ڌيئرن جي تعليم جي ان دور ۾ ڏاڍي مخالفت هوندي هئي. شڪارپور گورنمينٽ اسڪول ۾ ڇوڪريون گهٽ وينديون هيون. ڇوڪرا ويندا هئا. مان هيس. همير جي ڀيڻ هوندي هئي ۽ ٽين افروز ميراڻي جي ڌيءُ، اهي ٽي ڇوڪريون وينديون هيوسين. اسان ڏسندا هئاسون تہ پنيان ماڻهو ٻجا ڏيندا هئا. چوندا هئا، هنن جو ڏسو ڪيئن حال خراب ٿيو آهي الله بخش ڇڏائيندس منهنجو ياءُ رحيم بخش بہ اسان سان گڏ پڙهندو هو. گهر چوندو هو تہ هي اچن ٿيون مون کي ڇوڪرا چيڙائن ٿا. چون ٿا تہ تنهنجي ڀيڻ اچي پئي. بابا چوندو هيس تہ "توکي پڙهڻو آهي تہ چپ ڪري وڃ. ڇوڪرا پلي چا بہ چون، تون انهن جي ڳالهين تي ڌيان نہ ڏيءُ. پوءِ همير جي پيءُ جي ذهن ۾ وينو تہ بابا صحيح چوي، ٿو بابا چوندو هو تہ "تعليم لاءِ اسلام ٻنهي ڇوڪري ۽ ڇوڪر کي ڏيارڻ لاءِ چيو آهي. جيڪا تعليم رائج آهي. اها پڙهڻ گهرجي، باقي گهر ۾ معلما ايندي هئي، جيڪا اسان کي ديني تعليم ڏيندي هئي."

جيجي رضيہ چيو تہ "بابا پنهنجي ماءُ جي گهڻي عزت ڪندو هو بہ پيرا بابا تي حملو ٿيو شڪارپور ۾ زالون گهرن مان ٻاهر نہ نڪرنديون هيون. منهنجي ڏاڏي ڪنهن ڪان چوندي ٻڌو تہ الله بخش تي حملو ٿيو آهي، تہ گهران نڪري، مردن کي ڌڪا ڏيندي پيلٽ فارم تي هلي آئي. اچي بابا وٽ پهتي."

## شهيد الله بخش جي لاءِ
## سندس ڀائيٽي الاهي بخش سومرو جون ڳالهيون

سوال: شهادت جو واقعو ڪيئن ٿيو؟

جواب: شڪارپور پرسان هڪ پير آيو هو جيڪو ڦالن کي تعويذ وغيري ڏيئي بدت پکيڙي رهيو هو. جنهن کي ڪجهه خرچ ڏيئي اٿارڻ لاءِ شهيد چاچا وجي رهيو هو تنهن وقت پاڻ سان گڏ پنهنجي دوستن کي گهرايائين جن مان قلپوتو آيو ۽ ڪلهوڙو نه آيو ڪلهوڙي کي گهرائڻ لاءِ موٽر ڪار موڪليائين. پر ڪلهوڙي اچڻ ۾ دير ڪئي ته ٽانگو به تيار بيٺو هو سو ٽانگي تي چڙهي ويهي رهيو ۽ پير ڏانهن روانا ٿي ويا. پير شهيد الله بخش جي اچڻ جو ٻڌي اتان هليو ويو شهيد الله بخش کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان آيل ماڻهو شڪارپور ۾ ترسيل هئا. هنن شهيد جي مڪمل جاچ ڪئي ته الله بخش جي ڇا چرپر آهي. هنن کي خبر پئي ته شهيد صبح جو نماز پڙهڻ مسجد ۾ ايندو آهي سي مسجد ۾ ئي سمهي پيا. جوابدار ننڊ ستا ئي پيا هئا ته الله بخش آيو ۽ نماز پڙهي واپس هليو ويو. هي جڏهن ننڊ مان اٿيا ته خبر پين ته الله بخش نماز پڙهي بنگلي تي ويو آهي. هي بنگلي تي پهتا جتان هنن کي خبر پئي ته الله بخش ٽانگي تي چڙهي هڪ پير ڏانهن ويو آهي. هنن به اهو رستو ورتو ۽ فوجداري سامهون اهو ٽانگو هنن کي نظر آيو جنهن ٽانگي ۾ الله بخش سوار هو ۽ ٽانگي ۾ اخبار پڙهي رهيو هو. جوابدارن ٽانگي جو اڳ جهلي پڇا ڪيو ته "الله بخش آهي؟" الله بخش پنهنجي منهن تان اخبار پري ڪري چيو "ها مان الله بخش آهيان". الله بخش جي ائين ئي چوڻ سان جوابدارن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ الله بخش تي گوليون وسائي ڏنيون، چاچا ٽانگي جي ريلنگ سان ٽڪرائجي ويو جيڪا سندس مٿي ۾ لڳي. تنهن وقت ئي جوابدار فرار ٿي ويا ۽ الله بخش کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ئي وڃي پيو ته رستي ۾ پنهنجو ساهه روڪي ڇڏيائين.

سوال: شهيد الله بخش جي قتل ۾ ايوب کهڙو جي ملوث هجڻ جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا چئو؟

جواب: ايوب کھڙو تن ڏينهن ۾ منسٽر هيو ان وقت گورنر ايوب کھڙي کان استيفيٰ ورتي ۽ شهيد الله بخش جي قتل ڪيس ۾ جيل موڪليو ۽ ان تي ڪيس هلايو ويو ان وقت جج هڪ پارسي هيو جنهن ڪيس جي دوران (ٻائوٽ) شڪ جي بنياد تي هن کي ڇڏي ڏنو ۽ اهو لکيو تہ هن کي بي صفا ڏوهي بہ نہ ٿو سمجهان. گهڻي وقت کانپوءِ پاڪستان ٺهڻ بعدِ ايوب کھڙو چيف منسٽر ٿئي پيو تہ بابا وٽ آيو. اسان جوان وقت سولجر بازار ۾ گهر هو اُتي کھڙو قرآن شريف کڻي آيو ۽ چيائين تہ مان هن قرآن پاڪ تي چوان ٿو تہ اوهان جي پاءُ جي قتل ۾ منهنجو هٿ ناهي. "تنهن تي بابا سائين هن کي چيو تہ قرآن پاڪ کڻي آيو آهين توکي ڇڏيان ٿو مان بس ٿو ڪيان." حقيقت ۾ چاچا جي قتل جي انويسٽيگيشن (چاچ) ٿي ان ۾ غلام اڪبر نالي ايس ايس پي هو ان انڪوائري ڪئي.

سوال: الله بخش ۽ پير صاحب پاڳاري جا تعلقات ڪيئن هئا؟

جواب: شهيد چاچا ۽ پير صاحب جي وچ ۾ اهڙو ڪو اختلاف نہ هيو. هو هڪ ٻئي ڏي ايندا ويندا هئا بابا بہ انهن ڏانهن ويندو هو.

سوال: شهيد جي قتل ۾ مسلم ليگ جا اڳواڻ ملوث هئا يا پيو ڪو؟

جواب: هئا حُر جنهن چاچا کي شهيد ڪيو. ان وقت مسلم ليگ ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور جي ايم سيد هو. شهيد جو الزام ايوب کھڙي تي آيو.

سوال: شهيد الله بخش جي سوچ تمام وڏي ڪئين هئي، جو ننڍي عمر ۾ هن وڏا وڏا ڪم ڪيا؟

جواب: شهيد چاچا جي سوچ تمام وڏي هئي، رب پاڪ ان کي دماغ اهڙو ڏنو جو ٿوري وقت ۾ هن وڏو نالو ڪمايو. انگريزن ٽالپرن کان سنڌ کسڻ بعد بمبئي پريزيڊنسي سان سنڌ کي شامل ڪري سنڌين کي پٽ سان لڳائي ڇڏيو جيڪا 1936ع ۾ آزاد ٿي. انگريزن چيو تہ صوبو ناهيون يا فيڊريشن، ان پيرڊ ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ناهي وئي. ان ۾ 3 ڄڻا هئا، 1. سر غلام حسين هدايت الله، 2. سر شاهنواز ڀٽو 3. راءِ بهادر گوڪل داس.

سر غلام حسين هدايت الله اصل شڪارپور جو هو حيدرآباد ۾ وڪالت ڪندو هو انگريزن جو ماڻهو هو. انگريزن هڪ اهڙي سيٽ ڪڍي جنهن ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق ان ماڻهو کي هو جيڪو زميندار هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ 5 سئو رپيا ڍل ڏيندڙ هجي. ان وقت جي ڊي سي جي وس هيٺ هو تہ اهڙن ماڻهن کي ووٽ ڏياري جيڪي ووٽ ڪن. انگريز سرڪار طرفان سر غلام حسين هدايت الله ميمبر طور اٿيو ۽ ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر جي محنت سان ڪامياب ٿي

ويو. سو ان وقت جيڪي ماڻهو اليڪٽ ٿيا (چونڊجي آيا) تن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي سر شاهنواز ڀٽو کان کٽي ويو. سر شاهنواز جي گروپ مان سر عبدالله هارون به هارائي ويو تنهن کانپوءِ چاچا الله بخش کي ليڊر چونڊيو ويو جنهن وٽ اڪثريت هئي، پر انگريز سرڪار جو گهڻ گهرو سر غلام حسين هدايت الله هو تنهن ڪري هنن جمهوري اصول جي خلاف سر غلام حسين هدايت الله کي حڪومت ٺاهڻ جو چيو. مارچ ۾ بجيٽ آئي تہ سر غلام حسين هدايت الله هارائي ويو ۽ بعد ۾ چاچا وزير اعظم ٿيو.

سوال: الله بخش کي سنڌ سان محبت ڇو هئي؟ جو هن پنهنجي زندگي بہ جوکي ۾ وجهي ڇڏي؟

جواب: چاچا کي سنڌ جي ماڻهن لاءِ تڙپ هئي، جيڪا تڙپ هن شڪارپور جي سياست مان سکي هئي. شڪارپور ڪاروباري شهر هو جنهن ۾ ان وقت بہ سرڪاري اسڪولن جي باوجود 3 پرائيويٽ اسڪول ، ڪاليج، اسپتالون، انڊر گرائونڊ ڊرينيج جو سسٽم هيو ان وقت ڪراچي بہ محدود هئي. چاچا جي هندن واپارين سان گهڻي اٿ ويهہ هوندي هئي، هندن کي برابري جا حق ڏيارڻ واري ڳالهہ تي هن ايترو عمل ڪيو جو هن جي وقت ۾ هندو عورت ڊپٽي اسپيڪر هئي، جيڪا بہ ساڻن گهڻي سياسي لهہ وچڙ ۾ ايندي هئي، چاچا جو هندن سان اٿڻ ويهڻ مخالفن کي نہ وڻندو هو.

سوال: منزل گاهہ جي مسجد متعلق اوهان وٽ ڪهڙي ڄاڻ آهي؟

جواب: منزل گاهہ مسئلو خوام خواهہ (هرو ڀرو) اٿايو ويو هو جنهن جي وضاحت سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ۾ ڪئي آهي تہ منزل گاهہ مسئلو هٿرادو هو.

سوال: شهيد الله بخش جو محمد علي جناح جي راءِ سان اتفاق هو؟

جواب: محمد علي جناح جيڪو ان وقت ليڊر هو مسلم ليگ جو تنهن جسٽس طيب جي جي معرفت فون تي رابطو ڪيو. ان چاچا کي چيو تہ محمد علي جناح توهان سان اچي ملاقات ڪندو توهان وقت ڏيو. تنهن تي چاچا ڪيس چيو تہ توهان محمد علي جناح کان ٽائيم پڇو مان پاڻ هليو ايندس. ان کانپوءِ چاچا ۽ محمد علي جناح جي ملاقات اڍائي ڪلاڪ هلي جنهن ۾ هنن ٻنهي جو اتفاق نہ ٿي سگهيو. ان کانپوءِ وري ٻيهر ساڳي نموني جسٽس طيب جي فون ڪيو تہ اوهان سان محمد علوي جناح ملڻ چاهي ٿو توهان جي جڳهہ تي توهان ٽائيم ڏيو. ساڳي طرح چاچا پاڻ هليو ويو ۽ محمد علي جناح سان مليو. هن دفعي جو

هنن جو بہ قومي نظريي سان اتفاق نہ ڪيو. چاچا بہ قومي نظريي ڪي سنڌ لاءِ هاچيڪار عمل سمجهيو تنهن ڪري هن جو محمد علي سان ناهہ نہ ٿي سگهيو. پوءِ چاچا جي مخالفت ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ وارن ڪي ڇڏيو ويو تہ الله بخش جي مخالفت ڪيو. ان ڪانپوءِ سائين جي ايم سيد مخالفت ۾ رت آندي ۽ ان کان علاوه مسلم ليگ جي ڪارڪنن مسجد منزل گاهہ جو مسئلو هرويرو کڙو ڪيو. مسلم ليگ هر اهو عمل ڪيو جو چاچا کي نقصان پهچائي سگهجي. ان وقت مسلم ليگ جو ڪرتو ڌرتو سائين جي ايم سيد هو ان وقت سر غلام حسين هدايت الله، محمد ايوب کهڙو ۽ پير علي محمد راشدي جي حيثيت نہ هئي. راشدي کي انگريزن ان ڪري سپورٽ ڪئي جو انگريزن راشدي کي چيو تہ راشدي خاندان جي گادي جو حق تنهنجو آهي. پر تنهنجي پيءُ جي ڪري، پير صبغت الله راشدي پير پاڳارو آهي.

سوال: گهر ۾ الله بخش کي اوهان ڪيئن ڏٺو؟

بابا چاچا جو سب آرڊينيٽر هيو. چاچا کي 1937ع ۾ چيو هيائين تہ ٻارن کي جيڪڏهن پڙهائڻو آهي تہ هتان شفٽ (منتقل) ٿيڻو پوندو، هتي ماستر بہ گهٽ آهن. اسان هڪ ئي گهر ۾ رهندا هئا سون، بابا ۽ چاچا جا ڪمرا جدا جدا هوندا هئا. هڪ وڏو هال هئو جيڪو اڄان تائين آهي، امان وڏي چاچا ۽ بابا جو خيال رکندي هئي ۽ رات جو در کڙڪڻ مهل بہ انهن کي چوندي هئي تہ دروازي تي ويجو متان ڪو هاجت مند هجي. چاچا نماز جو پابند هو ۽ امان وڏي جي اڳيان نہ ڳالهائي سگهندو هو چاچا جنهن وقت چيف منسٽر هيو تہ امان وڏي ڪيس دڙڪا ۽ داپا بہ ڏيندي هئي.

# هڪ ليڊر جي جھلڪ

ڊاڪٽر يونس حيدر سومرو

شهيد الله بخش سومرو سنڌ جو اهو ڪردار آهي، جنهن کي تاريخ ۾ هميشہ دودي جي روپ ۾ ياد ڪيو ويندو. هو سنڌ جو اهڙو باغي ڪردار جنهن انگريزن سان اکيون اکين ۾ ملائي انهن کي پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ لاءِ چيو. جيڪي وڏيرا جن لقبن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزن جا بوٽ پالش ڪندا هئا هن شخص اهي سڀ حاصل ڪيل عهدا انگريزن کي ٺڏي واپس ڪري ڇڏيا ۽ انگريزن کي چيو تہ سنڌ ڌرتي تان هليا وڃو. شهيد مئٽرڪ پاس هو پر تمام ذهين هو قدرت واري ان کي سٺي ڏات ڏني، اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن. هن جي پرسنل لائيف ۾ تمام سادگي هئي هو بہ دفعا وزير اعظم ٿيو پر ڪڏهن بہ پاڻ ۾ آڪڙ محسوس نہ ڪيائين نہ وري پون پان سان هليو ڪڏهن بہ پنهنجي گاڏي تي جهنڊي نہ هيائين. جنهن سان بہ ملندو هو ان کي پنهنجو دوست ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجي ڏاڏي جون ڳالهيون بہ ٻڌيون ڪجهہ شهيد تي لکيل ڪتاب بہ پڙهيا ۽ ماڻهن جون ڳالهيون بہ ٻڌيون جنهن مان لڳي ٿو تہ تمام وڏو ماڻهو هو. 16 سال عمر کان وٺي شهادت تائين نماز جو پابند رهيو. سيڪيولر قسم جو ماڻهو هو. مذهبي انتهاپسندي جي خلاف هو پاڻ سادي ماني کائيندو هو پر مهمانن کي سٺي اعليٰ قسم جي ماني کارائيندو هو سخي مرد هو هن جي سخاوت اڄ بہ مشهور آهي. هن جي گهر ۾ مهمانن لاءِ ٽئي ٽائيم ماني تيار هوندي هئي. ايماندار هو ايمانداري جي ڪري انگريز مجبورن هن کي ٺيڪا ڏيندا هئا. انگريزن کي يقين هو تہ هي ملاوٽ نہ ڪندو ۽ ڪرپشن جو مخالف آهي، پنهنجي جتي بہ زمينداري هيس اتي هارين لاءِ روڊ ٺهرائي ڏنائين. شهيد پنهنجي حڪومت ۾ سٺا ڪم ڪيا. هن آفيسن ۾ وڏيرن جاگيردارن لاءِ مخصوص ڪرسيون ختم ڪرايون جيئن عام ماڻهو ۽ وڏيري ۾ ڪو بہ فرق نہ هجي. هارين

جون ڪانفرنسون ڪوٺائي هارين سان گڏجي ويٺو هارين ۽ پاڻ ۾ ڪوبہ فرق نہ رکيائين. الله بخش جي والد محمد عمر کي 5 هزار جريب زمين هئي جنهن محنت ڪري پنهنجي ملڪيت کي وڌايو ۽ پنهنجو نالو ايترو ڪمايو جو سنڌ جي ٻچي ٻچي جي وات ۾ شهيد جو نالو هو. هو بااخلاق ۽ پرخلوص ماڻهو هو هن جي سنڌ سان ايتري محبت هئي جو هن پنهنجي زندگي بہ سنڌ لاءِ ارپي ڇڏي. سنڌ جو اهڙو ڪردار هيو تہ جي ايم سيد بہ قبر مٿان اچي چيو تہ "الله بخش تون صحيح هئين ۽ اسان توکي سمجهي نہ سگهيا سين". سڄي سنڌ جي لوڪل باڊيز جي گڏجاڻي گهرائي سکر بئراج ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪرايائين هن کي خبر هئي تہ سنڌي ماڻهن جي وڌ کان وڌ ضرورت بئراج جي آهي، هن بئراج جي پيئمنٽ بہ جلد ئي ڪرائي جنهن تي انگريز بہ مٿس ناراض ٿيا هئا پر انهن سان بہ مهاڏو اٽڪايو هيائين اتري قدر جو جي ايم سيد بہ ان کي ڇڏي ويو هو پر هن جي ايم سيد کي چيو تہ " جي ايم سيد ڪا ڳالهہ ناهين جيڪڏهن تون ڇڏي ويندي تہ پل ڇڏ پر انگريزن جي هر ڳالهہ ناهي مڃڻي، اسان کي هنن کان پنهنجي جند آجي ڪرائڻي آهي". پاڪستان جي ٺاهڻ لاءِ شهيد سان ڪيترائي ڀيرا محمد علي جناح مليو پر شهيد بار بار اهو پئي چيو تہ سنڌ کي ڇا ملندو اڳتي هلي هن جي ايم سيد کي بہ چيو هو تہ جيڪو پاڪستان تون ٺاهڻ چاهين ٿو ان جي مخالفت بہ تون ئي ڪندين اڄ پاڪستان ۾ جيڪو وهي واپري ۽ جيڪو ڪجهہ سياسي طور تي ٿئي ٿو اهي سڀ ڳالهيون هو ڪري ويو هو.

# هڪ مدبر سياستدان

حمير سومرو

الله بخش جي سياسي سوچ انسانيت تي ٻڌل هئي،هو مذهبي انتهاپسندي خلاف هو ۽ ذاتي طور تي اسلام جو پابند ۽ گهروارن کي اسلام جي احڪامن تي عمل لاءِ پابند ڪرائيندو هو پر ورلڊ ڪلاس جو ماڻهو هو. هن جي سوچ مذهبي انتهاپسندي جي خلاف هئي، هن هندو مسلمان سک عيسائي سڀ کي ايڪي ۽ ٻڌي جي حساب سان هلائڻ پئي چاهيو.

الله بخش جيڪا سوچ ان زماني ۾ رکي جيڪڏهن ان تي عمل ٿي ها ته اڄ پوري دنيا اندر مذهبي انتهاپسندي کي هٿي نه ملي ها ۽ دنيا پرسڪون هجي ها ۽ پاڪستان به خود سڪون سان هلي ها، دنيا توڙي پاڪستان اندر وڏو مسئلو مذهبي انتهاپسندي آهي. الله بخش پنهنجي سياست جي شروعات دوستن ۽ مڊل ڪلاس جي ماڻهن سان ڪئي، جاگيرداري سوچ کان تمام گهڻو پري رهيو هو عام ماڻهن سان ملڻ جلڻ ۾ عار محسوس نه ڪندو هو. هو غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي تمام ويجهو هو ۽ غريب ماڻهن جي ڪم اچڻ سان پنهنجي خوشي محسوس ڪندو هو ان ڪري الله بخش هميشه سياست ۾ ڪاميابي ماڻي.

الله بخش کي شهيد ڪرائڻ ۾ بين القوامي سازش ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته الله بخش جي زماني ۾ اها نشاندهي ٿي چڪي هئي ته دنيا ۾ ٽئين نمبر تي سنڌ هئي جنهن ۾ تيل جا ذخيرا موجود هئا ۽ آهن، اهڙو ڪوتائي جو معاهدو الله بخش جي ئي زماني ۾ ٿيو الله بخش ان زماني ۾ سنڌ جو واحد سياسي مدبر سياستدان هو جنهن جي سياست جو محور رڳو سنڌ هئي.

الله بخش جي شهادت کانپوءِ اسان جي وڏن پاڪستان جي اندر سياست ڪئي ۽ الله بخش جي ان ڇيپٽر کي اڳتي نه وڌايو ڇاڪاڻ ته پاڪستان ٺهي چڪو ۽ قائداعظم محمد علي جناح ملڪ جو گورنر ٿي چڪو هو رحيم

بخش صاحب الله بخش جون بہ شيون هٿ ۾ ڪنيون هڪ مهمانوازي ۾ ٻيو دوستن سان نڀائڻ ۾ انهن سان رابطو رکڻ، ڏک سک ۾ گڏ رهڻ اهڙي عمل ڪرڻ سان حاجي صاحب زندگي ۾ ڪافي ڪاميابي ماڻي ورتي. اڄ اسان جي فيميلي ۾ گهڻا ماڻهو وڏي ويا آهن ڪي پنهنجن دروازن ڪان حڪومت ۾ اچي ويا آهن مون ڪي سياست ڪرڻي تہ آهي نہ ئي منهنجو سياست سان ايترو چاهہ آهي اسان جي فيملي جو سڀ ڪان وڏيڪ سياست ۾ ناڪامي جو سبب دستر خوان جو بند ٿيڻ ۽ دوستن سنگت سان ملڻ جلڻ رابطو رکڻ جو فقدان آهي. جيڪڏهن اڄ بہ اسان جي فيميلي سياست ڪرڻ چاهي ٿي تہ دستر خوان ۽ ماڻهن سان ، دوستن، همدردن ۽ مددگارن سان رابطي ۾ رهڻ گهرجي ۽ انهن جي ڏک ۽ سک ۾ ڪم اچڻ سان ئي يقينن ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿي . اسان جي شهيد الله بخش جي سياسي (سوچ) Vision سون سالن تائين هو هن ماڻهو ڪي ان وقت ڪنهن بہ نہ سمجهيو تنهنڪري سنڌ ڪي ڪافي سهڻو پئجي ويو الله بخش جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن الله بخش ڪي سنڌ ۽ هند ۾ مڪمل پذيرائي ملي ان جي ويجهن ماڻهن ۾ مهاتما گانڌي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي جهڙا ماڻهو هئا سنڌ ڪي هاڻي الله بخش جهڙي ماڻهو ملڻ جهڙا صدين ڪان انتظار ڪرڻو پوندو خدا سنڌ ڪي اهڙو ماڻهو هن صدي ۾ ڏئي.

هن وقت اسان جي فيملي ڪي پاڪستان جي سياست ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح سان وڏا عهدا مليا انهن پنهنجو وقت دوستن سان وڏائڻ بدران، ماڻهن ڪان پري گذاريو جنهن ڪري هن وقت ڏاڍيون ڏکايون پيش اچي رهيو آهن.

مان مايوس ناهي پر پراميد آهيان جيڪڏهن اسان جي فيملي جا جيڪي ماڻهو سياست ڪرڻ چاهين ٿا تہ اهي عوام سان ملي جلي وڃن دوستن ۽ حلقن جي ماڻهن ڏانهن هٿ وڌائين انهن جي ڪم اچن، سنڌ ۽ پاڪستان ۾ ڪين سٺي موٽ ملندي.

# ڪريم بخش خالد جي مقالي تان ڪنيل چونڊ ٽڪرا

(ڇپيل مضمون شهيد الله بخش سومرو ماهوار سرت شمارو 6_5 مئي جون 1990ع)

1. شهيد الله بخش سومرو سنڌ جي سياست جي اهڙي مظلوم شخصيت آهي، جنهن کي سندس زندگيءَ ۾ ناڪرده گناهن جي پاداش ۾ ستايو ويو اذيتون ڏنيون ويون ۽ ذلت ۽ رسوائيءَ جا سامان پيدا ڪيا ويا. مگر جڏهن هن مرد مجاهد ۽ سچي سورهيه اصولن تي سوديبازي نه ڪئي. ناحق جو ساٿ نه ڏنو ۽ آڻ نه مڃي. تہ ڪيس قتل ڪيو ويو. ج ن مورکن اهو ڪڏو ڪم ڪيو تن اهو نه سمجهيو ته اهو موت ابدي زندگيءَ جي نويد هئي. شهادت مرد جو شيوه آهي ۽ مسلمان لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪا به سعادت ڪانهي. (ص_65)

2. 1935ع هيٺ سنڌ جي علحدي صوبي قائم ڪرڻ لاءِ برطانيه سرڪار جي طرفان ”آرڊر ان ڪائونسل“ 23 جنوري 1936ع تي جاري ٿيو جنهن موجب پهرين اپريل 1936ع کان سنڌ کي جدا صوبو بنايو ويو. (ص_66_67)

3. بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ واري زماني ۾ هن جيڪا حيثيت ۽ شهرت حاصل ڪئي هئي سا سندس ٻين هموطنين ۽ رفيقن کي نه پائتي. هو سندس غير معمولي ذهانت کان ڊنا ٿي. سندن دلين تي اهو تاثر ويٺل هو ته جيسين الله بخش سنڌ اسيمبلي ۾ موجود آهي، تيسين هنن جو اُسرڻ مشڪل آهي ۽ وڏيرڪي سياست جو اثر رسوخ ناممڪن آهي. (ص_67)

4. پنهنجي دوست وڏيري علي نواز ڪلهوڙي کي چيو هئائين ته ڪو روشن خيال عالم دين هجي، جيڪو کيس قرآن مجيد جو تفسير پڙهائي، چنانچه سنڌ ۾ شاهه ولي الله دهلوي جي فلسفي ۽ فڪر جي ڄاڻو ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي امانتدار شاگرد، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ کي ان نيڪ ڪم لاءِ منتخب ڪيو ويو جيڪو مدرسه دارالسعادت (گورو پهوڙ) ۾ ان وقت استاد هو. اهو انتخاب

خوب ۾ سومري صاحب جي ذهني رجحان جي عين مطابق هو. (ص_68)

5. سياسي طور ناڪام ٿيڻ يعني اسيمبليءَ ۾ بي اعتمادي جي رٿ رد ٿيڻ ڪانپوءِ، الله بخش جي مخالفن، مذهب جي بہ ڌاري ترار هٿ ۾ ڪئي، ڪيس للڪاريو. سنڌوءَ جي ڪناري، جڙتو ساڌ ٻيلي جي سامهون هڪ وسيع ميدان ۾ اڪبري دور جون ڪي بوسيده عمارتون مسلمانن جي عظمت رفتہ جي يادگار طور فڪر ۽ عبرت جي دعوت ڏيئي رهيو هيون. سرڪار انهن عمارتن کي غير مذهبي ڪمن لاءِ استعمال ڪندي هئي جهڙوڪ تيل جو ڊيپو يا آبڪاري جو گدام وغيره. هڪ عمارت جي اڏاوت اهڙي هئي جو ڪوبہ شخص خاطريءَ سان چئي نہ ٿي سگهيو تہ اها مسجد آهي يا ڪو تفريح گاهہ بهرحال مرحوم سيد ڪرم علي شاهہ سکر شهر جو هڪ معزز بااثر ۽ دينداري پنجابي مسلمان هو. جنهنجو پنهنجو ۽ سندس ساٿين جو خيال هو تہ اها عمارت مسجد آهي. ان ڪري هن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ منزلگاهہ جي عمارتن تان سرڪاري قبضو ختم ڪري، انهن کي مسلمانن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ انهيءَ مطالبي مڃائڻ لاءِ هو هر سال بمبئي ڪائونسل جي اجلاس جي موقعي تي وفد وٺي، سنڌ جي مسلمان ميمبرن جي معرفت تحريڪ هلائيندو هو. انهي سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ دلچسپي خانبهادر الله بخش وٺندو هو ۽ وفد کي واسطيدار آفيسرن سان ملائڻ ۾ سندن مدد ڪئي. بهرحال انهي ڪوشش مان ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو تان جو سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي فيصلي کان پوءِ وفد کي چيو ويو تہ هاڻي سنڌ سرڪار ان مسئلي جو اڪلاءُ ڪندي (ص_76)

6. 1938ع ۾ جڏهن الله بخش وزيراعليٰ ٿيو تہ پهرين هفتي ۾ ئي وٽس جيڪي فائيل آيا تن ۾ بمبئي ڪائونسل مان منتقل ٿيل ڪاغذن ۾ منزل گاهہ جي باري ۾ يادداشتن وارو فائيل بہ هو جنهن تي نوٽ لڳل هو تہ مسلمانن سان ڪا لڪپڙهہ نہ ڪجي. خانبهادر ان فائيل تي لکيو تہ منزل گاهہ مسجد آهي. ان ڪري ان کي سکر جي مسلمانن جي حوالي ڪرڻ گهرجي. (ص_77)

7. هن ئي مسئلي(مسجد منزل گاهہ)تي ۽ الله بخش جي ئي برخلاف سنڌ ۾ پهريون دفعو"اسلام خطري ۾"جو نعرو بلند ڪيو ويو. پنجاب جا پيشہ ورمهم جو ۽ ايجيٽيشن ڪرڻ جا ماهر بہ اچي ساٿن شامل ٿيا."هندو نوازي"۽ مسلم دشمني جون فتوائون جاري ٿي ويون ۽ ڪي ابوجهہ سر ڦريل مسلمان واقعي الله بخش کي قتل ڪري،جنت ۾ دخل ٿيڻ جو پروانو وٺڻ لاءِ بيتابيءَ سان سندس تلاش ۾ هئا. ڪيس ڪن دوستن ذاتي حفاظت لاءِ هٿيارن کڻڻ ۽ پهري رکڻ جي

صلاح ڏني،پر هن کي ڳالهہ تاري چڙي

پهرين آڪٽوبر 1939ع تي ٽرين ذريعي خان بهادر الله بخش بہ سکر پهتو ۽ سيتاگرهي ليڊرن سان مليو ڪين چيائين تہ مان اڄ رات ئي واپس ڪراچي ويندس ۽ ٻئي ڏينهن وزارت جي ميٽنگ ڪري هن مسئلي جو فيصلو ڪندس. مان، سر غلام حسين ۽ پير الاهي بخش ٽي مسلمان وزير آهيون ۽ باقي فقط هندو وزير نهچلداس آهي ان ڪري ڪا ڏکيائي نہ ٿيندي جي اهو منظور ناهي تہ پوءِ سول دعوي داخل ڪريو. توهان جي مرضيءَ وارو جج مقرر ڪندس پر دعوي مدي خارج نہ ٿئي،ا ن لاءِ اول مونکي سول ڪوڊ ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ اسيمبليءَ جو خاص اجلاس ڪوٺائڻو پوندو. ٻاهہ جو ٽيون شرط هو تہ ٻہ امين مقرر ڪيا وڃن هڪ هندو هڪ مسلمان. هندو امين انهيءَ ڪري جو هنن هن معاملي ۾ مداخلت ڪئي آهي. (ص77_78)

پر مذهبي جوش جي جنون تي عقل ۽ منطق جو ڪمند وجهڻ مشڪل هوندو آهي. الله بخش جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڪو وزن نہ ڏنو ويو.ان ڪري هو هزارها ماڻهن جي بي لغام هجوم ۾ ڪاهي پيو. موٽر ڪار جي هوڊ مٿان چڙهي،قرآن شريف هٿ ۾ کڻي، مشتعل مسلمانن کي ماٺ ڪري موٽي گهرن ڏانهن وڃڻ جي دعوت ۽ تلقين ڪرڻ لڳو. جيءَ مان بہ اوهان جهڙو مسلمان آهيان.منزل گاهہ مسجد آهي ۽ چاهيان ٿو تہ اها مسلمانن جي حوالي ڪجي ۽ يقينن حوالي ڪئي ويندي،البت ڪنهن مناسب ۽ قانوني طريقي سان ۽ نہ قانون جي ڀڃڪڙي ۽ سول نافرماني سان عام مسلمان، جيڪي الله بخش جي خون جا پياسا هئا، ۽ انهي وقت هن جي خلاف جوشيلا نعرا هڻي رهيا هئا، سي سندس اوچتي اچڻ ۽ بي خوف ٿي تقرير ڪرڻ تي عدم بخود رهجي ويا، نہ مٿس حملو ڪيائون، نہ نعرا هنيائون ۽ نہ ئي سندس تقرير ۾ ڪو رخنو وڌائون. پر الله بخش جيڪو چاهيو ٿي، سو ٿي نہ سگهيو ڇو تہ اها ويل وري ويئي هئي، ساعت ساڪت ٿي چڪي هئي ۽ هو مجرمانہ غفلت جو شڪار ٿي چڪو هو. (ص_ 78)

(ڪريم بخش خالد، مضمون شهيد الله بخش سومرو،ماهوار سرت ڪراچي، شمارو 6_5 مئي جون 1990ع)

# سنڌ جو سورهيه سپوت

## خانبهادر شهيد الله بخش سومرو

ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو

عالم حيات ۾ انساني زندگي جا اقدار انسان کي پنهنجي منزل جي بلندين تائين پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. جنهن جو اندازو ڪرڻ بيهد مشڪل آهي. اهڙين گرانقدر منزلن تي پهچڻ لاءِ انسان پنهنجي اندر جون سموريون سوچون ۽ صلاحيتون استعمال ڪري، زندگي جو سنگلاخ سفر پورو ڪري ٿو.

هيءَ هڪ بصيرت آهي، جنهن سان انسان، ٻئي انسان کي اصلي روپ ۾ ڏسي ٿو ۽ ان جي پرک ۽ پروڙ بہ ڪيدي ٿو.

اهڙن اهل بصيرت انسان مان سنڌ جو سورهيہ سپوت خانبهادر شهيد الله بخش سومرو بہ هڪ آهي، جنهن جو تعلق شڪارپور شهر سان آهي.

"شڪارپور" جو شهر، سنڌ جي سرزمين جو اهو هڪ مردم خيز خطو آهي، جنهن جي شهرۃ، آفاق عظمت ۽ اهميت، تاريخي حيثيت رکي ٿي، جنهن تي اڄ بہ هر ذي شعور فرد کي فخر آهي.

هيءَ اهو شهر آهي، جنهن هر دور ۾ علماءِ ڪرام، صوفياءَ ڪرام، مدبر، سياستدان، قومي آزادي جا علمبردار، سماجي ڪارڪن، عادل، مخير، اديب، ليکڪ، محقق، شاعر، نقاد، مفڪر، مصور، دانشور، هنرمند، حڪيم، فلسفي، تاجر، صنعت ڪار، ڪاتب، معلم، مدرس پيدا ٿي ڪيا آهن. جن پنهنجي خدا داد لياقت سان عظيم ڪارنامہ ڇڏيا آهن، جيڪي پڻ شڪارپور جي تاريخ جو سونهري باب آهن.

شڪارپور جي تاريخ جا ورق ثابت ڪن ٿا تہ قديم دور کان جديد دور تائين هر شعبہءِ حيات ۾ اعليٰ صلاحيت ۽ مهارت رکندڙ غير معمولي صلاحيت جا مالڪ رهندا آيا آهن. جن پنهنجي سياسي تدبر، حسن و اخلاق سان قوم ۽

ملڪ جي آزادي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي.

هر دور پنهنجي نوع ۽ نزاڪت سان گذريندو رهيو آهي. هر دور ۾ قوم ۽ ملڪ کي سنيالڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن عظيم شخصيت جو وجود سعيد ضرور پيدا ٿيو آهي. اهڙين عظيم شخصيتن مان خانبهادر شهيد الله بخش خان سومرو جي شخصيت شڪارپور جي تاريخ ۾ خصوصن ۽ هندستان جي تاريخ ۾ اوليت رکي ٿي. هن جي سياسي بصيرت جو اهو ڪمال هو جو سندس فڪر ودانش، فهم و فراست، سنڌ خواهہ هند جي سياست تائين محدود نہ هئي. پر فرنگي سياست جي گهراين تائين پهچي. ان کي بي نقاب ڪرڻ واري اعليٰ ذهانت ۽ صلاحيت وٽس موجود هئي.

**تعارف:** سومرا خاندان جو هي چشم و چراغ، پ نهنجي مورث اعليٰ الله بخش سومرو سان تعلق رکي ٿو. هيءَ شاخ، سنڌ جي سپوت، بهادر حاڪم دودو دولهہ (ٽيون)(1332ع-1354ع) خاندان مان آهي. جنهن کي اڄ تائين 650 سال ٿين ٿا. هن خاندان جو موءرثِ اعليٰ الله بخش خان سومرو هجرت ڪري شڪارپور ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. ان وقت شڪارپور تي ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. هن خاندان جا پويان تاحال شڪارپور ۾ مقيم آهن.

خانبهادر الله بخش بن خانصاحب حاجي محمد عمر بن رحيم بخش بن الله بخش (اول) سومرو سن 1900ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سندس والد بزرگ، خانصاحب حاجي محمد عمر صاحب کيس مئٽرڪ تائين تعليم ڏياري. ان کان پوءِ پنهنجي والد صاحب سان گڏ ٺيڪيداري ۽ زمينداري جي ڪمن ۾ حصو ورتو ۽ ان سان گڏ تاريخ جو مطالعو بہ ڪندو رهيو. تاريخ جي مطالعي مان کيس اهو درس مليو تہ آزاد ۽ ترقي يافتہ ملڪن جي ڀيٽ ۾ پنهنجي ملڪ جي حالت پس مانده ۽ غلام هئي. هن اهو بہ محسوس ڪيو تہ پنهنجي ديس جي ڌرتي ڪيترين صدين کان ٻاهرين ڪنگال قوتن جي يلغارن، ظلم ۽ ستم جو شڪار بڻيل رهي آهي.

تاريخ جي حوالي سان هن کي اهو بہ محسوس ٿيو تہ سنڌ تي تاتاري، مغلن ۽ قنڌار جي ارغونن جي يلغارن ۾ سنڌ جي قومي جانبازن ڪيترو حصو ورتو ۽ ڪين قتل ڪيو ويو. گهٽائي کي (گهاٽن) ۾ پيڙايو ويو. ڦاسين تي لٽڪايو ويو. ان وقت جي مفتين ۽ قاضين کي بہ ڪيئن قتل ڪرايو ويو ۽ ڪين سخت ترين عقوبتون ڏيئي ڪين قتل ڪرايو ويو. جيئن تہ سنڌ جي تاريخ اهڙن خوني انقلابن ۽ سيلابن سان ڀريل رهي آهي جنهن تي پردي ڏيڻ بدران ڪليل ذهن سان

لکيو وڃي تہ بهتر آهي.

خانبهادر الله بخش سومرو اهڙن واقعن کان بہ خوبي واقف هو ۽ سنڌ سامهون فرنگي جابر حڪومت موجود هئي. انقلابي ويڙهہ جو آغاز ٿي چڪو هو. سن 21ع ۽ 22ع ۾ خلافت، هجرت، تحريڪن ۽ ڪانگريس جي هلچل جو زمانو هو. سن 1919ع ۾ ڪشمير ۾ امرتسر جي جليان والا باغ ۾ 13 اپريل 1919ع تي ان وقت جي گورنر جنرل ڊائر جي حڪم تي گوليون هلايون ويون. هن واقعي هندستان جي بنياد کي لوڏي ڇڏيو. هن واقعي خانبهار الله بخش سومرو کي گهڻو متاثر ڪري ڇڏيو.

خانبهادر الله بخش سومرو پنهنجي سياسي ڪردار جي شروعات سن 1923ع کان ڪئي. جيڪب آباد ميونسپالٽي جو ميمبر ۽ ضلع سکر جي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو ميمبر چونڊيو ويو.

سن 1926ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. سنڌس مقابلو خانبهادر آغا جان محمد خان پٺاڻ سان هو. (هيءُ صاحب سلطان ڪوٽ جو رهندڙ هو) جنهن کي شڪست ڏنائين. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي مسلمانن جو ليڊر سر شاهنواز خان ڀٽو هو. جنهن سان خانبهادر الله بخش سومري گڏجي ڪم ڪيو.

سن 1928ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ سکر جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. سن 1931ع ۾ جيڪب آباد ۾ سنڌ جي لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽن ۽ چيف آفيسرن جي گڏيل ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ هن لوڪل بورڊ جي اختيارن ۾ سڌارن بابت ڪيترائي ٺهراءُ پاس ڪرايا.

انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ جي مسلمان سياستدانن جي ڪانفرنس سر عبدالله هارون جي صدارت ۾ ڪوٺائي. جنهن ۾ خانبهادر الله بخش سنڌ کي بمبئي کان الڳ صوبو ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايا.

سن 1934ع ۾ جي ايم سيد جي رهائش گاهہ تي ”پيپلز پارٽي“ قائم ڪئي ويئي، جنهن جو ليڊر، سرشاهنواز ڀٽو ۽ ڊپٽي ليڊر ميران محمد شاهہ کي چونڊيو ويو.

سن 1935ع ۾ انڊيا ائڪٽ پاس ٿيو. هن ائڪٽ جي آڌار تي برٽش حڪومت طرفان تاريخ 20 جنوري 1936ع کان سنڌ کي جدا صوبو بنايو ويو ۽ سنڌ صوبي جو پهريون گورنر سر لانسيلاٽ گرهام مقرر ٿيو جنهن کي 25 صلاحڪار ميمبرن جي ڪائونسل ڏني ويئي.

7 فيبروري 1937ع تي عام چونڊون عمل ۾ آيون. مذڪوره چونڊن ۾

سر شاهنواز ڀٽو سر حاجي عبدالله هارون هارائي ويا ۽ خانبهادر الله بخش سومرو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو.

27 اپريل 1937ع تي سنڌ اسيمبلي جو اجلاس ٿيو. هن اجلاس ۾ سر غلام حسين سنڌ جو وڏو وزير منتخب ٿيو.

سن 1936ع ۾ "اتحاد" پارٽي قائم ٿي، جنهن جو ليڊر سر شاهنواز ڀٽو ۽ ڊپٽي ليڊر سر عبدالله هارون هئا. خانبهادر الله بخش به "اتحاد پارٽي" ۾ شامل ٿيو. سر غلام حسين جي گروپ ۾ فقط 5 پنج ميمبر هئا. سنڌ جي گورنر سر لانسيلاٽ گرهام، سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ جي دعوت ڏني ۽ اڪثريت واري پارٽي کي نظرانداز ڪيو ويو. جنهن ڪري اهو گروپ پارٽي ڇڏي ويو. ان کان پوءِ سر غلام حسين وٽ 9 نو ميمبر باقي بچيا هئا.

"اتحاد پارٽي" خانبهادر الله بخش سومرو کي ليڊر ۽ محمد هاشم گزدر کي ڊپٽي ليڊر مقرر ڪري، حزبِ اختلاف ۾ ويٺا. هن مخالفت جي دور ۾ اتحاد پارٽي ۾ ڪانگريس سنڌ، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪانفرنسون ڪوٺايون. هن پروگرام ۾ خانبهادر صاحب وڏي دلچسپي ڏيکاري. ڳوٺ ڇڪ ۾ ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ خانبهادر سٺو حصو ورتو.

مارچ 1938ع ۾ بجيٽ جي موقع تي "هڪ رپيو ڪٽ" جي ٺهراءُ تي سر غلام حسين جي حڪومت ختم ٿي ويئي ۽ خانبهادر الله بخش سنڌ جو وڏو وزير مقرر ٿيو. هن جي اتحاد ۾ "اتحاد پارٽي" "ڪانگريس ۽ هندو آزاد" پارٽي موجود هيون.

تاريخ 8 ۽ 9 آڪٽوبر 1938ع تي حاجي عبدالله هارون "اتحاد پارٽي" کان ناراض ٿي مسلم ليگ ۾ وڃي شامل ٿيو. هيءُ ڪانفرنس محمد علي جناح جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ هندستان جا مسلم ليگي اڳواڻ شامل هئا.

تاريخ 11 آڪٽوبر 1938ع تي حاجي عبدالله هارون جي جاءِ تي مسلم ليگ جو اجلاس ٿيو هن اجلاس ۾ مسلم ليگي اڳواڻن ۽ ليڊرن خانبهادر الله بخش کي مِنت ميڙ ڪئي ته مسلم ليگ ۾ اچي.

ٽن ڏينهن کان پوءِ 14 آڪٽوبر 1938ع تي سنڌ اسيمبلي جا ميمبر اچي گڏ ٿيا سيني ميمبرن کان مسلم ليگ پارٽي جي "عهدنامي" تي صحيون ورتيون ويون. ان کان پوءِ سوال پيدا ٿيو ته سنڌ ۾ ليڊر جي نئين سر چونڊ ڪئي وڃي. ان تي خانبهادر الله بخش ۽ طرفدارن اعتراض اٿاريو ته پنجاب ۽ بنگال ۾ جڏهن اڳيون وزارتون بحال رکيون ويون هيون ته پوءِ سنڌ ۾ نئين ليڊر جي

کھڙي ضرورت هئي. هن اعتراض تي صلح ٿئي پيو ان کان پوءِ مسلم ليگ کليل مخالفت شروع ڪئي. هن اجلاس ۾ سر غلام حسين کي ليڊر ۽ مير بنده علي کي ڊپٽي ليڊر چونڊيو ويو. سائين جي ايم سيد کي عدم اعتماد جي رٺ اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اسيمبلي ۾ عدم اعتماد جي رٺ پيش ڪئي وئي. خانبهادر الله بخش جي حڪومت ستن ميمبرن تي ٽٽي وئي ۽ محمد ايوب کهڙو کي ليڊر چونڊيو ويو.

سال 1939ع ۾ مسلم ليگ" مسجد منزل گاهه"سکر جي مسلمانن کي واپس ڪرڻ لاءِ هٺ ۾ ڪنيون. مگر هن ڏس ۾ هزارين ماڻهن کي جيل ۾ رکيو ويو پر مسلمانن زوري قبضو ڪري ورتو. هندن حڪومت تي زور آندو ته منزل گاهه هندن جي حوالي ڪيو وڃي. پر"منزل گاهه"جو قبضو جيڪڏهن هندن کي مليو ته "هندو مسلم" فساد پيدا ٿيندو ۽ ٿيو به ائين هندو مسلم فساد ڪرا ٿيا. مکيه ڪارڪنن کي قيد ڪيو ويو نئين مسلم ليگ حڪومت گهڻو وقت هلي نه سگهي.هندو پارٽي ۽ ڪانگريس جي ووٽن تي مسلم ليگ حڪومت ختم ٿي وئي.

سن 1941ع ۾ خانبهادر الله بخش سنڌ جو وڏو وزير مقرر ٿيو. تاريخ 29 سيپٽمبر 1942ع تي خانبهادر الله بخش سومرو سياست جي ٻه واٽي تي بيٺل هو. هڪ طرف مسلم ليگ سان شامل ٿئي ۽ حڪومت بچائي ۽ انگريزي پاليسي موجب قومي آزادي لاءِ وڙهندي مجاهدن تي سختي ڪندو رهي ٻئي طرف يا حڪومت ڇڏي وڃي.

هن ڪامريڊ پنهنجي فيصلو قومپرستن جي اڳيان رکيو. خانبهادر الله بخش سومرو قومپرستن جي حق ۾ احتجاج ڪندي پنهنجا لقب ۽ القاب, خانبهادر او بي اي وغيره تاريخ 26 سيپٽمبر 1942ع تي واءِ سراءِ هند کي هڪ خط ۾ لکي موٽائي موڪليا. ان تي گورنر سنڌ سندس وزارت کي ڊسمس ڪري ڇڏيو ۽ سندس جاءِ تي سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چيو سر غلام حسين مسلم ليگ جي شموليت سان حڪومت ٺاهي.

## سماجي ڀلائي جا ڪم

خانبهادر الله بخش سومرو وڏ وزارت کي خيرباد چئي شڪارپور ۾ رهيو. جتي قومي ۽ سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ مصروف رهيو. واضح رهي ته سماجي ڀلائي جا ڪم وزارت دوران ۾ ڪندو رهندو هو.

1. سن 1938ع ۾ شڪارپور ۾"وبا" جي بيماري پکڙجي وئي. هي مرد مجاهد

صبح کان شام تائين، شام کان صبح تائين هڪ هڪ در تائين پهچندو رهيو. پنهنجي آرام ۽ آسائش کان ٻاهر نڪري خلق خدا جي خدمت ڪندو رهيو. هن خدمت ۾ هر طبقي جي انسانن جي خاطر ڪندو رهيو. جنهن ۾ ڪوبہ امتياز ڪونہ هو.

2. خانبهادر وڏي وزير جي حيثيت ۾ مولانا عبيدالله سنڌي کي وطن ڏانهن اچڻ جي اجازت ڏني. جڏهن مولانا ڪراچي پهتو ۽ بندرگاهہ تي لٿو تہ ان وقت خانبهادر الله بخش سومرو سنڌس استقبال لاءِ حاضر هو. هن عمل تي سڄي هندستان مان کيس خراج تحسين مليو. پر انگريزي حڪومت جي نمائندن کي هيءَ ڳالهہ پسند ڪونہ آئي.

3. لنواري واري جڙتو ۽ ڪوڙي حج تي پابندي لڳائي ڇڏي.

4. سرڪاري خرچ گهٽائڻ لاءِ پنهنجي ۽ عملي جي پگهار 1500 رپين مان گهٽائي 500 رپيا ڪئي.

5. "اوم منڊلي" انساني اخلاق تي ڌاڙو هڻي شريفن جي عصمت کي چاڪ ڪري رهي هئي، ان تي بندش وجهي ان کي غير قانوني ادارو قرار ڏنو.

6. لوڪل بورڊن ۽ ميونسپالٽين مان ٽاڦيل کي خارج ڪري پبلڪ کي صحيح حقن استعمال ڪرڻ جي آزاد ڏني.

7. آرڊنري مئجسٽريٽن جو رواج ختم ڪري، عوام تان آزار ختم ڪيو ويو.

8. جيلن ۾ سڙارا آندا ويا، سياسي قيدي آزاد ڪيا ويا، ڪراڙا ۽ ڪمزور قيدي آزاد ڪيا ويا.

9. درٻارين جو پراڻو رواج ختم ڪيو ويو جنهنڪري ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن جي ڪرسين جا پروانا ختم ڪيا ويا.

10. قرآن بل پاس ڪرائي، قرآن مجيد جي حرمت کي بحال ڪيو ويو غيرمسلم تي قرآن مجيد جي اشاعت، طباعت ۽ تقسيم تي بندش وڌي ويئي.

## خانبهادر جو ذاتي ڪردار

1. خانبهادر الله بخش سومرو هٿ جو تمام ڪشادو هو. خيرات اهڙي نمونو ڏيندو هو جو ٻئي هٿ کي خبر نہ پوندي هئي.

2. هن وزارت جي سطحي اعزازن ۽ نمائشي پهلوئن کي ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪيو. سنڌس ڪار تي نہ جهنڊي هوندي هئي نہ وري سواري وقت رستا بند ٿيا.

3. نہ باوردي پوليس بيٺي، نہ وري پوليس جو گارڊ آف آنر ورتائين. سنڌس اعزاز ۾

نہ ڪا ڊنر ٽيندي هئي. نہ وري سواري وقت رستا بند ٿيا ۽ نہ وري ميونسپالٽي طرفان ڪا ائڊريس پيش ٿيندي هئي.
4. بدن تي عام سنڌي سادو وڳو ڍڪيندو هو.
5. سڀ ڪنهن سان نيڪي ۽ چڱائي ڪندو هو ۽ نقصان تہ دشمن کي بہ ڪونہ ڏيندو هو.
6. ڪڏهن بہ رشوت ڪونہ ورتائين. جنهن کي ڪجهہ ڏيندو هو تہ وري نہ پڇاريندو هو.
7. ضروري ڳالهيون پاڻ تائين محدود رکندو هو. پروسو فقط پاڻ تي ڪندو هو.
8. ذاتي طور نهايت سادو ۽ فقيرتن انسان هو. هندو توڙي مسلمان جو فرق ڪونہ رکندو هو. سندس دروازو هر هڪ ماڻهو لاءِ کليل رهندو هو.
9. سنڌ جو وڏو وزير هوندي مهمانن کي پاڻي پاڻ پياريندو هو. هيٺ زمين تي ويهي ڪچهري ڪندو هو.
10. صوم الصلوات جو پابند هو. روزانو پنج وقت نماز ادا ڪندو رهندو هو ۽ قرآن مجيد جي تلاوت ڪندو هو ۽ روزن رکڻ جو بلڪل پابند هو.
11. هن جي پيشاني تي ڪڏهن گهنج نظر نہ ايندو هو. سندس منهن تي سدائين مرڪ هوندي هئي جيڪا ڪنهن ناراض دوست کي بہ موهي وجهندي هئي.

## شهادت

خانبهادر الله بخش سومرو وزارت ڇڏڻ کان پوءِ شڪارپور اچي پنهنجي ڪاروبار ۾ مصروف ٿيو. تقريبا ڇهن مهينن گذرڻ بعد کيس خبر ملي تہ شڪارپور جي ٻاهران سنڌ واهہ جي پرسان هڪ بدعتي فقير اچي مقيم ٿيو آهي جيڪو عام ماڻهن کي بدعت جي راهہ تي هلڻ سيکاري ٿو.

تاريخ 14 مئي 1943ع صبح جو سوير هڪ ٽانگي تي چڙهي انهيءَ درويش جي اصلاح لاءِ وڃي رهيو هو. ساڻس بہ دوست غلام رسول جهلڻ ۽ نبي بخش قلپوٽو گڏ هئا. انهيءَ درويش جي ملاقات ڪرڻ کان پوءِ واپسي تي پوليس اسٽيشن سامهون پراڻي جيل جي شڪستہ ديوارين جي اوٽ مان بہ ماڻهو ريوالورن سان نڪتا، هڪڙي ماڻهو ريوالر جا 2 فائر ڪيا، جيڪي خانبهادر جي دل ۽ سيني تي لڳا ۽ ان وقت"الله اڪبر"جو آواز نڪتو ۽ پنهنجي نشست تان هيٺ ڪري پيو ۽ سندس منهن تي مرڪ اچي ويئي. ان وقت ئي دم ڏني جي حوالي ڪيائين.

شهيد الله بخش سومرو جي شهادت ڪو معمولي واقعو نہ هو. هن حال ۾

سندس وطن سوڳوار بڻجي ويو.

مون کي ياد آهي تہ سال 1971ع ۾ جڏهن آءُ پي ايچ ڊي ٿيسز لکي رهيو هوس، منهنجو گائيڊ حضرت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب هو. انهيءَ دور ۾ هڪ ملاقات ۾ مولانا صاحب مون کي ٻڌايو تہ پنهنجي ڳوٺ جو زميندار حاجي علي نواز خان ڪلهوڙو مون کي وٺڻ آيو(ان وقت آءُ مدرسي دارالسعادت گورو پهوڙ ۾ پڙهائيندو هوس.) تہ آءُ خانبهادر کي شاهہ ولي الله دهلوي جي فلسفي تي قرآن مجيد جو تفسير پڙهايان. جڏهن اسان بيئي ڄڻا شڪارپور پهتاسون تہ عين ان وقت خانبهادر الله بخش سومرو شهيد ٿي چڪو هو.

## انا لله وانا اليہ راجعُون

## شهادت متعلق معاصرن جا تاثرات

1. **پير علي محمد راشدي:** شڪارپور جي شمع اجهامڻ کان اڳ هڪ پڙڪو ڪاڏو هو. جنهن جو نالو الله بخش هو جنهن کي حرن جي ٽولي شهيد ڪيو هو. حرن کي ڏاهنس هيءَ شڪايت هئي تہ سندس زماني ۾ مارشلا لاڳو هو. جنهن دوران ماه مارچ 1942ع ۾ حڪومت خود پير صاحب پاڳارو کي ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو هو. اهڙيءَ طرح هن بهادر سنڌي سياستدان ۽ قومي ڪارڪن جي حياتي جا ڏينهن پورا ٿيا. پنهنجي خاندان مان هي ٽيون شهيد آهي.(1)

2. **سائين جي ايم سيد:** "مڙيئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي." افسوس! جو سندس جيئري ۾ هن سنڌ جي سپوت سورهيہ کي اسان ڪونہ سڃاتو. شال خدا تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ هو اسان لاءِ اتان دعاڳو هجي.(2)

3. **خان عبدالصمد خان اڇڪزئي:** الله بخش مرحوم سنڌ ۾ شاندار قومي هلچل شروع ڪئي، ايتري تائين جو ان تي پنهنجو سِرُ قربان ڪيائين. ان جو بنيادي پٿر "هندو مسلم" اتحاد ۽ غريبن ۾ پيلي جو ڪم هو.(3)

4. **مولانا ابوالڪلام آزاد:** جيڪڏهن قول فقط پنهنجي لاءِ جيئڻ ٿو تہ پوءِ تون قوم لاءِ هڪ مرده لاش آهين. پر جي تون قوم لاءِ مرين ٿو تہ پوءِ نہ فقط تون زندهہ آهين، بلڪ هزارن لکن لاءِ زندگي بخشڻ وارو آهين.(4)

---

(1) پير علي محمد راشدي،اهي ڏينهن اهي شينهن ياڳو پهريون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

2. جي ايم سيد،(مضمون)سنڌ جو دودو ثاني شهيد الله بخش سومرو،آزاد قاضي ساگر پبلشنگ هائوس ڪراچي 2000

3. لطف الله بدوي(مضمون)الله بخش جو سماجي ۽ سياسي ڪردار،روزانہ مهراڻ سالگرهہ نمبر

1962ع
4.برڪت علي"آزاد"سنڌ جو هيرو آزاد قاضي ساگر پبلشڪنگ هائوس ڪراچي صحفو 73ـ 76
5.اي جي اتم(مضمون).شهيد الله بخش سومرو ايضا صحفو 63ـ68
6.ڪريم بخش خالد(مقالو)شڪارپور صدين کان ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو ڊسٽرڪٽ هاسٽاريڪل سوسائٽي شڪارپور 1988ع
7.ڪريم بخش خالد(مضمون)شهيد الله بخش سومرو ماهوار سيرت.شهيد الله بخش نمبر 17ـ 36.ماهه مئي 1995ع

## شهيد الله بخش سومرو

شهيد نانءُ پنهنجو ڇڏي هليو وئين،
ڌرتيءَ سان پنهنجو ناتو ڳنڍي هليو وئين،

تاريخ ۾ لکائي وئين ورق سون جا،
ڪرسي ۽ لوڀ لالچ ٺُڏي هليو وئين،

پنهنجن سان پيار خاطر ڌارين سان هو مهاڏو
سَرچاءَ ڪاڻ سڀ جي تڏي هليو وئين،

دودوي جو روپ ڌاري آئين"الله بخش"
سِر ساڻ سِر ملائي آڏي هليو وئين،

سامي اياز"ارڏا" آيا هزارين سنڌ ۾،
سي سڀ سچائي خاطر سڏي هليو وئين،

ارڏو اترادي۔ ڪنڌڪوٽ

# مددي ڪتاب


.1Khadim Hussain Soomro. Allah Bux Soomro Apostle of seenlarhar Second Edition 2002.

2. Gagat S Bright. Indian Natinalist No: 1 Mr. Allah Bux Soomro By Fist Edition 1943

3. Kivit Ram Malkani. Story of Sindh. First Edition 1984.

4. جي ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، جلد ٻيو ڇاپو ٻيو 1979ع

5. آزاد قاضي (مرتب) شهيد الله بخش سومرو شخصيت ۽ سياست، ڇاپو پهريون 2000ع

6. مهر عبدالحق سومرو (سنڌيڪار) عمر سومرو سومرا راڄ گهراڻو ڇاپو پهريون 2010ع

7. ڊاڪٽر عامر عباس سومرو: هند جي سنڌين جي ڪٿا، ڇاپو 2012ع

8. موتي سترام داس راموائي: رتن جوت، ڀاڱو ٻيو ڇاپو پهريون 1959ع

9. سائين جي ايم سيد: سنڌ ڳالهائي ٿي، ڇاپو پهريون 2009ع

10. عبدالواحد آريسر: ڳچي ڳانا لوهه جا، ڇاپو پهريون 2004ع

11. عبدالواحد آريسر: ڇا تہ شخص هو ڇاپو 2004ع

12. سيد سلمان ندوي: تاريخ سنڌ (حصو پهريون) اردو 1947ع

13. تاج جويو (سنڌيڪار) سنڌ ڪهاڻي ڇاپو پهريون 1991ع

14. روزاني اخبار "آزاد" ڪراچي، 26 جنوري 1947ع



# ٽل جو ڪمال ڪشش وارو ماڻهو...!

محبوب سومرو، جنهن جو پارڪو اندر هميشہ جهاتيون پائيندي جستجو ۾ گذريو آهي. ڪيترن ئي خوبين ۽ صلاحيتن جو مالڪ..... ٽل ۽ سنڌ جو درد هن جي سڃاڻ..... اها ئي هن جي تعارف جي باريڪ جهلڪ آهي. ٽل جو هي يگانو ساڃاهہ وند آهي، جنهن ۾ ڪل ڪيفيتون مڙيو گڏ ٿيل آهن. سنڌ جو درد ڏٺي تہ پاڻ هيوئي، قلم ڏٺي ٿيڻ هن لاءِ ڪهڙو مشڪل هيو، هي ڪتاب، هن جي لاڳيتي سوچن ۽ سالن جي جستجو جو ناياب نسخو آهي. سنڌ ۾ بي عمل ڏاهن ماڻهن جو لشڪر تمام گهڻو آهي، ان لشڪر ڪا ٽڪا ماندا سپاهي مجلسون ڏسندا تہ جلوه گر نظر ايندا، نہ تہ ڪل خير! پر محبوب سومرو نظرياتي لڏي جو عملي سپاهي آهي. ڦوهہ جواني کان هڪ قومي درد جو نشو هيو، جنهن هن کي خوب مخمور ڪيو. شاگردي وارو پورو زمانو قومي جدوجهد سان سلهاڙيل رهيو. سن جي قومي ڌارا ۽ ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ، هن جي ذهن تي وڏا اثر ڇڏيا. شعور جي ڏياتي هن جي اندر ۾ ٻرندي رهي، سنڌ جو درد ڪٿي بہ مليو هي ڊوڙندو آيو. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو پايو پيو تہ هي ٽل شاخ جو پهريون صدر ٿيو ۽ مرڪز ۾ بہ نمائندگي ڪيائين. شهري هلچل پنهنجي والد صاحب جي وفات بعد هن لي ورثي ۾ ملي. تعليم کاتي جي نوڪري کي الوداع چئي هن باقاعده شهري سياست ۾ پير پاتو. 2001ع جي بلدياتي چونڊن ۾ هي شهر جي يونين ڪائونسل جو ناظم ۽ ضلع ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. 2006 جي مقامي چونڊن ۾ سخت وڏيرڪي ميدان ۾، هي خالص مڊل ڪلاس جو نمائندو، پنهنجي ڪمال صلاحيتن ۽ خاص ٻيهڪ سبب تعلقي جو نائب ناظم ۽ تعلقہ ڪائونسل جو ڪنوينر چونڊيو.

ٽل ۾ هن جو ننڍڙو جنت نما آشيانو آهي، جيڪو ڇڙڪ اکين ۽ دلين وارن جو خاص مرڪز آهي. سنڌ جي عاشقن صادقن کان ٿيندي سياست جي هر قسم جي شهسوارن تائين، قلم، فن ۽ نظرين ۽ اکيچار خيالن ۽ ويچارن کان ٿيندي، مسئلن ۾ ڦاٿل ٻي پهچ ڪمزور ۽ هيڻن ماڻهن تائين هن جي ننڍڙي مرڪز سڀ جو هڪ ئي نظر سان آدرڀاءُ ڪيو آهي.

محبوب سومرو ۽ منهنجو تعلق پاڻ ۾، سڀ کان پهريائين پاڙيسرين جو پوءِ دوستن جو ۽ سڀ کان وڏيڪ قومي ڌارا جي همسفر ساٿين جو آهي. اسان رسي پرتا بہ آهيون ۽ پرچي رنا بہ آهيون، پر ڪڏهن پلجي بہ ڪي ويهہ واٽون ڪونہ ورتيون ۽ وري ڪنهن ينيبي خوشبو جي مستيءَ ڪنهن موڙ تي جڏهن ملايو تہ، وري بہ گڏجي اهو ئي سوچيو سيئن تہ "هن سنڌ جو آخر ڇا ٿيندو."

**اصغر سجاڳ**

جديد سنڌ جي قومي سوال شهيد الله بخش سومرو

تحقيق ۽ ترتيب: محبوب علي سومرو

MS Publication

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوائ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿئن جٿئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٿي ڇپائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)